8

# شعُور

روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

ڊاڪٽر محبت ٻُرڙو

سي پي سي ايس
سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
cpcs.sindh@hotmail.com



# شعُور

ڊاڪٽر محبت ٻُرڙو

CPCS

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | شَعُور |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | ڊاڪٽر محبت ٻرڙو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | فيبروري 2008 ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | اسي روپيا |

All Rights Reserved

| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Shaoor |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-8 |
| **Authored by**: | Dr. Muhabbat Buriro |
| **Year**: | February - 2008 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.



## ارپنا

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي باعمل شاگرد،
ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ جي باني اڳواڻ،
علم، ادب، تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ،
نوجوان ۽ سڄاڻ ليکڪ،
ساٿي، دوست، ڀاءُ
مانواري ستار هڪڙي جي نالي.

”ڪنهن ڪنهن ماٺوءَ منجهه، اڃي ٻوءِ بهار جي.“

– رياضت ٻرڙو

# سٿاءُ


| | | |
|---|---|---|
| | ليکڪ جو تعارف | 07 |
| ٻه اکر | رياضت ٻرڙو | 16 |
| باب پهريون | سمجھ ڇا کي چئجي ٿو؟ | 19 |
| | سمجھ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي؟ | 19 |
| | ٻار روئي ڇو ٿو؟ ته ڪيئن ٿو ٻيئي؟ | 21 |
| باب ٻيو | ماڻهوءَ راڄ ڪيئن نهيو ۽ ان ۾ سمجھ ڪيئن وڌي؟ | 30 |
| باب ٽيون | ڇا ٻوليءَ کان سواءِ ڪا ٻه سوچ، ڪا سمجھ ٿي سگهي ٿي؟ | 36 |
| باب چوٿون | سمجھ وسيلي ماڻهو ڇا ٿو ڪري؟ | 40 |
| باب پنجون | سمجھ حقيقت ۾ ڇا آهي؟ | 46 |
| باب ڇهون | حياتي ڇا آهي؟ | 48 |
| باب ستون | احساس جون واٽون ڪهڙيون آهن؟ | 57 |
| | ـ ڏسڻ جو حواس | 59 |
| | ـ ٻڌڻ جو حواس | 59 |
| | ـ ڇهڻ جو حواس | 60 |
| | ـ سنگهڻ جو حواس | 60 |
| | ـ چکڻ جو حواس | 61 |
| باب اٺون | سوچ جون واٽون اسان جي دماغ تائين ڇا تيون پهچائن؟ | 63 |
| باب نائون | غلط سوچ جو ٿي نهي؟ | 72 |
| | ـ آسمان (اُڀ) ڇا آهي؟ | 72 |
| | ـ سج ۽ چنڊ بابت غلط سوچ | 73 |





| | | |
|---|---|---|
| | ـ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ | 73 |
| | ـ تارا ـــــــ لوهي تڪ | 74 |
| | ـ ڌرتي | 75 |
| | ـ ٻه دنيائون | 77 |
| | ـ جهڙ، مينهن، ڳڙو ۽ اوتر، آنڌ ماري | 77 |
| | ـ ”ساھ“ ڇا آهي؟ | 78 |
| | ـ ديوي ۽ ديوتا جو تصور ڪيئن نهيو؟ | 80 |
| باب ڏهون | ”ڀڳوان“، ”ڏٽي“، ”ديو“، ”ديوتا“ | 85 |
| | ـ ”ڀڳوان“ ڇا آهي؟ | 85 |
| | ـ ڏٽي ڇا آهي؟ | 85 |
| | ـ ”ديو“ ڇا آهي؟ ”ديوتا“ ڇا آهي؟ | 86 |
| باب يارهون | ماڻهوءَ جا هٿ نهيا ٻي ساھ عضوا | 98 |
| باب ٻارهون | ماڻهوءَ جو دماغ: ڳتيل، منظم، جيئرو مادو | 102 |
| باب تيرهون | جيڪڏهن سماج نه ٿي ها، ته ڇا سوچ (سمجھ) نهي سگهي پئي؟ | 114 |
| | ـ جبلت ۽ عادت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ | 115 |
| | ـ اهي ڪهڙا سبب آهن جو ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو ماڻهو ٿي سگهيو؟ | 120 |
| باب چوڏهون | روحاني خوشي ڇا آهي؟ | 126 |
| باب پندرهون | سمجھ جو مادي تي اثر | 140 |
| | ـ ڇا سمجھ جو مادي تي ڪو ٻه اثر نه ٿو پوي؟ | 140 |

تعارف:

# ڊاڪٽر محبت برڙو

ڊاڪٽر محبت برڙو همہ گير شخصيت جو مالڪ ۽ سنڌ جو هڪ لائق سپوت هو. جيڪو هڪ ئي وقت سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، اديب، مترجم، محقق، سياسي-ادبي-سماجي-لسانياتي-تحقيقي تنقيد نگار، صحافي، ايڊيٽر، 'استاد'، ڊاڪٽر، اتساهڪ ڪردار، ڏرتيءَ، ڏرتيءَ واسين ۽ ماڻهپي سان پيار ڪندڙ ۽ انساني چڱاين ۾ يقين رکندڙ شخص هو. هُو حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجي نالي جو مفهوم رکندڙ انسان هو.

ڊاڪٽر محبت علي ولد شوڪت علي برڙو 25 مارچ 1952ع تي قنبر شهر ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم 64-1959ع دوران گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول قنبر مان، مئٽرڪ 69-1964ع دوران ميونسپل هاءِ اسڪول قنبر مان ۽ انٽر سائنس (پري ميڊيڪل) 71-1969ع دوران گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان امتيازي حيثيت سان پاس ڪئي، ۽ ايل ايم سِي مان گريجوئيشن (ايم بِي بِي ايس) 79-1972ع دوران ڪئي، جنهن کان پوءِ 82-1980ع دوران ڪئپٽن ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪمپلسري ملٽري سروس ڪئي، جنهن دوران هُو گلگت، اسڪردو ۽ ڪوئٽا ۾ بہ رهيو. پنهنجي آزاداڻي طبيعت سبب ڊاڪٽر محبتَ ڪئپٽن ڊاڪٽر جي عهدي تان مستعفي ٿي موٽي آيو. هن 1983ع ۾ ميلِوِن جونس



بلڊ بئنڪ ڪراچيءَ ۾ ۽ 84-1983ع دوران دَ آغا خان چيريٽيبل ڊسپينسري ڪراچيءَ ۾ پرائيويٽ نوڪري ڪئي، پر سنت ئي قنبر هليو آيو تہ جيئن پنهنجن غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪري سگهي. 1984ع کان 1997ع ۾ وفات تائين، ڊاڪٽر محبت برڙي جنرل ميڊيڪل پرڪٽشنر طور "**لطيف ڪلينڪ**" تي، قنبر جي باگي ديري محلي، گوپانگ محلي ۽ علي خان محلي ۾ ڊاڪٽري ڪئي.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ مطالعي ڪي اريپندڙ ڊاڪٽر محبت برڙو پنهنجي تڪڙي مطالعاتي رفتار ۽ ذهين هئڻ ڪري ڪتابن مان ڪم جا نُڪتا جَهٽي وٺندو هو ۽ بيان ڪيل ڳالهہ وغيره جي تهہ در تهہ خيال تائين رَسائي حاصل ڪري سگهندو هو. اها ئي ڳالهہ سندس پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي سگهہ ۾ بہ سمايل هئي، جنهن کيس سٺو محقق ۽ گهڻ پاسائون تنقيد نگار بنجڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي. هن 1971ع کان مختصر ڪهاڻيون، طنز مزاح جا ليک ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. پوءِ ڊاڪٽر محبت مسلسل ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ۽ مضمون لکيا ۽ چوند ڪتاب ترجمو ڪيا. ساڳئي وقت هُو "سنڌي" پبليڪيشن ڄامشوري ('سنڌي ڊائجسٽ') جِي انين ۽ نائين ڪڙيءَ جي مُرتبن ۾ شامل (اسسٽنٽ ايڊيٽر) ۽ ڇپرائيندڙ رهيو. 1977ع ۾ هُو "سنڌي شاگرد پبليڪيشن" جو ايڊيٽر ۽ "انجيڪشن پبليڪيشن" ڄامشوري جو ٻانهن ٻيلي ۽ ڪاتب رهيو. جن ۾ هن قلمي نالن سان ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. هُو "رهبر ڊائجسٽ" حيدرآباد سان سهڪار ڪندڙ رهيو. هن قنبر ۾ 1978ع ۾ "ڏاهپ ڪتاب گهر قنبر" نالي پبلشنگ اداري جو بنياد رکيو.

ٻوليءَ جي جهيڙن ۾، جڏهن سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو، تہ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگرانيءَ ۾ لائبريريءَ جو ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو. ڊاڪٽر محبت پنهنجي دوست منصور عالم سان گڏجي سج لٿي کان پوءِ ڪيترائي ڪلاڪ روزانو ويهي، پنهنجن خوبصورت اکرن سان ڪتابن جا اعزازي طور ڪئٽلاگ لکي، ان ڪم ۾ هٿ ونڊايو.

ڊاڪٽر محبت برڙي 76-1974ع دوران "گلن جهڙا ٻارڙا سنگت قنبر" جي سرپرستي ڪئي، جيڪا سندس صلاح سان ڀائو درمحمد برڙي قائم ڪئي هئي. هر هفتي ٻارڙا سنگت جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻَ ۽ ٻارن کي تربيت ڏيڻَ لاءِ ڊاڪٽر محبت ڄامشوري کان قنبر ايندو هو. سندس ان عمل سان قنبر ۾ ترقي پسنديءَ جي پهرئين سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي دَور جي شروعات ٿي. ان ئي تسلسل هيٺ 1977ع ۾ هُو سماجي ڀلائيءَ جي تنظيم "قنبر ويلفيئر

ايسوسيئيشن“ جو باني ميمبر بہ رهيو.

1976ع ۾، ڊاڪٽر محبت برڙي جي سياسي سرگرمين جي ابتدا ايل ايم سي ۾ ”سنڌي شاگرد تحريڪ“ (س ش ت) جو يونٽ کولڻ ۽ ان جو ميمبر ٿيڻ سان ٿي، جنهن جو هُو 1978ع تائين باني سيڪريٽري رهيو. اتي هُن سياسي تعليم جو ڪم سرگرميءَ سان ڪيو جن ۾ خاص طور سماجي، سائنسي، علمي، جدلياتي ۽ فڪري موضوعن تي ڏنل سندس ليڪچر ڌيان لهڻن ٿا. 79_1978ع دوران ڊاڪٽر محبت سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌ جو پهريون ۽ چونڊيل مرڪزي صدر رهيو. هيءُ دَور سندس لکڻ بدران مطالعي سميت عملي ڪم جو هو. جنهن ۾ مٿس سياسي ڪيسَ بہ داخل ڪيا ويا. ڄامشوري ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر محبت عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ ان جي ٺهيل ”مرڪزي تعليمي ڪاميٽيءَ“ جو بنيادي ميمبر بہ رهيو، جنهن ۾ هن 50 کان وڌيڪ موضوعن تي، 500 کان وڌيڪ ليڪچرَ سنڌ جي مختلف يونٽن ۾ ڏنا، جن تنظيم اندر سياسي سجاڳيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو.

قنبر ۾ هُن اڏ ۾ ڇڏيل تحريري ڪم کي ٻيهر شروع ڪيو ۽ 1988ع ۾ سياسي_تنقيدي ادب جو شاندار ڪتاب ”**...جيڪو سچ چوي**“ قلمي نالي ’**لطيف ۽ سچڻ**‘ سان لِکيو. ”...جيڪو سچ چوي“ جو آخري باب ”**هٽ وڏايو --- سنڌ بچايو**“ نالي سان الڳ ڪتابي روپ ۾ 1988ع ۾ ڇپيو. ساڳئي عرصي ۾ ڊاڪٽر محبت جا مٿين ٻن ڪتابن کان سواءِ هيٺيان مختصر ڪتاب ڇپيا:

1. ’سنڌي ٻوليءَ جو دشمن نمبر پهريون ڪير؟‘ ۽ ’سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو سنڌ تي ميري نظر رکي ٿو‘ (درحقيقت ”...جيڪو سچ چوي“ ڪتاب جا آخري بہ باب الڳ ڪري ڇپرايل)
2. ’شهيد فاضل راهو ۽ سندس پارٽي‘ (1988ع. قلمي نالو: **لطيف**. عوامي تحريڪ ۽ ان سان واسطيدار مختلف تنظيمن جي مختصر ڄاڻ)
3. ’ڄاٽي سڄاٽي ويهان ڪيئن ماٺ ڪري‘ (مارچ 1988ع. قلمي نالو: **سچڻ**. وطن دوست پارٽيءَ جو سياسي تجزيو)
4. ’سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي‘ (مارچ 1988ع. قلمي نالو: **سچڻ**)
5. ’ڇا ايم ڪيو ايم_پ پ ناهر سنڌي ماڻهن خلاف خوفناڪ، تباهہ ڪندڙ ۽ موتمار سازش ناهي؟‘ (جنوري 1989ع. قلمي نالو: **مهراڻ مگسي**. نام نهاد ’ڪراچي ناهہ‘ جو تجزيو)



6. ’پ پ پ حڪومت جا پهريان ٽيهہ ڏينهن‘ (1989ع. قلمي نالو: **مهراڻ مگسي**)
7. ’سنڌيو سڄاڳ ٿيو: سنڌ دشمن ۽ سنڌي دشمن سازشن کان هر گهڙي خبردار رهو‘ (1989ع. قلمي نالو: **مهراڻ مگسي**)
8. ’سنڌي مار سورما‘ (فيبروري 1990ع. قلمي نالو: **لطيف ۽ سچڻ**. ضياء دَور ۾ ”جساف“ جي ڪارنامن جو مختصر ذڪر)

جڏهن تہ ڊاڪٽر محبت هڪ ڪتاب ’**سنڌين جا اتحاد**‘ 1990ع ۾، 200 عدد صفحن تي مشتمل لکيو، جنهن ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وارن 40 سالن دوران ٺهيل/ڪيل سنڌي سياسي پارٽين جي اتحادن جو جائزو ورتو ويو. پر اهو ڪتاب ڇپجي نہ سگهيو.

1990ع کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ان کان سواءِ سياسي صورتحال تي مضمونَ لکڻ ۽ ترجما ڪرڻ، مختلف علمي مقالا ۽ مضمونَ لکڻ ۽ ترجمو ڪرڻ، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازي ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ، ان جي لفظن ۽ گرامر تي تحقيق ڪرڻ، علمي ليڪچر ڏيڻ ۽ سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندس اهو ڪم تمام گهڻو، گهڻ طرفو ۽ ڳُوڙهو آهي. سياسي سرگرمين کان پوءِ ڊاڪٽر محبت جي اها هڪ اهم ۽ پائدار پيش رفت هئي، جنهن کيس سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ هڪ نئون ۽ پائدار تعارف ڏنو. هتي سندس تحريري ڪم ۽ سرگرمين تي مٿاڇري نظر وجهون ٿا:

## کجھ تخليقي سياسي مضمون

1. سنڌ ۾ موجود ڏارين جون لوڏون ۽ ٻوڙي سرڪار جي خاموشي
2. سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيراشاهيءَ جو منفي ڪردار
3. سوويت يونين کان پوءِ دنيا ڪٿي بيٺي آهي؟
4. پاڪستان ۾ جمهوري قدرن کي پائدار ڪيئن بنائجي؟
5. سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ دڙڪي واري سياست
6. سنڌ جون گهڻ گهريون ترريون دهشتگردن کي ڪيئن منهن ڏين؟
7. رياست جي ٻُڻ بابت نظريا
8. سنڌ جي سالميت ۽ ايم ڪيو ايم
9. سنڌ ۾ سياسي گهوٽالو ۽ وطن دوست ڌُر جي ضرورت
10. عوامي تحريڪ ۽ پليجو گروپ
11. سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ

12. سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازشن جو تاجي پيٽو

ٻيا انيڪ مضمونَ، جيڪي ”جاڳو“، ”عوامي آواز“، ”هلال پاڪستان“، ”سنڌ“، ”الوحيد“ ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپيا.

## ترجمو ڪيل سياسي مضمون

1. ڪئناڊا ايڪئل رهڻ جي اميد رکي ٿو (ليکڪ: اظهر علي)
2. سنڌ مسئلن جي حقيقي صورتحال ڇا آهي؟ (ليکڪ: اقبال جعفر)
3. سويت يونين کان پالهي ڌرتي (ليکڪ: مشتاق احمد)
4. آيت الله جو پوٽ (ليکڪ: فريڊ هاليڊي)
5. ماسڪو ۾ ڊپ ۽ ڀُل (ليکڪ: جوناٿن اسٽيل)
6. پِي اين اي تحريڪ: ابتدا ۽ انتها (ليکڪ: منير احمد)
7. احمد شاهه ابداليءَ جون سنڌ تي ڪاهون (ليکڪ: عزيزالدين احمد)

ٻيا ڪيترائي ترجمو ڪيل سياسي مضمونَ.

## سياسي ڪتاب (تخليقي ۽ ترجمو)

1. چين مٿان ڳاڙهو تارو (ليکڪ: ايڊگر سنو. هڪ باب هفتيوار ”سنڌُو“ ۾ ڇپيل)
2. اٽڪ قلعي کان (ڇپيل مئي 1990ع. 181 صفحا. ليکڪ: ميجر آفتاب احمد)
3. ڇا اسين گڏ رهي سگهون ٿا؟ (ليکڪ: پروفيسر عزيزالدين احمد. ٻه باب ”جاڳو“ ۾ ڇپيل)
4. ايم ڪيو ايم ڪِي دهشتگرد سياست (اردو. لڳ ڀڳ 500 صفحا. اڻ ڇپيل)
5. سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ ۽ ايم ڪيو ايم جي پٽيشن جو ترجمو (اڻ ڇپيل)

## تخليقي مقالا ۽ مضمونَ

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ٻيا مضمونَ ’مواد سهيڙيو مهم‘ هيٺ لکيل)
2. ٻول گهاڙيتو
3. سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي
4. هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ
5. ضميري پڇاڙيون ۽ صحيح سنڌي ٻولي
6. جامع سنڌي لغات جو جائزو. پهرئين جلد جي حوالي سان پهرئين پڙهٽي.
7. الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ ___ ڪجه اعتراض ۽ انومان
8. استدلال جو اهو طريقو غلط آهي



9. ڀُونچاٽي ڪئلينڊر بابت بنيادي ڄاڻ
10. ماڻهو ۽ ماڻهپو
11. زندگي کهڙن ڪمن ۾ گذريو وڃي
12. انساني حق ___ مختصر تاريخ
13. ماڻهوءَ جهڙو جانار ۽ ماڻهو
14. ماڻهوءَ ۽ سندس آڳيتن (پروسِيڊرس) جي ارتقا (اڻ ڇپيل)
15. خاڪن جو خاڪو

## ترجمو ڪيل تحقيقي مقالا ۽ مضمونَ (مختلف سبجيڪٽن سان واسطيدار)

1. آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين ___ سنڌ جون ٻوليون (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
2. چار هزار ورهيه ق م ___ سنڌ جي ٻولي (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
3. سنڌ ۾ نئين پاٿر (نوپهٽي) ڄمار (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
4. سنڌ جا شهر ۽ وَسنديون (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
5. سنڌ ۾ ماڻهو (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
6. ڀُونچاٽي ڪئلينڊر (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
7. ٿر ۽ ڪوهستان رٽن جا وڻ ٽڻ ((ليکڪ: مسز فرزانه پنهور)
8. سنڌ ۾ زرعي-آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
9. پاڪستان ۾ سنڌ جي معاشي ڦرلٽ (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
10. ٻوليءَ ۾ ڦيرقار جي اڀياس لاءِ مکيه ٻوليئاڄاٽي وٽڪن جي چونڊ (ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو)
11. ڪميونيڪيشن ميڊيا جو استعمال (اڻ ڇپيل. ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو)

ان کان سواءِ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي پِي ايڇ ڊِي ٿيسز جي پنجين باب جو ترجمو ڊاڪٽر محبت ڪيو، پر پوءِ ترجمي جو ٿاهه ختم ڪيو ويو.

## تخليقي ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب

1. انقلاب (ليکڪ: جارج آرويل. ناول جو اختصار)
2. جدلي ماديت جا اصول (ترجمو. وفات کان پوءِ قسطوار ڇپيل)
3. پڙهجي ڪيئن؟ (ترجمو. پبلشر وٽان مسودو گم ٿيل)
4. شعور (180 صفحا. فيئر ڪيل اسڪرپٽ پبلشر وٽان گم ٿيل. پهرئين مسودي تان ڪتاب وفات کان پوءِ ڇپيل)

5. ٻول جو ٻُڻ (200 صفحا. اڻ ڇپيل)
6. ٻوليءَ جو ٻُڻ (191 صفحا. وفات کان پوءِ ڇپيل)
7. ڌرتي منهنجو گهر (200 صفحا. ٻہ باب ڇپيل)
8. ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (ليکڪ: ايم ايچ پنهور. ڪجه باب ڇپيل)
9. سورس مٽيريل آن سنڌ (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
10. ڪوٽيشنس/اقتباسات (ترجمو. 250 صفحا. ڪجه اقتباس ڇپيل)

هُن پنهنجي ننڍي ڀاءُ رياضت ٻرڙي جي مختصر سائنسي معلوماتي ڪتاب "سائنسي معلومات" جي تصحيح ڪئي ۽ سندس ٻين ڪيترن ئي مضمونن تي نظرثاني ڪئي.

ڊاڪٽر محبت کي ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد پاران مضمون نويسيءَ جو "**ڪينجهر ادبي ايوارڊ**" 1994ع، سندس لکيل تحقيقي مقالي "جامع سنڌي لغات جو جائزو" تي ڏنو ويو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو 92-1991ع ۾ روزاني "جاڳو" ڪراچيءَ جو قنبر تعلقي لاءِ نمائندو رهيو.

ڊاڪٽر محبت "سٽيزن (ويلفيئر) ڪاميٽي قنبر" جو باني ميمبر ۽ سيڪريٽري 94-1993ع دوران رهيو، جنهن ۾ خاص طور ميونسپل ڪاميٽيءَ جي ڪارگذارين جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي، قنبر شهر جي صفائيءَ سٿرائيءَ لاءِ اپاءَ ورتا ويا. هو "ڪاميٽيءَ" جي مختلف پروگرامن کي عملي روپ ڏيندڙ ساٿين مان هڪ هو.

هُو 1989ع ۾ "موهن جو دڙو سائنس ڪلب قنبر" کان 1997ع ۾ وفات تائين "ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر" سان لاڳاپيل ۽ ان جي فڪري اڳواٽي ڪندڙ رهيو، جنهن پاران هن ڪجه ليڪچر بنيادي سائنسي موضوعن تي ڏنا ۽ "اڪيڊمي" پاران 1992ع ۾ ٽن مهينن تائين روزانو "انگلش ٽيچنگ پروگرام" ۾ رضاڪار ٽيوٽر رهيو. ان کان سواءِ اڪيڊميءَ جي سائنسي پبليڪيشن سلسليوار "سائنسي سوچ" جو نگران رهيو.

ڊاڪٽر محبت 1994ع ۾ "سنڌ فورم فار اِنٽيگريٽيڊ ڊولپمينٽ حيدرآباد" سان لاڳاپيل رهيو ۽ ان فورم جي گڏجاڻين ۾ هن سرگرميءَ سان حصو ورتو.

هُن "هيومن رائيٽس ڪانفرنس" لاڙڪاڻي ۾ خصوصي طور هڪ مضمون انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ "انساني حق --- هڪ مختصر تاريخي خاڪو" پڙهيو.



سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ سان ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ويجهڙائي رهي. سنگت قنبر جي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ وقتاً فوقتاً شريڪ ٿيندو ۽ پنهنجون مفيد صلاحون ڏيندو رهيو. هو سنگت قنبر جو 1995ع ۾ ميمبر ٿيو ۽ سنگت قنبر پاران هن "سنڌي ٻوليءَ جا آواز" موضوع تي ليڪچر ڏنو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جن مختلف قلمي توڙي اصلي نالن سان لکيو، تن ۾ هي نالا شامل آهن: محبت، محبت علي، م. ع.، ساجد، ساجد اجيد، سجاد قنبروي، قنبروي، لطيف، سڄڻ، سڄڻ ٻرڙو، مهراڻ مگسي ۽ محبت ٻرڙو.

هن عالم، اڻ مُلهه ۽ محبتي شخص ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات دل جي دَوري سبب، 9 اپريل 1997ع تي، اربع ڏينهن، منجهند جو ٻي وڳي ڌاري، قنبر ۾ واقع پنهنجي گهر ۾ ٿي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات کان پوءِ سندس ويجهن دوستن ۽ شاگردن، سندس ياد ۾، "ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر" جو نالو تبديل ڪري "**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي**" رکيو، جنهن جي منشور ۾ هڪ نُڪتو ڊاڪٽر محبت جي سموري تقريري ۽ تحريري مواد کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ بہ هيو. اڪيڊمي پاران هر سال سندس ورسي ملهائي ويجي ٿي. ان موقعي تي ڊاڪٽر محبت جو ڪتاب پڻ ڇپرايو ويندو آهي. سال 2000ع ۾ ڊاڪٽر محبت جو هڪ ڪتاب "سنڌيڪا اڪيڊمي" ڪراچيءَ ڇپرايو. 2002ع کان وٺي، ورسيءَ جي موقعي تي، چونڊ علمي، ادبي ۽ سماجي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ نمايان شخصيتن کي "ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ايوارڊ" پڻ اڪيڊمي پاران ڏنا وڃن ٿا.

ڊاڪٽر محبت جي وفات کان پوءِ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن:
1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (1998ع)
2. ماڻهو ۽ ماڻهپو (1999ع)
3. اچو تہ پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (2000ع)
4. يادون ۽ سُڪون (2001ع)
5. ٻوليءَ جو ٻُڻ (2002ع)
6. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (2003ع)
7. شعور (2004ع)
8. موسيٰ کان مارڪس تائين (2005ع)
9. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام (2006ع)

10. ٻول جو ٻڻ (2007ع)
ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا گهٽ ۾ گهٽ 10 کن ٻيا بہ ڪتاب اڻ ڇپيل ٿيندا، جيڪي اميد تہ هوري هوري ڇپجي پڌرا ٿيندا.



# ٻہ اکر

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات کان پوءِ، جن ڪتابن بابت خصوصي طور، مون سوچيو هو تہ اهي وقت سر ڇپرائي پڌرا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، تن ۾ هي ڪتاب ”**شعور**“ پڻ شامل آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت ٻرڙي 88_1987ع ڌاري لکي پورو ڪيو ۽ ستت ئي پوءِ ان کي سوڌي سنواري هڪ فيئر ڪاپي لکي، جيڪا 180_کن صفحن تي مشتمل هئي، ۽ پوءِ اها ڪاپي پنهنجي هڪ ساٿي پبلشر کي ڇپڻ لاءِ ڏني، پر ان ساٿي پبلشر اهو اهم مسودو پنهنجيءَ لاپرواهيءَ سبب گم ڪري ڇڏيو! جيئن تہ ڊاڪٽر محبتُ مالي مسئلن سبب مسودن جون فوٽو ڪاپيون ڪرائي پاڻ وٽ رکي نہ سگهندو هو، جنهنڪري هن ڪتاب جي پڻ وٽس ڪا فيئر ڪاپي موجود نہ رهي ۽ ايئن هيءُ ڪارائتو ۽ چاڻ ڀريو فلسفي جو ڪتاب نہ صرف ڇپجڻ کان رهجي ويو، پر پنهنجيءَ نئين مڪمل صورت ۾ اهو ڪن اڻڄاتل هٿن جي وَر چڙهي ويو. وقت گذرندو ويو ۽ وقت گذرندي ڊاڪٽر محبت بہ گذاري ويو. ڊاڪٽر محبت جي وفات (9_اپريل 1997ع) کان پوءِ جڏهن مون سندس لکيل مواد (ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل) کي سهيڙڻ جا اپاءَ ورتا، تہ هن ڪتاب جي ٻهرين لکيل رف ڪاپي مون کي سندس ڪاڳرن مان ملي ۽ مون ان کي غنيمت سمجهندي سنڀالي ورتو. اهو مواد، ڪنهن خاص تبديليءَ کان سواءِ، اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي. هن مواد جي پيشڪش ۾ مون اها ڪوشش ڪئي آهي تہ مختلف عنوانن ۽ بابن کي صاف ڪري پيش ڪجي، 1988ع کان 2004ع تائين پيدا ٿيل وٿيءَ کي وس پُڄَي محسوس نہ ڪرائجي (البت ”ڊولي“ رڌ جي ڪوٺ، هڪ مثال طور، پيش نہ ٿي سگهي، ان جو افسوس رهندو). مواد ۾ بنهہ ٿوري، پر ضروري ايڊيٽنگ پڻ ڪئي اٿم، جنهن جي مون کي پڪ آهي تہ اها اڻٽر هئي.

ممڪن آهي تہ هيءُ ڇپيل ڪتاب ڏسي، اهو ساٿي جنهن وٽ هن ڪتاب جو اصل مسودو موجود هوندو، پنهنجي ضمير ۾ ڪا ڇهنڊي محسوس ڪري، پر مان ڪيس گذارش ٿو ڪريان، تہ هُو اهو مسودو اسان کي ڏئي تہ جيئن **"شعور"** جي ٻئي ڇاپي ۾ اها سنواريل ڪاپي ڇپي پڌري ڪري سگهون ۽ سندس ڇهنڊيءَ جي ڇيڪي کي مٽائي سگهون.

رياضت ٻرڙو
20اپريل 2004ع،
قنبر



"ڪو بہ ماڻهو سنڌي ان ڪري آهي جو سندس ۾ سندس وڏن جو ناتو سنڌي قوم جي ماڻهن سان آهي. هُو سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت، سنڌي مفاد، سنڌي تاريخ، سنڌي ڪردار ۽ سنڌي پنهنجائپ جو هڪ جز آهي، ان ڪري ئي اسان کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا گڏيل مفاد وڏيڪ پيارا آهن. ان ڪري ئي اسان جي چال چلت، اُٺا ويٺي، رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، وندر ورن مان سنڌي ثقافت جو اظهار ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪو بلوچ، پختون، سرائيڪي، پنجابي، ويٽنامي، فرانسي، جرمن، انگريز وغيره ان ڪري آهي جو اهي پنهنجي پنهنجي وطن ۽ قوم سان واسطيدار آهن. سنڌ ۽ سنڌيءَ مٿان جيڪڏهن ڪو پنجابي پنهنجو بالادست، حاڪم، ڦورو مفاد ٿاڦڻ چاهيندو تہ ظاهر آهي تہ سنڌي ماڻهوءَ جو ان سان ٽڪراءُ ٿيندو. جيڪڏهن ڪو ٽولو پنهنجو اهڙو "گنگا-جمني" يا "لشڪري" مفاد سنڌ ۽ سنڌين مٿان مڙهڻ گهرندو تہ ظاهر آهي تہ سنڌي ماڻهن جي ساڻس ويڙهہ ٿيندي. اسين ڪنهن کان بہ رنگ، نسل، ٻوليءَ، مذهب وغيره جي بنياد تي نفرت نہ ٿا ڪيون. اسان جو دوست پورهيت عوام آهي، تنهنڪري ئي ويسرا پورهيت پسي لطيف جا ڪاهوڙي ڪِجن ٿا. اسين سنڌي آهيون ديس جي حوالي سان ۽ سڄيءَ دنيا جا پائر آهيون پورهيت پائپيءَ جي حوالي سان، ان ڪري ئي اسين دشمن آهيون هر ان ماڻهوءَ، ٽولي يا طبقي جا، جيڪو پنهنجا ناجائز ڦورو ۽ ڏاڙيل مفاد ڪنهن بہ مذهب، شريعت، سياست يا نڳيءَ جي آڙ ۾ يا زبردستي اسان جي مٿان، دنيا جي پورهيت عوام جي مٿان مڙهڻ گهري ٿو. ڦرلٽ جو نظام انسانيت کي، انسانذات کي، انساني ذهن کي، فطرت جي ڪجهہ حصي کي فنا ڪرڻ گهري ٿو، ان ڪري اسين ڦرلٽ جو نظام مِٽائي، اهو نظام قائم ڪرڻ گهرون ٿا جنهن ۾ سلڇڻائي، سيبتائي، سچائي، سورهيائي، سڄاڻ، سوجهرو ۽ سونهن هجي."

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# باب پهريون

## سمجهه ڇا کي چئجي ٿو؟

ڄاڻ، سڄاڻ، سوچن، سڌُن، عقل، عقيدي، احساس، ارادن، خيالن، خواهشن، تصورن، تات تانگهه، سڪ ساڃاهه، جذبن، ذهانت، ذڪاوت، ويساهه، وهم، اميدن، امنگن جو گڏيل نالو آهي **سمجهه**. هن لاءِ اردوءِ ۽ عربيءَ ۾ **شعور** ڪتب ايندو آهي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪانشِيَسنيس (Consciousness). ڪڏهن ڪڏهن روح (اسپرٽ sprit يا سائول soul) بہ ساڳيءَ ئي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي، ڇو تہ ڪيترن ئي ماڻهن جي ويساهه موجب بُت ۾ جڏهن روح هجي ٿو تڏهن ئي اهو سوچي، سمجهي، ڄاڻي، سڃاڻي سگهي ٿو، نہ تہ بوتو بي مقصد ۽ بي جان آهي، تنهنڪري ئي سوچ سمجهه کي روحاني عمل بہ سڏيو ويندو آهي.

### سمجهه ڪيئن ٿي پيدا ٿئي؟ :

ماڻهوءَ ۾ سمجهه ڪيئن پيدا ٿي؟ جڏهن کان ماڻهو موجود آهي تڏهن کان ان ۾ سمجهه موجود آهي يا ان کان اڳ بہ هئي؟ ماڻهوءَ جي مري وڃڻ کان پوءِ بہ ڇا ان ماڻهوءَ جي سمجهه وجود رکي سگهي ٿي؟ ڪيئن رکي سگهي ٿي؟ ڇا ماڻهوءَ کان سواءِ سمجهه ٿي سگهي ٿي؟ سمجهه ماڻهوءَ جي ڳيجهو آهي يا ماڻهو سمجهه جو؟ ڇا سمجهه کان سواءِ ماڻهو ٿي سگهي ٿو؟ ماڻهوءَ ۾ جيتري سمجهه اڳ هئي هاڻي بہ اوتري آهي يا اها وڌي، ويجهي ٿي ۽ اسرندي رهندي؟، وغيره.

اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ لاءِ اچو تہ ماڻهوءَ جي ٻار کي جاچيون. في الحال اسين، مثال طور، اڄوڪي زماني جو ماڻهو سوچيندا سون، جيڪو سياڻو آهي، سيبتو آهي، اڳ پوءِ ڏسي وائسي ٿو، گهڻو ڪجهه سوچي سمجهي ٿو هزارين مامرا پرکيا، پروڙيا ۽ پرجهيا اٿائين، لکين کوجنائون ۽ اڀياس ڪيا اٿائين، تجربن، تنقيدن،



مشاهدن ۽ معاملن مان ٽپندو رهي ٿو. اڄوڪو ماڻهو جيڪو پنهنجي ماحول جو هر طرح ٻاندي ناهي، گهڻو ڪجهه آزاد آهي، جنهن پنهنجي جياپي، جيءَ جي سهولت ۽ سرور لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي، جنهن گوناگون تاريخ ڏني آهي، رنگا رنگ تهذيبن کي جنم ڏنو آهي، جنهن شيل شڪار ڪيا، ڍور ڍڳا پاليا، پوکيءَ پالنا ڪئي، جيڪو مشينون ڦيرائي ٿو، جهاز اُڏائي ۽ تاري ٿو، جيڪو پاتال ۾ پيهي سپون سوجهي ٿو، ڌرتيءَ جو ڏن ظاهر ڪري ٿو، باغ بستان ۽ عمارتون اڏي ٿو، بسون، ڪارون، فونون، ٽيوِيون، ريڊيا، ريلون، رستا، راڪيٽ وغيره ٺاهي ٿو، جيڪو پولار ۾ سڄو جڳ جهان ڇاڇولي ٿو، جنهن وٽ ڪروڙين ڪتاب، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن، جيڪو سڌريل ۽ سڀاڃهو آهي...

جڏهن ماڻهوءَ ٻالڪ ڄمي ٿو تڏهن:

- ڇا وٽس سمجهه آهي؟
- ڇا وٽس ٻولي آهي؟
- ڇا وٽس ڪو جذبو اتساهه، وهم، ويساهه، عقيدو ايمان، ڪا دين ڌرم جي ڳالهه آهي؟
- ڇا هو سوچي سگهي ٿو؟
- ڇا هو ڪم ڪري سگهڻ جهڙو آهي؟
- ڇا هو پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ جهڙو آهي؟
- ڇا هو پنهنجي جياپي لاءِ ڪجهه ڪري سگهي ٿو؟
- ڇا هو ڪا ڏِيا، ڪا ڏاهپ رکي ٿو؟

هر هڪ ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو تہ هو پنهنجي ماءُ پيءُ، گهر، ماحول، قدرت آڏو بيوس ۽ لاچار آهي، ذات ۽ ڏاهپ تي سوچ ويچار ڪرڻ تہ پري جي ڳالهه، هن وٽ تہ ڪا اهڙي لياقت بہ ڪانهي جو ويندي رڳو پنهنجو پاڻ کي جيئرو رکي سگهڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهي. جيئرو ئي نہ هوندو تہ سوچيندو سمجهندو وري ڇا! (ڇا ڪڏهن مئلن بہ سوچيو ۽/يا ڪم ڪيو آهي؟)

ڪو ماڻهو چئي سگهي ٿو تہ اهو ٻار روئي ٿو، بي چين ٿئي ٿو ۽ اها بہ هڪ قسم جي جدوجهد آهي، پر سوال وري هي پيدا ٿيندو تہ ڇا ڪو روئڻ ۽ بي چين ٿيڻ سان هو پنهنجو پيٽ ڀري سگهندو، جيئرو رهي سگهندو، فلسفي جا مسئلا حل ڪري سگهندو يا سائنس تي تحقيق ڪندو؟

حقيقت هيءَ آهي تہ ان وٽ رڳو ايتري سرت ساڃاهہ بہ ڪانهي جو پنهنجي

بک ۾ اُڃ اجهائڻ لاءِ ڪاڏو ۽ پاڻي گهري سگهي. هن ۾ ته ايتري سمجهه به ڪانهي جو پنهنجي وات ۾ ماءُ جي ٻٻي جي ٻنڊڻيءَ کي چڳڙ چوس ڏئي سگهي!

## ٻار روئي ڇو ٿو؟ ٿڃ ڪيئن ٿو پيئي؟

هر ساهوارو فطري طرح پنهنجو ساهه بچائڻ جو جتن ڪري ٿو. جڏهن کان ننڍڙي ۾ ننڍڙو جيتامڙو، جيوڙو، جيو-گهرڙو، جيت، جانور، ساهوارو وجود ۾ آيو آهي، تڏهن کان اهو جياپي، بچاءَ، بقا ۽ واڌاري لاءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو. شين، ذرڙن کي پنهنجي جسم ۾ داخل ڪري پيچ ڏاهه ۽ ناهه نوهه (پيچ گهڙ) جي عمل وسيلي انهن جو ڪارائتو ڀاڱو هڙپ، هضم، جذب ڪري ان مان جياپي-جوت ڪڍي باقي ڦوڳ ڦٽو ڪري ٿو. بچاءَ ۽ بقا جي عمل ۾ هو پنهنجي ماحول سان مطابقت، ويريءَ خلاف وار يا ان کان ڀاڄ ۽ نئون نسل پيدا ڪري ٿو.

گهڻ-گهرڙن وارا ساهوارا نه رڳو ڳتيل سرشتا رکن ٿا، پر هر سرشتو هڪ ٻي سان لاڳاپيل، سلهاڙيل، هڪ ٻي جو ساٿاري، هڪ ٻي جو واهرو به هوندو آهي ته پاڻ پرو به ۽ هر سرشتي ۾ وري پنهنجا خصوصي ۽ مختلف قسم جا جيو گهرڙا ٿيندا آهن ـــــ دماغ جا ڏار، گوشت جا ڏار، هاضمي جا ڏار، ساهه-سرشتي جا ڏار، رت ڊوڙائڻ ۽ ڊوهڻ وارا ڏار، جيري، لبلبي، ترڪيءَ، غدودن وغيره جا ڏار ـــــ هر سرشتو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ پورو پنو ڪم به ڪري ٿو ته ٻي تي اثر به وجهي ٿو.

هر جيو گهرڙي، جيو گهرڙن جي هر گڇي، هر سرشتي کي پنهنجو خصوصي ڪاڄ گهرجي ٿو ۽ جڏهن اهو ملندو، تڏهن ئي اهو پنهنجي ڪرت ڪري سگهندو ۽ مجموعي طرح سڄي جسم جي هر عضوي جي ڪرت گڏيل نموني جياپي جو جوهر مهيا ڪري ٿي. جيڪڏهن دماغ ٺيڪ نموني ڪم نه ڪري ۽ باقي سڀ سرشتا يا عضوا ٺيڪ ڪم ڪندا رهن تڏهن به نيٺ دماغ جو خراب، بيمار، اگهو اثر باقي عضون تي ڇانئجي ويندو ۽ نيٺ ساهواري کي ماري رکندو (دماغ جسم جو سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ وڏيڪ اثرائتو ڳتيل سرشتا رکندڙ حصو آهي). ساڳيءَ طرح گجي، آنڊو (ننڍو ۽ وڏو) ۽ انهن سان واسطيدار عضوا پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا. آنڊي ۾ لاڳيتو ڪِينئي جيان چرپر موجود رهندي آهي جنهنڪري نڙگهٽ، گجيءَ ۽ آنڊي ۾ ڪاڏو رڙهندو رهي ٿو. ڪن ڪن عضون جو ڄمار جي ڪنهن خاص ڀاڱي ۾ ڪو خاص ڪردار هوندو آهي ۽ پوءِ اهي ٻي اثر ٿي ويندا آهن ۽ ڪي عضوا وري اوسر (ارتقا) سبب هوري هوري ختم ٿي رهيا آهن ۽ انهن جو ڪو خاص ڪم نه هوندو آهي.



ساهوارو اوسر جي جيترو مٿاهين ماڳ تي هوندو، اهو اوترو ئي وڌيڪ وقت پنهنجن وڏڙن جو ڳيجهو ۽ انهن تي ڀاڙيندڙ هوندو. جيوڙا، جيتامڙا، جيت ڄمندي ئي پاڻ مرادي حياتي گهارڻ شروع ڪن ٿا. پکي پکڻ ڪجهه نه ڪجهه وقت لاءِ پنهنجن وڏڙن جا ڳيجهو هوندا آهن ۽ سندن وڏڙا کين چوڳو پهچائيندا آهن. ڪير پيئاڪ جانور اڃا به وڌيڪ وقت لاءِ پنهنجن وڏڙن جا ڳيجهو ۽ انهن تي ڀاڙيندڙ هوندا ۽ سيني ساهوارن ۾ جيئن ته ماڻهو اوسر جي سڀ کان اتاهين ڏاڪي تي آهي تنهنڪري ان جو اولاد وري اڃا به ڊگهي عرصي لاءِ پنهنجن وڏڙن جو ڳيجهو ۽ انهن تي ڀاڙيندڙ آهي.

ڄمڻ کان اڳ ٻار ساهه به ڪو نه کڻندو آهي. هن کي جياپي-جوت (جسم ۾ ڪيميائي پيچ گهڙ جو ڪم) ماءُ جي رت مان ملندي رهي ٿي. ڄمڻ وقت ٻار ۽ ماءُ جي وچ ۾ رت جو وهڪرو پڄائيندڙ ۽ ڊوئيندڙ رڳون (ناڙو) ڪاٽيون وينديون آهن، جنهنڪري دماغ، دل (رت-سرشتي)، ڦڦڙن (ساهه-سرشتي)، هاضمي-سرشتي جو جيئاڪ عمل پاڻ مرادو شروع ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ٻار کي ڪنهن اهڙي خال ۾ ويم ڪرايو وڃي جتي هوا نه هجي، ته هو ساهه کڻي نه سگهندو ۽ مري ويندو. هوا ڦڦڙن ۾ آڪسيجن پهچائي ٿي، جيڪا رت ۾ قوت پهچائي ٿي ۽ رت ۾ شامل سموريون توانائيون سمورن عضون ۾ پهچن ٿيون. گجي ۽ آنڊو وغيره به چرپر ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن گجي ۽ آنڊو وغيره خالي هوندا ته انهن جي چرپر سور پيدا ڪندي، اهو سور دماغ کي بي چين ڪندو ۽ موٽ ۾ ان جو هڪ اثر نڙيءَ تي پئي رڙ ڪرائي ٿو ته ٻيو اثر ٻار جي لڱن ۾ آنڌ مانڌ مچائي ٿو. ٻار جي روئڻ ۽ بي چينيءَ جو سبب اهو آهي. ٻار ڪاڏو ڪو نه گهرندو آهي، هن کي ته ڪاڌي جي مفهوم جي ئي خبر ڪانهي، هن کي ٻوليءَ جو لفظ ته ڇا اکر به نه ٿو اچي. ٻار جي آنڌ مانڌ ۽ ڪنجهڪو ڏسي، ٻڌي ماءُ سمجهي وڃي ٿي ته ٻار کي بک لڳي آهي ۽ هوءَ کيس ٿڃ، کير يا پاڻي ڏي ٿي (ٻار ڪو به ڪاڏو چٻاڙي، ڳيت ڏئي، ڪائي نه سگهندو آهي).

ٻار ٻُٻي جي ٻنڊڻيءَ کي چوس، چڳڙ به نه ڏئي سگهندو آهي. ماءُ پنهنجي ٻٻي تي آڱرين جو زور ڏئي ٿڃ وهائيندي آهي. ٻار جي وات ۾ ٿڃ (کير، پاڻي) پوڻ سان ان جي ڳيت ڏيڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو. ڳيت ڏيندي زبان چرپر ۾ اچي ٿي ۽ چپ بند ٿي وڃن ٿا (ڪو به ماڻهو وات کولي ڳيت ڏئي نه سگهندو). اهو عمل لاڳيتو ٿيندو رهي ٿو ۽ نيٺ چپ، زبان، تارُونءَ، نڙگهٽ وغيره جي گڏيل ڪرت وسيلي چڳڙ ٿئي ٿي (ٻار ڄمندي ئي پاڻ اٿي وڃي پاڻي پيئي يا کير، اهو ممڪن ڪونهي).

ٻار ڪنهن به ڳالهه، شيءِ، لقاءَ تي سوچي نه سگهندو آهي، ڏيان ئي ڪو نه ڏئي سگهندو آهي، سمجهندو ئي ناهي، ڏسي به نه سگهندو آهي، جڏهن ته سندس اکين ۾ ديد ۽ ڏسڻ جي سگهه موجود هوندي آهي. ٻار ڪي سُئي ٽنبيو، چهنبڙي پايو يا چڪ هڻو سور سبب روئندو ضرور، پر پنهنجو بچاءُ نه ڪري سگهندو —— ٻار نٻل آهي، ابهم آهي، اٻوجهه آهي. هو نه ته فلسفي جا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو، نه ئي سائنسي کوجنا. نه پڙهي سگهي ٿو نه ئي پرکي، پروڙي، پرجهي سگهي ٿو. هن وٽ نه ڪو وهم ويساهه آهي، نه ڪو ايمان عقيدو. هو نه مسلمان آهي، نه عيسائي، نه هندو، نه ٻوڌي، وغيره. نه هن کي شيعي يا سنيءَ جي ٻوجهه آهي ۽ نه ئي هندو يا مسلمان جي (کيس شيعو يا سني، هندو يا مسلمان ته سندس وڏا ٿا سمجهن ۽ ٿاهن). هو نه ماءُ پيءُ سڃاڻي، نه ڀاءُ ڀيڻ، نه گهر، نه پاڙو يا ڳوٺ. هن جي هر عضوي، هر انگ، هر سرشتي ۾ جياپي جون سموريون سگهون موجود آهن پر بيوس ۽ لاچار آهي. هو گلن جي گوناگوني، رنگا رنگي، پکين جي لاتين، جهرڻن جي جهان جهان جهڻ جهڻ، سمنڊ جي ڇولين وغيره مان مزو وٺڻ لائق ناهي. هو رڳو ماڻهو آهي، ماڻهوءَ جو اولاد آهي، جيئڻ جا انگ ۽ گڻ رکندڙ آهي.

ٻار سان ڳالهايو، اوهان جي ٻڌندو ڪو نه. ٻار کي ڪجهه به سهڻو من مهڻو يا پوائنٽو وجود ڏيکاريو، ته ڏسندو ڪو نه. سڳنڌ هجي يا ڪڳنڌ، نه سنگهي سگهندو ۽ نه پرکي. ساڳي ڳالهه ذائقي ۽ ڇهاءَ بابت چئي سگهجي ٿي. ٻالڪ جيئرو آهي، اوسر جي اٿاهين ڏاڪي تي پهتل هستيءَ جو اولاد آهي، سڀ حواس ۽ انگ عضوا جيئرا اٿس ۽ پنهنجي مخصوص لياقت به رکن ٿا، جياپي جو جوهر به اٿس، پر ٻڌي نه ٿو (جڏهن ته ٻوڙو به ناهي)، ڏسي نه ٿو (جڏهن ته انڌو به ناهي)، سنگهي نه ٿو (جڏهن ته اَسڪ به ناهي)، چکي نه ٿو (جڏهن ته اَچک به ناهي) ۽ ڇهاءَ کي محسوس نه ٿو ڪري (جڏهن ته اَڇهائڪ به ناهي).

ٻار جو هر حواس هوري هوري جاڳي ٿو، ويجهي ٿو، سگهه وٺي ٿو، جوت ۾ اچي ٿو، بود ۾ پرجي ٿو، پنهنجي ڪرت نيائڻ شروع ڪري ٿو، پهريائين ڪجهه ڦڪي نموني ۽ پوءِ ڏينهون ڏينهن وِيران وڌ. پلان پلو. چتائي ڏسي ٿو، اک اٽڪائي ٿو (غير اصطلاحي معنيٰ ۾)، ڳنائي ٿو، ڇهاءَ کي محسوس ڪري ٿو (انهن ڪمن ۾ لڳ ڀڳ ٽي مهينا لڳي وڃنس ٿا)، ڪڙي، مني ۾ فرق ڪري ٿو (لڳ ڀڳ ڇهن مهينن کان پوءِ) ۽ سڳنڌ ڪڳنڌ کي محسوس ڪري ٿو (لڳ ڀڳ 12 ـ مهينا). ٻٻي جي ٻنڊڻيءَ کي چڳڙ ۽ ٿڃ کي چوس (سرڪ) جو عمل پهريائين اسري ٿو، پوءِ ديد، ان



کان پوءِ ٻڌڻ ۽ ان کان پوءِ ڇهاءُ.

نندي کان ئي کيس ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ تي مائل ڪيو وڃي ٿو. ماڻهو (ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، مٽ مائٽ يا ڪو به ٻيو) سندس نظرن آڏو ويهي کلي ٿو، ڳالهائي ٿو "عجيب حرڪتون" ("مسخري") ڪري ٿو. آڱر سان ٻالڪ جي چپڙن کي ڇهي ٿو —— ابا، بابا، امان، امڙ، ادا، ادي، ڀاءُ، ڀيڻ، جيءُ، هات، ڏس، ڪل، ڪِت ڪِت، شِي، شي شي، وغيره.

ٻِن، ادائي، ٽن مهينن ۾ نيٺ هن جا حواس ايتري سگهه وٺي وڃن ٿا جو ڪجهه ڌيان ڏئي سگهي ۽ سامهون ٿيندڙ "مسخريءَ" جو ڪجهه نقل ڪري سگهي. هو ڏسي ڏسي نيٺ چپڙا ڏگهيري ٿو... اسين ڀُلور وجون ٿا ته ٻالڪ مرڪيو (کليو). ٻالڪ پهريائين رڳو مرڪي سگهندو آهي، ٺهڪ ڏئي نه سگهندو آهي. گهر ڀاتي لاڳيتو کيس مخصوص نالي سان سڏيندا ۽ مخصوص نالي سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندا رهن ٿا، ۽ اهو عمل مهينن جا مهينا ٿيندو رهي ٿو. ڪو سندس ابو، ادو، ڏاڏو، نانو، مامو، چاچو وغيره آهي، ته ڪا سندس ماءُ، ڀيڻ، ڏاڏي، ناني، مامي، چاچي وغيره. مخصوص لفظ مخصوص ماڻهن، مهانڊن، شين، پرزن، لقائن سان لاڳو ٿينديون ڪنن ۾ آواز وسيلي ۽ اکين ۾ نظر وسيلي ٻالڪ جي ذهن تائين پهچنديون رهنديون. مهينن کان پوءِ مَس مَس هو ان لائق ٿئي ٿو ته مختلف مهانڊن، لقائن، شين جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي. ٿڃ ۽ ماءُ سڀ کان ويجهو اٿس. ٿڃ سندس ڪاج آهي ۽ ماءُ ٿڃ جو ٿاڪ. ان ڪري انهن سان پهرين سڃاڻپ ٿئيس ٿي ۽ ٽين شيءِ آهي پاڻي، پر جن لفظن تي وڏيڪ زور هوندو آهي اهي ئي ٻالڪ وڏيڪ ٻوليندو آهي —— امان، ابا، ادي، ادا، ناني، نانا، ڏاڏي، ڏاڏا، چاچي، چاچا، مامي، ماما، ننڍڙن ٻارن جا نالا (جو ته انهن کي عام طرح نالن سان سڏيو وڃي ٿو). پهريائين ٻاتا ٻاتا ٻول (نڙي ۽ ڄڀ نيڪ نموني ڪم ڪرڻ اجا نه سکيا آهن) ۽ پوءِ نيٺ نيڪ آواز. هيءُ عمل مهينن جا مهينا ٿيندو رهي ٿو ۽ ان ۾ ٻار رڳو آواز جو نقل ڪري ٿو. هن کي ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ وغيره جي مفهوم جي سڌ ئي نه هوندي آهي. ڀڇي ڏسو ڪنهن به ٻار کان، ته پيءُ جو يا ماءُ جو مطلب ڇا آهي؟

انهيءَ عمل دوران هو روزاني واهپي جي سيني شين ۽ لقائن جا نالا ٻڌندو رهي ٿو —— ماءُ کي سڏ ڪري، بابا اچي ٿو، پاڻي ڪٽي آءُ، ماني آڻ، بک لڳي آ، اڃ لڳي آ، بلب (بتي) ٻار، سج اڀريو، سوجهرو ٿيو، رات، ڏينهن، ٿڌ، گرمي، ٻٽ، وائڪ، وٽو، لوٽو، تئو، ٺڪڻي (وراٽي)، ڏوئي، چمچو، ڪيوي، ڪُنو، ديڳڙو، ٻاٽو، ٿالهي (پليٽ)،

ڪُپڙو (گلاس)، گونرو باٽلي، ڇت، پٽ، پڏر (آڳر، اڱڻ)، در، دري، جارو (هوادان، روشندان)، سِر، گارو سيمينٽ، رلي، چادر، وهاڻو کٽ (پلنگ)، پائو ٻانهي، ڪرسي، ميز، ڪِلِ، ڪرڙي، جيت، پوپٽ، ٽنڊڻي، ماڪوڙو مڇر، سور، ٽڪ، ننڍ، جاڳ، ڪاءُ، پيءُ، هلي آ، وڃ، وڻ (وڻن جا نالا)، سئي، مشين... مطلب تہ سوين نالا ۽ لقاءَ سوين ۽ هزارين ڀيرا ٻڌجن، ڳالهائجن، ورجائجن ٿا، ٻار ڪي هر هر ٻڌائجن ۽ ان کان چورائجن ٿا، هو ڳالهائي تہ ان کي همتائجي، وهہ واهہ ڪجي ٿي، مرڪجي، کلجي ۽ ٺهڪ ڏجي ٿو...

ٻار نيٺ گهر کان ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو ۽ هو وري گهر کان ڪجهہ نرالي دنيا ڏسي ٿو ـــــ گهڻن ئي قسمن جون گهڻيون گهڻيون شيون، جنسون، لقاءَ ڏسي ٿو ۽ انهن بابت ٻڌي ٿو ـــــ ڏار ڏار قسم جا گهر، در، هٽ، وڻ ٻوٽا، ڀاڄيون پتيون، گوشت، مڇيون، ميوا، منايون، ماڻهو ميڙا، ڏرتي، اُپ، ڏوڙ ڏڪاءُ، گوڙ گهمسان، اڇ وڄ، ڪيچ خوشيون، رانديون روئنديون، وندر وروند، باغ باغيچا، بسون لاريون، ٽريڪٽر، ٽرڪون، روڊ ريلون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ.

اسڪول ۾ وري ٻار کي اجا بہ نئون ماحول ملي ٿو ـــــ استاد، شاگرد، ڪلاس، بورڊ، بينچون بانڪڙا، ڪرسيون، ميزون، ڪتاب، سليٽون، قلم، پينون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ. ٻار کي هاڻي خبر پوي ٿي تہ الف جي شڪل ڇا آهي. الف جو ڪارج ڪهڙو آهي، اجا اها سڌ ڪانهيس. الف، ب، زير، زبر، پيش، الف اک (انب)، ب بدڪ (بلا)، ٻ ٻڪ (ٻڪري)، وغيره، اکر سکي لفظن تي پهچي ٿو ـــــ ڪٽ، پڳ، پَٽَ، ٿَپَ، پک، آنا، پاوا، پَنَ، وَٽَ، نانا، ڳانا، ڇت، تِڏ، ڇَڏ، ڇَٽَ، پَٽَ، واٽ وغيره. انهيءَ سان گڏ هو ننڍا جملا سکي ٿو ـــــ هيءَ کٽ آهي، هيءَ پڳ آهي...

اکر اکر، لفظ لفظ، جملو جملو سندس ذهن ۾ سمائبو رهي ٿو. انهيءَ وچ ۾ گهريلو شهري، اسڪولي وهمَ، ويساهہ، عقيدا ۽ ايمانُ بہ، ريتون، رسمون، رواج ۽ اخلاقي مامرا بہ سندس ذهن ۾ پريا ويندا رهن ٿا. کيس اجا بہ انهن جي مفهوم جي خبر ناهي پر جيئن تہ پڙهايو ٻڌايو ۽ ڏيکاريو وڃي ٿو تنهنڪري هو انهن جو اثر وٺندو رهي ٿو.

ڪيترائي ننڍا وڏا تجربا، وڏن جي تجربن جا نچوڙ وڏن جي زباني ـــ "بابا، ٻاهہ ۾ هٿ نہ وجهہ، سڙي پوندين"، "بابا، ڪِني شيءِ نہ کائبي آهي، پيٽ ۾ سور پوندو" وغيره. مسجد، مندر، ديول وغيره جي ماحول ۾ کيس نئيو وڃي ٿو ۽ هو مختلف ماڻهن، ڌار ڌار نمونن ۽ شين کي ڏسندو، ٻڌندو، سکندو، چکندو، ڇهندو،



واپرائيندو سوچيندو سمجهندو رهي ٿو.

اڄوڪي سڌريل، سمجُهو ڏاهي ماڻهوءَ جي ٻالڪ کي نالي ماتر سمجهہ پرائڻ لاءِ لڳ ڀڳ 12 ـ سال لڳي وڃن ٿا... سندس زندگيءَ جو سفر هلندو رهي ٿو.

ٻالڪ سکي ٿو پنهنجن مٽن مائٽن کان، پاڙيسرين کان، ڳوٺائين کان، شهرين کان، استادن کان، سنگتين ساٿين کان، ڪتابن ڪتبخانن کان، ڳالهين، احوالن ۽ بحثن کان، تجربن ۽ مشاهدن کان، پرکن ۽ پروڙن کان. ٻالڪ آڏو ڪيترائي عمل، لقاءَ ۽ شيون موجود ٿين ٿيون. ڏسي، ٻڌي، چکي، ڇهي، پُڇي، پروڙي ٿو ـــ ڪي شيون ظاهر ٿين ٿيون تہ ڪي اوجهل، ڪا اڳ ڪا نہ هئي ۽ هاڻي آهي، تہ ڪا هاڻي آهي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ نہ هوندي، ڪي وڏيون، ڪي ننڍيون، ڪي ڪاٻي، ڪي ساڄي، ڪي هيٺ، ڪي مٿي، ڪي اڳ، ڪي پوءِ، ماني پچي پئي، ٻوڙ رڌجي پيو، پاڻي اوتجي ٿو، پڪوڙا ڪڙهن ٿا، چانهہ تيار ٿي ٿئي، موٽرون هلن پيون، ڏينهن، راتيون، ٿڌيون، ڪوسيون، ميوا ڀاڄيون، پکي پکڻ، جهر جهنگ، بر پٽ بيابان، جايون جاڙ جبل، جهڳيون جهوپڙيون، مينهن واچون (هوائون، آنڌاريون)، ڪَڏون ڪوپا، ڍنڍون، ڍورا، تلاءَ، واهہ، نديون، سمنڊ وغيره. سج، چنڊ، تارا، گس، وغيره... جيئن جيئن وڏندو وڌو ٿيندو رهي ٿو تيئن تيئن سندس ڄاڻ، سڃاڻ، سوچ ۽ سمجهہ وڃي پئي وڌندي.

ڇا آءٌ توهان کان هڪ سوال پڇي سگهان ٿو؟

مون کي ٻڌايو تہ توهان مان ڪنهن کي بہ چيني ٻولي ڇو ڪو نہ ٿي اچي؟

جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو جواب ڏي تہ کيس چيني ٻولي ان ڪري نہ ٿي اچي، جو سندس دماغ ۾ چيني ٻولي سکي سگهڻ جو گڻ، لياقت ئي ڪانهي، تہ منهنجي خيال موجب اوهين اهڙي ماڻهوءَ بابت اهو ضرور سوچيندَو تہ هو ڪا عقلمنديءَ واري ڳالهہ ڪو نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن اسان سڀني کي سنڌي ٻولي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي ٿي، اسان مان ڪيترن کي اردو، سرائيڪي، پنجابي، بلوچي، انگريزي، فارسي يا عربي وغيره بہ سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي ٿي تہ پوءِ چيني يا فرانسي يا يوناني يا لاطيني وغيره ڇو نہ ٿي اچي؟

يا سوال کي ٿورو ٻي نموني رکڻ ڏيو.

اسان کي سنڌي ٻولي ڇو سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي ٿي؟

جيڪڏهن وري بہ ڪو اهڙو جواب ڏي تہ اسان کي سنڌي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ان ڪري اچي ٿي، جو اسان جي دماغ ۾ رڳو سنڌي ڄاڻڻ، سکڻ ۽ سمجهڻ جي

صلاحيت آهي، تڏهن بہ سندس جواب کو عقل پريو نہ چئبو.

اهڙي قسم جا ڪيترائي سوال ٿي سگهن ٿا. مثال طور، اسان مان ڪيترن کي انجنيري جي خبر ناهي، ڇو؟ ڊاڪٽري نہ ٿا ڄاڻن، ڇو؟ ڪيترن کي ئي سياست جي سڌ ناهي، ڇو؟ ڪيميا جي ڄاڻ ناهي، ڇو؟ فلڪي علم نہ ٿو اچي، ڇو؟ ڪيترائي هارپ نہ ٿا ڄاڻن، ڇو؟ اوساري نہ ٿا ڄاڻن، ڇو؟ مشينون هلائي نہ ٿا سگهن، ڇو؟ ڪيترائي نفسيات، سماجي سڄاڻ، جنگي هنر ۽ فن، موسيقي، سنگتراشي، شاعري، فلسفو سائنس وغيره نہ ٿا ڄاڻن، ڇو؟ ساڳي ئي علم ۾ ڪي گهٽ ڄاڻو آهن، تہ ڪي وڏا ماهر، ڇو؟ ڀلا ڪن کي انجنيري، ڊاڪٽري، ڪيميادانی، طبعي علم، فلڪي ڄاڻ، سياست، نفسيات، هارپ يا مزوري وغيره ڇو ٿي اچي؟ ڇا پورهيت جو پٽ رڳو پورهيو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ هو ڪو بہ ٻيو هنر، فن يا علم نہ ٿو ڄاڻي سگهي؟ ڇا ڊاڪٽر جو پٽ رڳو ڊاڪٽري ڄاڻي سگهي ٿو ۽ هن وٽ ڪنهن بہ ٻي علم پرائڻ جي صلاحيت ڪانهي؟ ڇا سائنسدان جو پٽ رڳو سائنسدان ئي ٿي سگهي ٿو، هو ڪجهہ ٻيو نہ ٿو ٿي سگهي؟

پنهنجو خيال آهي تہ ڪو بہ ڄمندي ڄام ڪونهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو. جڏهن ٻار ڄمي ٿو تڏهن هن جي دماغ ۾ ڪو مخصوص علم، هنر يا فن پرائڻ جو گڻ ويڙهل ڪونهي. اسين سنڌي ٻولي ان ڪري ڄاڻون ٿا جو اسان جي ذهن تائين ننڍي لاءِ کان وٺي هن وقت تائين سنڌي ٻولي پهچائي وئي آهي، ذري پرزي، اکر اکر، لفظ لفظ ڪري، شيون ۽ لقاءَ ڏيکاري، انهن جا نالا ٻڌائي، لفظن جون معنائون ۽ مفهوم سمجهائي، اسان کي لاڳيتو سنڌي ٻولي سيکاري وئي آهي. اهڙيءَ طرح اسان مان جيڪي ماڻهو پنجابي، پشتو، سرائيڪي، بلوچي، انگريزي، اردو، جرمن، فرانسي يا چيني ٻولي وغيره ڄاڻن ٿا، اها بہ ان ڪري، جو اها کين سيکاري وئي آهي، جنهن کي جيڪا ٻولي نہ سيکاري وئي آهي، ان کي اها ٻولي ڪا نہ ٿي اچي.

ساڳيءَ طرح ڪنهن بہ هنر، فن يا علم بابت چئي سگهجي ٿو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي رڳو هارپ سيکاريو تہ وڏو ٿي هو انجنير نہ ٿي پوندو، يا ڪنهن جو هارپ سان واسطو ئي نہ پيو هجي تہ هو هاري نہ ٿي سگهندو. اسان مان هر هڪ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن علم، فن يا هنر ۾ ڪتا يا ڪجهہ ڄاڻو ٿي سگهي ٿو، پر سوين هنرن، فنن ۽ علمن ۾ جاهل، جٽ ۽ اڻڄاڻ آهي.

ٻالپڻ ۾ ڪو ماڻهو مسلمان ان ڪري آهي جو هو مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيو ۽ ڪو ماڻهو هندو ان ڪري آهي جو هو هندو گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. ڪو ماڻهو عيسائي،



يهودي، باهہ-پوڄاري، ٻوڌي يا ڪنفيوشسي وغيره ان ڪري آهي جو هو عيسائي، يهودي، باهہ-پوڄاري، ٻوڌي يا ڪنفيوشسي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهي.

سمجُهو ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي اباڻي دين ڌرم تي قائم رهن ٿا (عملي طرح گهٽ ۽ زباني طرح وڌيڪ)، پر ڪيترائي آهن جيڪي دين ڌرم بدلائي ٻيو يا ڪو بہ نہ اختيار ڪن ٿا. ڪو ماڻهو عيسائي، يهودي، هندو يا ٻوڌي مان ڦري مسلمان ان ڪري ٿئي ٿو جو سندس مذهبي تعليم جي ڀيٽ ۾ وٽس پهتل اسلامي تعليم ڪيس وڌيڪ سٺي لڳي ٿي. ايئن ئي ڪو ماڻهو مسلمان يا يهودي وغيره مان ڦري عيسائي يا لامذهب ان ڪري ٿئي ٿو جو هو پنهنجي وهم ويساهہ کان عيسائي يا لامذهب تعليم کي سٺو سمجهي ٿو. (ڪيترن ئي موقعن تي خاص طرح مذهب ۽ سياسي رجحان بدلائڻ لاءِ زبردستي ڪئي ويندي آهي يا لالچايو ويندو آهي ۽ حاڪمن ۽ دولتمندن جو مذهب قبول ڪرايو ويندو آهي. مثال طور، جڏهن سنڌ ۾ موريا گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي تہ انهن پنهنجي پسند جي ڌرم ٻڌ مت جي عام قبوليءَ لاءِ هندو مت جي پوئلڳن تي تشدد ڪيو. ويٽنام ۾ فرانسين قبضو ڪري پنهنجو مذهب مڙهيو ۽ لالچائي قبول ڪرايو. ساڳيءَ طرح مسلمانن بہ جن ملڪن مٿان پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون اتي انهن سرڪاري مذهب طور اسلام کي رائج ڪيو. پاڪستان ۾ حڪمران طبقا پنهنجي پسند جون سياسي سوچون هر حربي وسيلي (ويندي هٿياربند ڪاهہ وسيلي بہ) قبول ڪرائڻ لاءِ زور وجهن ٿا، سامراجي پنهنجي سياست کي برحق چوائڻ لاءِ تشدد ڪن ٿا ـــــ چليءَ ۽ نڪاراگئا رڳو بہ مثال آهن.)

جيئن جيئن سوچ ۽ سمجهہ اجا وڌي ٿي ۽ ماڻهو پاڻ بہ پرکي، پروڙي ۽ پرجهي ٿو تيئن تيئن هو نوان نوان علم، سڄاڻون، سياڻپون ۽ ڏاهپون پرائي ٿو.

جڏهن ڪو ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ گهري ٿو تڏهن مظلومن جي ظلم مان ڇوٽڪاري واري جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ڪو ماڻهو ظلم ڪرڻ گهري ٿو تڏهن ظالمن جي قطار ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. اڄوڪيون ڌرتيءَ تي هلندڙ سموريون جدوجهدون ظالمن ۽ مظلومن، ڦورن ۽ ڦريلن، ڏاڍيلن ۽ ڀاڳين، حاڪمن ۽ محڪومن، گبر سيٺين ۽ پورهيتن، زميندارن ۽ هارين، آقائن ۽ غلامن ـــــ مٿين طبقن ۽ هيٺين طبقن، سامراجين ۽ ديس يارن، ڏاڍ مڙسن (ڊڪٽيٽرن) ۽ عوام دوستن، پراڻڪن (رجعت پرستن) ۽ واڌارڪن (ترقي پسندن)، ڪ]ـڄاڻن (جاهلن) ۽ سـ]ـڄاڻن، خيال يارن ۽ مادي يارن جي وچ ۾ جدوجهدون آهن. هڪڙا ماڻهو

جيڪي ظلم، ڏاڍ، ڦرلٽ ۽ فتني بازي صحيح سمجهن ٿا اهي ظالمن، ڦورن، گبر سيٺين، زميندارن، آقائن ــــ مٿين طبقن، سامراجين، ڏاڍ مڙسن، ڪڄاڻن، پراڻڪن ۽ خيال يارن جو پاسو وٺي انهن سان ظلم ۽ ڦرلٽ ۾ هٿ ونڊائن ٿا، ته وري ٻيا لکين ڪروڙين ماڻهو جيڪي ظلم، ڦرلٽ ۽ ڏاڍ مڙسيءَ کان نفرت ڪن ٿا اهي مظلومن، ڦريلن، محڪومن، پورهيتن، هارين، غلامن ــــ هيٺين طبقن، ديس يارن، عوام دوستن، واڌارڪن، سڄاڻن ۽ مادي يارن کي صحيح سمجهن ٿا ۽ انهن جي پاسي بيهي ظلم، ڏاڍ ۽ ڦرلٽ کان ڇوٽڪاري واري جدوجهد ۾ شامل ٿين ٿا. توهين ڪنهن جي پاسي ــــ ظالم جي پاسي يا مظلوم جي پاسي، ۽ ڦوروءَ جي پاسي يا ڦريل جي پاسي، غلام بنائيندڙ جي پاسي يا ڇوٽڪارو ڏياريندڙ جي پاسي، ڪوڙ جي پاسي يا سچ جي پاسي؟

هر ماڻهوءَ جي سوچ، سُڌ، ڄاڻ، سڄاڻ، وهم، ويساهه، عقيدا، ايمان، ريتون رسمون، جذبا، جوش، امنگون، اميدون، ارادا ــــ سمجهه ــــ ايئن هوري هوري، ڏاڪي به ڏاڪي، اکر اکر ۽ لفظ لفظ ٿي جڙي ٿي ۽ پوءِ ڏينهون ڏينهن ويران وڌ وکون وجهندي، ٻرانگهون ڀريندي، ڇال ڏيندي وڌندي، ويجهندي، تبديل ٿيندي، سينگاربي، سنورجندي ۽ سڌرندي رهي ٿي.



باب ٻيو

## ماڻهوءَ راڄ ڪيئن ٿهيو
## ۽ ان ۾ سمجهه ڪيئن وڌي؟

ماڻهوءَ راڄ (ڀائپي، سنگت) جڏهن اجا نه ٿهيو هو تڏهن ماڻهو به ماڻهو نه هو. چوپايو هو. ڀولي ٻُوٿيو ــــ مٿو ننڍو (دماغ ننڍو)، نراڙ لهوارو (اکين وٽ مٿاهون ۽ چوٽ تي لهوارو)، ڳلن جون هڏيون اڀ ا]ڀريل، نڪ ڦتل ۽ ٻينو ڪاڏي ماريل، ڇيلهه ڪٻي، هٿن جون آڱريون اڻ گهڙيل، ڪيڪڙات ڪندو هڪ وڻ کان ٻي وڻ ڏانهن ٽپا ڏيندو هڪ ٽاريءَ کان ٻي ٽاريءَ تي لڏي لمندو جهولندو ويندو. وڻن ۾ سندس گهر (آکيرو) ۽ وڻ تي ئي رهڻ ۽ جياپو. گل، ميوا، مکڙيون، نرم ٽاريون، مٿيون پاڙون، پکين ۽ ٻين ساهوارن جا آنا ۽ جيت جڻيا سندس کاڄ هئا.

ـ ۽ ظاهر آهي ته جڏهن ماڻهو، ماڻهوئي نه هو ته انهيءَ وٽ ماڻهوءَ سمجهه وري ڪٿي هوندي!

ڀولا، باندر ۽ ممڙا (گوريلا) سندس سوٽاٽا هئا، پر فطري طرح ماڻهو ٿيندڙ ساهوارو اوسر (ارتقا) جي اتاهين ڏاڪي تي هو. هن جا به شڪاري، ماري، ويري يا دشمن هئا. جيئري رهڻ لاءِ ڪيس پنهنجو بچاءُ به ڪرڻو پوندو هو ته کائڻو پيئڻو به پوندو هو. ٽولن (ڌڻن) جي صورت ۾ ڌرتيءَ جي ديرن تي ڌار ڌار ڏينهن تي (هڪ ٻي جي ويجهو، هڪ ٻي کان پري) کائيندو، پيئندو، گهمندو ۽ رهندو هو. هن کي پنهنجن ٻين هم جنسن کان ۽ جيڪي ڪيس جوکو نه رسائن، انهن ساهوارن کان ڪو به ڀؤ ڀولو نه هو، پر زهريلا جيت جڻيا ۽ وحشي درندا سندس لاءِ جوکائتا هئا.

فطرت جو پاڻ مرادو تيار ٿيل مال کائيندو هو. هن جو پنهنجن هم جنسن سان ”رت جو ناتو“ (مائٽي) ايئن ئي هو جيئن ڪن به ٻين ڪرنگهي وارن ۽/يا ٿڃ-پيئاڪ ساهوارن ۾ موجود آهي يعني ٻار جيستائين پاڻ پرو نه ٿو ٿئي تيستائين پنهنجن وڏن جو ڳيجهو هجي. جيڪو به ساهوارو اوسر جي جيترو اتاهين ڏاڪي تي آهي اوترو ئي وڏيڪ وقت تائين ان جو اولاد پنهنجن وڏن جو ڳيجهو هجي ٿو. جڏهن ماڻهو پاڻ پرو (پاڻُ پالي سگهڻ لائق) ٿيو پئي تڏهن هن ڌڻ ۾ گڏ رهندي به پنهنجي منهن پنهنجي حياتي گذارڻ شروع پئي ڪئي. ڌڻ ۾ رهڻ جو حقيقي ڪارڻ جنسي لڳ لاڳاپو هو. اڄوڪي ماڻهوءَ جيان هن ۾ ”رت جي رشتي“ (مائٽيءَ) جي سڃاڻپ مرڻ گهڙيءَ تائين رهندڙ ڪا نه هئي ـــــ هاڻي وارو ماڻهو سمجهه پريو آهي ۽ سماج (راڄ) ناهي رهي ٿو.

فطري حالتن جي ڦيري ـــــ بدلجندڙ ماحول، گم ٿيندڙ وڏن وڻن، ڪٽندڙ ميون ۽ پاڄين (پاڙن ۽ گاهن) ۽ ڪائجي سگهجندڙ جيتامڙن ماڻهوءَ کي لاچار ڪيو ته هو پنهنجي کاڌي خوراڪ هٿ ڪرڻ لاءِ اڃا وڌيڪ پاڻ پتوڙي. شڪار کي مارڻ، پاڙن کي کوٽڻ ۽ ويريءَ کي پڄائڻ لاءِ هن ڳوڙهو (پٿر) ۽ ڇهنبدار ڪاٺي (لٺ) واپرائي. پٿر ۽ لٺ هٿ ڪرڻ سندس پهرين پيداواري (اپائتي) سرگرمي هئي. انهن جي مدد سان ماڻهو ٻين جانورن جيان رڳو ”فطرت جو رانديڪو“ نه رهيو، پر هو فطرت مان ڪجهه وڌيڪ هٿ ڪري سگهيو. ٻيا ساهوارا رڳو ”فطرت جو رانديڪو“ ٿي رهيا ۽ اهي رڳو فطري ماحول موجب بدلجي سگهيا ۽ جيڪي فطرت موجب بدلجي نه سگهيا اهي فنا ٿي ويا ـــــ ساهوارن جون سوين جنسون هن ڌرتيءَ تان ختم ٿي ويون. ماڻهو ڪجهه ته فطرت موجب بدليو پر ڪجهه هن فطرت کي به بدلايو. هاڻي هن پنهنجي بامقصد پورهيي وسيلي به گهڻو ڪجهه هٿ پئي ڪيو ۽ نسبتاً وڌيڪ وقت بدلجندڙ ماحول باوجود هڪ هنڌ رهي پئي سگهيو.

ٻيو هر ساهوارو رڳو پنهنجن فطري ”جيئرن اوزارن“ وسيلي پنهنجو ڪاج هٿ ڪري ٿو ـــــ ڪاٺ ڪٽو پنهنجي سخت چهنب ۽ سنهي ڊگهي ڄڀ وسيلي وڻن جا چوڏا ٽُڪي انهن ۾ اندر رهندڙ جيتن جا آنا چٽي سگهي ٿو. شينهن پنهنجن سگهارن چنبن ۽ خونخوار ڏندن وسيلي پنهنجي شڪار کي چيري ڦاڙي کائي ٿو وغيره ـــــ پر ماڻهو رڳو پنهنجن ”جيئرن اوزارن“ جي سهاري جيئرو ڪو نه ٿو رهي پر ان سان گڏوگڏ هن ”جيئرن اوزارن“ بدران بي جان اوزار ناهي ورتا، جن نه رڳو سندس کاڌ خوراڪ ۾ سهولت پئي ڪئي پر دشمن کان بچاءَ لاءِ به ڪم پئي



آيا. پيداوار (اپت) ڪندڙ اوزارن جي اپت ئي کيس ماحول جي محتاجيءَ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو هو هاڻي ”فطرت جو رانديڪو“، ”فطرت جو قيدي“ نه رهيو پر هن فطرت کي بدلائڻ شروع ڪيو.

هزارين سالن جي تجربي کيس سيکاريو ته ٻي ڍنگي پٿر جي پيٽ ۾ ڇهنبدار پٿر وڌيڪ ڪارائتو هو ـــــ ان شڪار کي گهائي هڪدم ڪيرائي پئي وڌو. شڪار هاڻي ڪجهه وڌيڪ سولو ٿي پيو. پوءِ ڊگهو ڇهنبدار پٿر نهيو. ڊگهو سنهو ڇهنبدار پٿر (پٿر جي ڪاتي) نهيو اهو اڃا سڌريو (خنجر نهيو). ڪاٺيءَ جي مٿان ڳنڍجي نيزو ۽ ڀالو ٿيو ڪات نهيو. ڪهاڙو نهيو ـــــ ويو شڪليون بدلائيندو ۽ نوان نوان اوزار هٿ ڪندو. پيداواري اوزار هڪ اهڙو پٿر، ڪاٺ، ٽامو، ڪنجهو يا لوهه آهي جنهن کي ماڻهوءَ پورهيي هڪ مخصوص ڪارج عطا ڪيو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو جيئرو پورهيو (پورهيي جي سگهه) لڪل آهي.

ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جا اوزار اها سگهه بڻجي پيا جيڪي اپت (پيداوار) ڪري سگهن. انهن کي اڄ ڪلهه سماجڪ ڏنيري سائنس جي ٻوليءَ ۾ پيداواري قوت يا اپتائتي سگهه سڏجي ٿو.

ماڻهوءَ کي انهن ٽاڪن جي وڌيڪ گهرج هئي جتي سندس کاڌو پيتو ججهو هجي. جنهن هنڌ سندس کاڌو پيتو گاهه ميوو، جيت جناور ججهو هو اهو ئي سندس دل گهريو پيداواري ٽاڪ هو ۽ ماڻهو اتي ٽڪي ٿي پيو. ماڻهو هاڻي وڻن جو ڳيجهو/محتاج نه رهيو. ٻيلائن، جهنگلي جبلن جون غارون سندس بهترين پناهگاهه هيون. هاڻي هو پنهنجي دشمن کان بچاءُ پنهنجن اوزارن (هٿيارن) وسيلي ڪري سگهيو پئي. پٿر ۽ ڪاٺين جي پيچ گهڙ دوران هن کي اها به سڌ پئجي چڪي هئي ته ڪي ڪاٺيون (بانس، بيد وغيره) ۽ ڪي پٿر (چقمق) وغيره پاڻ ۾ رهڙجندي باهه پيدا ڪن ٿا. ماڻهوءَ باهه جو هنر هٿ ڪري ورتو. باهه ڏاڍي زبردست ۽ ڪارائتي شيءِ هئي. باهه کان دشمن پڄي پئي ويو ۽ کاڌو پُڄِي سگهجيو پئي، جيڪو وڌيڪ لذيذ، لست پريو هو.

گڏجي رهندي، شڪار ۽ کاڌو هٿ ڪندي، اوزار ٺاهيندي، اپائيندي، ونڊي ورڇي کائيندي ۽ گڏجي بچاءُ ڪندي ماڻهو نئين نموني جي ناتن جي لڙيءَ ۾ پوئجي ويو. اهي ناتا ”رت جا رشتا“ نه هئا، اهي ناتا جنسي ناتا نه هئا پر اهي ناتا، لاڳاپا يا ٻندڻ هئا جيڪي اپت جو عمل، بامقصد سرگرمي، پورهيو ڪندي ٺهيا هئا. انهن ناتن کي سماجڪ ڏنيري سائنس جي ٻوليءَ ۾ پيداواري رشتا يا اپتائتا ناتا

چئجي ٿو. پيداواري قوتون پيداواري لاڳاپن ۾ ڳنڍجي ويون ـــــ ماڻهو ماڻهوءَ جو سهارو، ماڻهو ماڻهوءَ جي گهرج، ماڻهو ماڻهوءَ جو بچاءُ، ماڻهو ماڻهوءَ جو ساٿي هو، ساٿي هو، سنگتي هو، راڄ ڀاءُ هو ـــــ راڄ (سماج، ڀائپي، سنگت، ساٿ) ٿيو.

ماڻهو پيداوار ڪري ٿو تنهنڪري سندس راڄ ٿيو. ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ ساهواري جو راڄ ڪونهي، اهي وقتي، فطري گهرجن سبب هڪ ٻي جي ويجهو رهن ٿا، پر اهو راڄ ناهي، سماج ناهي، پائدار ناهي، جٽادار ناهي.

هڪ ٻي جي ويجهو رهندي، گڏجي جيئندي، ڪائيندي، پيئندي، پيداوار ۾ بچاءُ ڪندي ۾ سکيل نئين هنر کي پنهنجن پوين، اولاد، نئين نسل (جنريشن) ڏانهن تبديل ڪندي، ماڻهوءَ جي اشد گهرج ٿي پئي تہ هو هڪ ٻولي ايجاد ڪري. ٻوليءَ جو پهريون روپ هو اشارو، سانگ، حقيقت جو نقل.

هر واڪو (آواز، گوڙ) ڪري سگهندڙ ساهوارو خاص طرح لڳ وقت، دشمن کان بچاءَ وقت، اڏامڻ يا گهمڻ وقت، کائڻ پيئڻ يا چوڳي وقت ڪو نہ ڪو مخصوص واڪو ڪري ٿو. ماڻهو جڏهن ماڻهو نہ هو، راڄ ۾ نہ رهندو هو، اپت نہ ڪندو هو، تڏهن هو بہ ايئن ڪي نہ ڪي واڪا ڪندو هو. هر ساهواري جي واڪن ۾ مخصوص سڏ آهي پر پوءِ بہ اهو ٻن چئن واڪن تائين ڪٿي پوي ٿو. دشمن کان بچاءَ جو واڪو (في الحال مثال طور ڳبرين جو ٽيڪو يا جهرڪين جي جهر جهر ياد ڪيو)، لڳ لاءِ واڪو (ڳئون، مينهن، رڍ، ٻڪري، ڏاچي جي وهر جو واڪو ڏراڙ سڄاڻي سگهندو، جهرڪيءَ جو واڪو، ڏيڏر جو واڪو وغيره)، ڪاڏي لاءِ واڪو... ۽ ڪي ٻيا ٽورڙا.

ماڻهو بہ اهڙا ئي پنهنجا مخصوص واڪا ڪندو هو ـــــ سندس واڪو گهگهو، گبَهَ، پريو هو. جڏهن ماڻهو ماڻهو ٿيڻ شروع ٿيو، هٿيار ٺاهيائين، پيداوار ڪيائين، راڄ وارو ٿيو، تڏهن هن جي اٽتر گهرج هئي تہ هو هاڻي وري ڪي ٻيا مخصوص واڪا بہ ڪري. نئين قسم جو واڪو ڪرڻ لاءِ نڙيءَ ۾ ڦيرڦار جي گهرج هئي ۽ اها ڦيرڦار گهڙين يا ڏينهن ۾ تہ ڪا نہ ٿي سگهي پئي. تيستائين ڇا ڪري؟ ڪيئن سڏ ڪري؟ شڪار جو يا دشمن جو ڪيئن اظهار ڪري؟ دشمن جي ڪڍ پوڻ لاءِ ڇا چوي؟ هٿيار ڪٺي مڙڻ لاءِ ڇا چوي؟ ڊوڙڻ، لِڪڻ، چِپ، هٽڻ، وڪڙ ڪري وٺڻ، گوهي ڏيڻ، ٻکين پوڻ وغيره لاءِ ڇا چوي؟ پٿر گهڙڻَ، هٿيار ٺاهڻ، سنڀالي رکڻ، وقت سر ڪٺي اچڻ، ڪنهن ٻي کي ڏيڻ وغيره لاءِ ڇا چوي ۽ ڪيئن چوي؟

ان جو ممڪن طريقو بس اهو ئي هو تہ سڏ لاءِ واڪو ۽ ڪم لاءِ اشارو ڪري.



اشارن جي پنهنجي هڪ مخصوص ٻولي ٿيندي آهي. اڄ بہ اسين ڪيترن ئي ڪمن لاءِ رڳو اشارو ڪم آڻيندا آهيون ـــــ هيڏي آءُ، هوڏي وڃ، ويهي رهہ، اٿي بيهہ، ڊوڙ پاءِ، وارو (تڪڙ، جلدي) ڪر، سمهي پئہ، لِڪُ، اکيون ٻوٽ، وات کول، پاڻي پيءُ، کاءُ، وڙهہ ۽ ٻيا گهڻا اشارا. ڪا شيءِ چکي وات چٻو ڪرڻ جو مطلب ڪِني، ڪساري شيءِ، چٽڪو ڪرڻ جو مطلب کَٽي شيءِ، ڪنڌ ڏوٽي مرڪڻ جو مطلب مٺي شيءِ هوندو آهي، ڪا شيءِ سنگهي نڪ گهنجائڻ جو مطلب ڏپ ۽ وڏو ساهہ پري مرڪڻ جو مطلب سڳنڌ آهي، اکين جي ٻوليءَ کان هر هڪ مڙئي ڪجهہ نہ ڪجهہ واقف آهي ـــــ پيار ڀريون اکيون، سڏينڌڙ اکيون، سِڪايل اکيون، ڇڙڪ شربت پيئاريندڙ اکيون، سُڏڪندڙ اکيون، ڏکايل اکيون، وياڪل اکيون، اجهاڻل اکيون، ڪاوڙيل اکيون، ڏِڪاريندڙ اکيون، زهريليون اکيون، وڍيندڙ اکيون، سرد اکيون، ٻرندڙ اکيون، نندڪڙيون اکيون، ناز ڀريون اکيون، مڳيءَ ڀريون اکيون، بي پرواهہ اکيون، تڪيندڙ اکيون، تکيون اکيون، ڇپندڙ اکيون، چتائيندڙ اکيون، للڪاريندڙ اکيون، سوڀاريون اکيون، ٿهڪندڙ اکيون، روشن اکيون، ڪوماڻل اکيون، ڪيني ڀريل اکيون، اوجاڳيل اکيون:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جَهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪَتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

اکين، آڱرين، هٿن، پيرن، منهن مهانڊي ۽ انگن ۽ بدن جي چرپر سان سوين اشارا ۽ سانگ ڪري سگهجن ٿا. ڪانءَ جي ڪان ڪان، جهرڪيءَ جي جهر جهر، ڏيڏر جي ڏاڪڙي (ٽاڪڙي)، مينهن، ڳئونءَ جي رنڀ، ٻڪريءَ جي ٻيڪاٽ، گهوڙي جي هڻڪار، شينهن جي گجگوڙ مطلب تہ هر واڪو ڪندڙ ساهواري جي واڪي جو نقل، قدرتي لقائن بابت اشارا ـــــ اوندهہ، سوجهرو، آنڌاري، جهڙ، مينهن وغيره:

گهنن گهنن گهن گهن گهن، ڇنن ڇنن ڇن ڇن ڇن ڇن،
وَسو وَسو اي ڪارا بادل، وَسو وَسو ورسايو جَل ٿل.

پر ماڻهو پنهنجا سڀ خيال، سڀ سوچون اشارن وسيلي ظاهر ڪري نہ ٿو سگهي.

جيتري وڏيڪ اپت ٿي، جيترو وڏيڪ نئون اوزار ٺهيو جيترو وڏيڪ شڪار

مليو. جيتري گهٽي خوشي ٿي، جيترو گهٽو گهمڻ ڦرڻ ٿيو. جيترو وڏيڪ اُچو راڄ ٿهيو اوترو وڏيڪ مختلف اشارن ۽ واڪن جي گهرج پئي. انهيءَ گهرج نڙيءَ جي چرپر ۽ بناوت ۾ فرق آندو ۽ نيٺ ان اهي واڪا ڪڍيا جن کي اڄ لفظ چئون ٿا ـــــ ۽ لفظَ ملي ٻولي ٺاهيندا آهن. لفظن کان سواءِ ڪا به ٻولي ڪانهي.

راڄ جي وڌڻ، تجربيڪارن، سگهڙن، سياڻن ۽ ڏاهن پنهنجو تجربو، سگهڙائپ، سياڻپ ۽ ڏاهپ اشارن ۽ واڪن (آوازن، لفظن) وسيلي پنهنجي نئين پود ڏانهن تبديل پئي ڪئي ۽ اهو عمل اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. اڄوڪو ڪو به ماڻهو اشارن ۽ واڪن کان سواءِ ڪا به ٻولي، هنر، فن، علم سکي نه ٿو سگهي ۽ ٻوليءَ کان سواءِ ڪو به علم، ادب، شاعري، هنر يا فن ڪونهي. ٻولي راڄ (سماج) کان ٻاهر ٺهي نه ٿي سگهي ۽ راڄ پيداواري رشتن کان سواءِ ٺهي نه ٿو سگهي ۽ پيداواري رشتا وري پيداواري قوتن کان سواءِ ٿي نه ٿا سگهن ـــــ ۽ پيداواري قوتون آهن پورهيو ڪندڙ ماڻهو ۽ اهي اوزار (هٿيار)، جن ۾ پورهيو لڪل آهي. ماڻهوءَ کي ماڻهو ٿيڻ ۾، راڄ جوڙڻ ۾ ۽ ٻولي ٺاهڻ ۾ پنج لک سالن کان به وڏيڪ وقت لڳي ويو.



## باب ٽيون

# چا ٻوليءَ کان سواءِ ڪا به سوچ، ڪا سمجهه ٿي سگهي ٿي؟

ٻولي، ٻول، ڳالهائڻ، ڳالهه، واڪو يا آواز نه هجي ها ته ماڻهو چا هجي ها؟ عالم، اديب، شاعر، فلاسافر، فنڪار، سياڻو سياستدان، سائنسدان، انجنير، ڊاڪٽر، هنرمند ته ٺهيو پر چا هو ماڻهو چئجي/سڏجي سگهي ها ـــــ ٻوليءَ کان سواءِ ڪيئن سڏجي يا چئجي ها؟

اچو ته هڪ سوال ڪڍون.

اسين ڪيئن چئون ته ڪو ماڻهو هڪ وڏو فلاسافر، مفڪر، اديب، دانشور، شاعر، ڏاهو، سياڻو يا سائنسدان آهي؟ سمجهو ته هڪ ماڻهو هڪ وڏي گهر ۾ رهي ٿو. سندس گهر ۾ سوين هزارين قسمن جا ڪتاب رکيا آهن پر هو ماٺ آهي، ڳالهائي نه ٿو، هن لکيو ناهي ـــــ چا پوءِ به چئي سگهنداسون ته هو وڏو عالم آهي؟ جڏهن ماڻهوءَ کي اها سُڌ ئي ڪانهي ته هن جا خيال ڪهڙا آهن، سندس سوچ ڪيئن آهي، هو دنيا، فطرت، ڪائنات بابت چا ٿو سوچي، هن جو نڪتي نظر ڪهڙو آهي، سچ ۽ ڪوڙ بابت سندس نظريو ڪهڙو آهي، ڪهڙو فلسفو چو ڪيئن ڪيس پسند آهي، هو ڪهڙي سوچ رکي حياتي گذاري ٿو وغيره. ته پوءِ نيٺ ماڻهو اهو چو سوچين ته هو ڪو سياڻو، سيبتو، پڙهيل ڪڙهيل، سمجهه رکندڙ ماڻهو آهي؟ ڪيئن سمجهون ته هن اهي ڪتاب پڙهيا، سمجهيا، چاتا، سڃاتا، پروڙيا ۽ پڙهيا آهن؟ ڪيئن سمجهجي ته هن ڪجهه پرکيو ۽ کوجيو آهي، هن به ڪو علم پِرايو

آهي؟

ڪنهن بہ خيال، تصور، سوچ، سمجهہ جي خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن ان کي ظاهر ڪيو وڃي ۽ ظاهر رڳو ٻوليءَ ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو.

ماڻهوءَ راڄ کان اڳ ڪا بہ ٻولي ڪا نہ هئي. پورهيو ڪرڻ، پيداواري عمل ۾ گِهڙڻ، بامقصد سرگرمي ڪرڻ سبب ماڻهو پيداواري ناتن ۾ ڳنڍجي ويو ۽ سماج ٺهي پيو. ڳالهائڻ، ٻوليءَ پهريائين ماڻهوءَ راڄ ۾ پيداواري عمل دوران جنم ورتو. ماڻهن پنهنجي بقا ۽ بچاءَ جي ويڙهہ وڙهندي، جدوجهد ڪندي پنهنجن بنيادي گهرجن جي پُورائي لاءِ گڏجي ڪم ڪندي اڻٽر گهرج محسوس ڪئي تہ اهي هڪ ٻي کي ڪجهہ چون. ماڻهوءَ جهڙي ساهواري جي اَڻ گهڙيل، اڻ اسريل نڙيءَ هوري هوري پاڻ کي تبديل ڪيو ۽ ڳالهائڻ جي عضون هڪ کان پوءِ ٻيو گهگهو، منجهڙيل ٻول ڪڍڻ شروع ڪيو. هوري هوري، سادن سودن، منجهڙيل ۽ گهگهن واڪن مان بامقصد، بامعنيٰ، مفهوم رکندڙ واڪا وجود ۾ آيا ۽ اوسر ۽ واڌاري جون منزلون طيءِ ڪندي، وڌندي، ويجهندي، نوان نوان نرم ۽ نازڪ ٻول پنهنجي جهوليءَ ۾ سوئيندي ۽ مالها ۾ پوئيندي، لطيف ۽ سهڻن احساسن ۽ وڏيل، ڳتيل، سانديل جذبن ۽ نون نون لقائن، نين نين شين کي نوان نوان نالا ڏيندي اڄي اڄوڪي ماڳ تي پهتي آهي. معنيٰ ۽ مقصد ڀري ٻولي ايئن اسري، وڌي ۽ ويجهي. ٻولي هڪ ٻي سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ، سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ، ڳانڍاپي ۾ رهڻ لاءِ، هڪ ٻي جو ساٿ ونڻ لاءِ، هڪ ٻي جي واهر ڪرڻ لاءِ خيالن، سوچن، سَڌن، جذبن يا امنگن جي مٽاسٽا جو وسيلو آهي. خيال، سوچون، سڌون، جذبا ٻوليءَ (آواز، واڪي) کان سواءِ ظاهر نہ ٿا ڪري سگهجن ـــــ ٻولي ذهني احساسن جو اهو "خول"، "ڍڪڻ" آهي جيڪو مادي (آواز واڪ) جو ٺهيل آهي.

ڪو بہ خيال رڳو تڏهن حقيقي نموني ظاهر ٿئي ٿو جڏهن اهو لفظن، واڪ، ٻوليءَ جو روپ وٺي ٿو. جيستائين خيال ماڻهوءَ جي ذهن ۾ آهي تيستائين اهو "مردو"، "مئل"، "بي جان" آهي چو تہ اهو ٻين ماڻهن کي ملي نہ ٿو سگهي، ڪو بہ ماڻهو ان جو ڪاٿو نہ ٿو ڪري سگهي، ان جي معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد سمجهي نہ ٿو سگهي. خيال حقيقت تڏهن بنجي ٿو جڏهن اهو ظاهر ڪيو وڃي ۽ ظاهر ڪرڻ جو رڳو هڪ رستو آهي يعني ٻولي، ڳالهہ ٻول. سوچ پنهنجي مادي "خول" کان سواءِ ڪڏهن بہ ٺهي نہ ٿي سگهي، ويندي تڏهن بہ اسان کي لفظن جي ضرورت پوي ٿي جڏهن اسين بي شڪ آواز سان نہ ٿا ڳالهايون پر رڳو پنهنجو پاڻ سوچيون ٿا. ٻوليءَ



کان سواءِ اسان سوچي بہ نہ ٿا سگهون. ڪو بہ ماڻهو جڏهن بہ، جتي بہ، ڪجهہ بہ سوچيندو اهو ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ ۾ ئي سوچيندو. سماجَ سمجَهہ کي جنم ڏنو، سمجَهہ ٻوليءَ وسيلي ٺهي ۽ ٻوليءَ وسيلي ئي ظاهر ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي مهرباني، جو نہ رڳو اسان جي سوچ ٺهي ٿي پر اها ٻين ماڻهن ڏانهن تبديل بہ ڪري سگهجي ٿي. ٻي پاسي وري لکيل ٻوليءَ جي مدد سان اسان جي سوچ سماج جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجي ٿي پر هڪ پود کان ٻي پود ڏانهن تبديل بہ ٿئي ٿي. اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ ڪو بہ خيال، ڪا بہ سوچ ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن ٻي نموني ظاهر ڪري سگهجي.

هن سڄي ڳالهہ ٻول مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ پنهنجي ابتدا کان انتها تائين، ٻالپڻي کان وٺي اوج تائين ماڻهوءَ سمجهہ، لفظن، ٻولن، ٻوليءَ جي بنياد تي ٺهي ٿي. ڇا اهو ممڪن آهي تہ سوچ کي ٻوليءَ کان ڌار ڪري سگهجي؟ نہ، سوچ کي ٻوليءَ کان ڌار ڪري سگهڻ ممڪن ڪونهي. ٻوليءَ ۽ سوچ جي وچ ۾ هڪ اڻٽٽ ايڪو، هيڪڙائي آهي. ان ڪري ئي اسين چئون ٿا تہ سوچ رڳو ماڻهوءَ جي خاصيت آهي، ٻي ڪنهن بہ ساهواري ۾ سوچ، سمجَهہ، ذهن ڪونهي، ٻي ڪنهن بہ ساهواري وٽ ڪا بہ ٻولي ڪانهي، ٻي ڪنهن بہ ساهواري وٽ سماج ڪونهي، ٻيو ڪو بہ ساهوارو پيداوار ڪري نہ ٿو سگهي. لاڳيتي پورهيي ۽ پورهيي جي سکيا ئي منجهڙيل گهگهي آواز کي اوسر، واڌ ڏني، ٺيڪ ڪيو ۽ ماڻهوءَ جهڙي ماڻهوءَ جي دماغ کي هوري هوري وڌائي حقيقي ماڻهوءَ جو ڳتيل دماغ ٺاهيو. سنجهہ، ڀري، ڏاهي، سياڻي، سلڇڻي ماڻهوءَ جو دماغ ٻي سمجهہ. جاهل، اياڻي، ڪلڇڻي ماڻهوءَ جي دماغ کان وڏيڪ وڌو ۽ وڌيڪ ڳتيل ٿيندو آهي.

## باب چوٿون

# سمجھ وسيلي ماڻھو ڇا ٿو ڪري؟

جڏھن ماڻھوءَ پھريون پٽر پنھنجي مھٽ ۾ پھريون ڏنڊو پنھنجي ٻانھن ٺاھيو تڏھن حقيقت ۾ ھو اھا پھرين وک وجھي چڪو جيڪا فطرت جي قيد کي ٽوڙي ڇڏي. ”فطرت جو رانديڪو“ ھئڻ خلاف اھو سندس پھريون جتن ھو. ھيءُ ڪو سوچيل سمجھيل عمل نہ ھو، پر جبلي عمل جو ورجاءُ ھو. ھر ھر ورجاءُ ھو جنھن ڪجھ نوان نتيجا ۽ نوان سک پئي ڏنا. ٻيو ھر ساھوارو اڄ تائين فطرت جو ٻاندي، قيدي آھي، اھو ڏسي نہ سگھڻ جھڙن ڪنڌاوَن پڃرن ۾ بند آھي: بي وس، لاچار ۽ ھيڻو ــــ ڪي رڳو ونڊ جي مٿين حصي جا قيدي آھن تہ ڪي ھيٺين حصي جا، ڪي ٻرڙن جا تہ ڪي ڏرن جا، ڪي ٻاٽيءَ جا تہ ڪي گپ جا، ڪي سمنڊ جي تري جا تہ ڪي سمنڊ جي مٿاڇري جا، ڪي جبلن جا تہ ڪي ڪاڇي جا، ڪي ٿرن جا تہ ڪي ٻرن جا، ڪي ٿڌن علائقن جا تہ ڪي ڪوسن علائقن جا، ڪي خشڪ علائقن جا تہ ڪي گھميل علائقن جا، وغيره ــــ پر ماڻھو اڄوڪو ماڻھو فطرت جي انھيءَ اڻ ڏٺي قيد، لوڙھي کي ٽوڙي چڪو آھي. ماڻھوءَ اھو ڪم سوين، ھزارين، لکين ڀيرا ڪيو، ھر ھر ورجايو، ڏٺو جاچيو، پرکيو، پرجھيو ۽ پِرايو. ماڻھو پھرين نرالي واکي، ٻول جو پايو وجھي چڪو ــــ ھي اھو ٻول ھو جيڪو ڪو ڪارنامو ڪرڻ کان پوءِ بي اختيار نڙيءَ مان نڪري ويندو آھي ــــ ھيءُ واڪو دشمن کان ڀھتل گھاءَ سبب رڙ نہ ھو. ھيءَ اھا ھيج بہ نہ ھئي جيڪا شڪار ھٿ اچڻ سبب

ظاهر ٿي پوندي هئي. ماڻهوءَ پنهنجي دماغ جي جبلي سمنڊ ۾ سمجهه جي ڇهرين ڇهڻي اڇلائي وڌي. ماڻهو جي مٽ ۽ ٻانهن اڱوٺي کان سوڻي سگهاري ٿي پئي.

”ٻي ساهه مٽ“ (پٿر) ۽ ”ٻي ساهه ٻانهن“ (ڏنڊو) جڏهن گهڙڻ شروع ڪيائين، تڏهن هن اها ڇهرين تبديلي آندي جيڪا اڳ فطرت ۾ موجود نه هئي. فطرت ۾ اڳ ڇرپر جو عمل موجود هو (ڇرپر معنيٰ تبديلي، ڪا شيءِ، ڪو لقاءُ جتي جنهن حالت ۾ اڳ موجود هجي اتي ساڳيءَ حالت ۾ نه رهي). هوا جون لهرون، سمنڊ جون ڇوليون، ٻوڏون ۽ طوفان، وڻن جون جهمريون، پکين جي اڏام، مڇين جي تار، جيت جڻين ۽ ٻين جانورن جا سير سپاٽا، زلزلا ۽ ٻاهه اوڳاڇيندڙ جبلن جو ٽٽو ريج (لاوا) وغيره سڀ موجود هئا، سڀ تبديليون هيون، پر هيءَ نرالي تبديلي هئي. اهڙي تبديلي اڳ ڪڏهن به نه ٿي هئي. ڪنهن ساهواري ڪنهن شيءِ جو منهن مهانڊو ۽ ڪارج بدلائي ان کي ٻي شيءِ بنايو هجي ۽ ٻيو ڪارج ڏنو هجي، ايئن اڳ ڪڏهن به نه ٿيو هو. هيءُ ڪو جبلي، موروثي عمل نه هو پر سمجهيل عمل هو. پٿر کي پٿر سان ڌڪ هڻي، پٿر کي پٿر تي زور سان اڇلائي، هن ان کي ڇهنبدار ۽ تکو ٺاهڻ جي نيت ٻڌي هئي. پر هو ايئن ڪري اجا به ٻيو اڻ ڄاتل ڪارنامو سر انجام ڏئي رهيو هو. پٿر جي رڳڙ، رهڙ چڻنگون — **ٻاهه** — پيدا پئي ڪئي ۽ نيٺ سوين سالن کان پوءِ ماڻهوءَ ٻاهه کي قابو جهلي ورتو. ٻاهه کي لاڳيتو ٻرندو رکندو هو يا وري وقت سر به خاص پٿر يا خاص ڪاٺيون هڪ ٻي سان رهڙي پيدا ڪري وٺندو هو.

ماڻهوءَ وٽ ٻاهه هن جو وڏو آٽت، وڏو هٿيار ۽ وڏو بچاءُ هئي. جبلن جي غارن ۾ ۽ کليل ميدانن ۾ ٻاهه دشمن کي ويجهو اچڻ نه پئي ڏنو سيءَ، پاري کان پناهه ٿي ڏني ۽ گوشت پُچي ان کي ڏاڍو لذيذ ۽ نرم پئي بنايو. ان ئي ٻاهه ۾ ڪچيون سرون پڪيون ٿيون، ڪچا ٺانوَ نڪر ٿيا، ٽامو پگهريو، قلعِي ۽ جست رجيو، ڪنجهو ٺهيو، سوين سانچا، قالب تيار ٿيا ۽ انهن وسيلي سوين هزار مختلف ٺانوَ اوزار ۽ هٿيار ٺهيا. اڄ شايد ئي ڪو ڪارخانو صنعت هجي جنهن جو ”روح“ ٻاهه نه هجي. ڌرتيءَ تي ڪو به ٻيو ساهوارو ڪونهي جيڪو ٻاهه ڪتب آڻيندو هجي.

شڪار ڪيل وڏا جانور يا جهوپڙن ٺاهڻ لاءِ ٻُنڊ ڳِهليندي جڏهن اهي ترڪڻي جاءِ تي پئي آيا يا انهن جي هيٺان پٿريلا گول ڳوڙها پئي آيا تڏهن ڳري شيءِ به ڏاڍي سولائيءَ سان ترڪي چٽڪ هلڪي ٿي پئي ٿي. لاڳيتي پرک ۽ پروڙ ماڻهوءَ کان **”ڦيٿو“** ٺهرايو. پراڻي اڏنگي پٿريلي ۽ ڪاٺوڙي ڦيٿي جي جاءِ اڄ فولادي ڦيٿن والاري آهي ۽ دنيا ۾ ڪا به مشينري ۽ صنعت ڦيٿي کان سواءِ ناهي. ماڻهو سمنڊ جا تر



ڦوليندو هجي يا پولار جا پار، ڦيٿي کان سواءِ ٻي وس ۽ لاچار هوندو.

ٿي سگهي ٿو ته پاڻيءَ مٿان يا ان مٿان لڙهندڙ ڪنهن ڪک پن يا ڪاٺيءَ تي ڪي مکيون يا جيت جڻيا توهان کي ترندا نظر اچن پر انهن کا ٻيڙي، ڏنگي، ٻونگي، مڪڙي ڪا نه ٺاهي آهي. ڪير پيئاڪ جانور پاڻيءَ ۾ رهيو ته مڇي (وهيل) ٿي ويو ۽ هوا ۾ اڏاڻو ته پکي (چمڙو) ٿي ويو پر ماڻهو ئي آهي جو سمنڊ ڇاڇولي ٿو پر مڇي ناهي ۽ فضائن ۾ اڏامي ٿو پر چمڙو ناهي. خلا ۾، چنڊ تي، مريخ ڏانهن ماڻهوءَ کان سواءِ ڪو به ناهي جيڪو ونجهه وجهي سگهي.

ناهي ڪو به ٻيو ساهوارو سواءِ ماڻهوءَ جي، جيڪو پنهنجي کاڌ خوراڪ لاءِ جانور پالي سگهي. ڪِولي، ماڪوڙي برابر کاڌي جو ڪوڙ ڪري ٿي پر رڳو اهو ئي ڪم ڪري سگهي ٿي. ماڻهو نه رڳو سوين جنسون پالي ٿو پر پٽ ڪينئان ۽ ماکيءَ مکيون به نپائي ٿو. ماڻهوءَ نه رڳو سوين جنسن جا جانور پاليا آهن پر اهو ماڻهو ئي آهي جنهن هٿراڌو لڳُ ڪرائي هر جنس جا سوين نمونا ٺاهي ورتا آهن. انهن مان ڪيترين ئي جنسن ۾ اهي خوبيون به پيدا ڪري ورتيون اٿائين جيڪي فطرت ۽ جبلت انهن کي موروثي طرح نه ڏئي سگهي هئي.

ناهي ڪو به ٻيو ساهوارو سواءِ ماڻهوءَ جي، جنهن پنهنجي کاڌ خوراڪ ۽ لست لذت لاءِ سوين قسمن جا اناج ۽ ميوا، فصل ۽ وڻ پيدا ڪري سگهيو هجي. ماڻهو ئي آهي جنهن ڪڻڪ، چانور، ڪپهه، جوئر، ٻاجهري، چڻا، مٽر وغيره (۽ انهن جا سوين نمونا) اپائي ورتا آهن. انهن وسيلي هو سالن جا سال ڪائي جيئي سگهي ٿو.

اهو ماڻهو ئي آهي جنهن اڄ اهڙا ٻوٽا ٺاهي ورتا آهن جن جي پاڙ ۾ پٽاٽو ۽ چوٽ تي ٽماٽو پيدا ٿئي ٿو. فطرت ڪڏهن به اهڙا ٻوٽا پيدا ڪري نه سگهي.

ماڻهو جهڳين، جهوپڙين، جاين، جڳهن جا سوين هزار نمونا ٺاهي ورتا آهن، سمنڊن ۽ ندين تي بند ٻڌا آهن، واهه کوٽي پاڻيءَ کي پنهنجيءَ پسند جي هنڌ تي پهچايو آهي، جبلن کي کوٽي معدنيات هٿ ڪئي آهي، معدنيات کي سوين روپ ڏئي پنهنجي ڪم آندو آهي. ماڻهوءَ مشينون ٺاهيون آهن ۽ مشينن وسيلي هزارين نرالا، اڻ ڏٺا، اڻ ٻُڌا ڪم ڪري ورتا آهن. ماڻهوءَ ڪمپيوٽر ٺاهيو آهي، ”فولادي ماڻهو“ ٺاهيو آهي، روڊ، ريلوي، بس، ڪار، ڪرين، ٽرڪ، ٽريڪٽر، جيپ، هوائي جهاز، خلائي جهاز، راڪيٽ، پاڻيءَ جهاز، آبدوز، ريڊيو، ٽي وي، ٽيليفون، دوربين، خوردبين، بجلي، بلب، پکا، ڪولر، هيٽر، ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ٺاهي ورتا آهن. ناهي ڪو ٻيو سواءِ ماڻهوءَ جي، جيڪو ايئن ڪري سگهي.

ماڻهوءَ ڪائنات (جڳ، جهان) تي کوجنا ڪئي آهي، لکين روشني-سالن تي ڏسي سگهي ٿو سج، چنڊ، تارن، گرهن، سيارن وغيره تي تحقيق ڪئي آهي. هو گهر ويٺي مريخ تي اهڙي مشين موڪلي سگهي ٿو جيڪا نه رڳو اتان فوٽو ۽ آواز موڪليندي رهي پر پنهنجي سِر اتي تجربا ڪري سگهي، موسمي حال ٻڌائي سگهي، وغيره. ماڻهو ئي آهي جنهن چنڊ تي پير گهمايا ۽ اتي وڃي، ويهي، رهي. اپياس ۽ پرک ڪئي. ماڻهوءَ بيمارين خلاف ويڙهه ڪئي آهي، دوائون ٺاهيون آهن، آپريشنون ڪري ٿو اکيون، ڪن، دليون، ٻُڪيون. آنڊا وغيره بدلائي سگهي ٿو. ماڻهو ئي آهي جنهن فطرت جي پيدا ڪيل وڏي ماتا جهڙي بيماريءَ (اُن جي جيوڙن) کي فنا ڪري ڌرتيءَ تان مٽائي ڇڏيو. ماڻهو ئي آهي جنهن مادي جي شين ۽ لقائن کي سمجهيو، انهن جي ڪيميائي ۽ طبعي گڻن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي، جنهن ايٽمي توانائيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. جنهن ڪربين ڏيئا ٻاري راتيون روشن ڪري ڇڏيون. ماڻهو ئي آهي جنهن حياتيءَ جي جوهر جو اپياس ڪيو ۽ سيني ساهوارن جي تخليق تي کوجنا ڪئي. ماڻهو ئي آهي جنهن ڳوٺ وسايا، شهر جوڙيا، اسڪول ۽ ڪاليج کوليا، يونيورسٽيون ۽ ليباريٽريون قائم ڪيون. ماڻهو ئي آهي جيڪو لکي سگهي ٿو، ڇاپي سگهي ٿو ڪتاب ٺاهي سگهي ٿو ۽ انهن کي ڪتاب گهرن ۾ محفوظ ڪري ٿو. ماڻهو ئي آهي جيڪو تصوير ڪڍي ٿو سنگتراشي ڪري ٿو، فوٽو ڇڪي ٿو فلم ٺاهي (فلم ٺاهڻ کان پوءِ) مري ويل ماڻهن جي ڳالهه ٻول ٻڌائي ۽ انهن جي چرپر ڏيکاري سگهي ٿو. ناهي ڪو ٻيو سواءِ ماڻهوءَ جي جيڪو سماج ٺاهي سگهي، تاريخ جوڙي، ٻولي خلقي، ثقافتي رنگارنگيون پکيڙي. ماڻهوءَ سڄي فطرت، فطرت جي هر لقاءَ، هر شيءِ، سماج، حياتيءَ وغيره جو جوهر، انهن جا قاعدا قانون ڳولي هٿ ڪري ٿو انهن کي ڄاڻي ۽ سمجهي ٿو. ماڻهو ئي آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي دماغ کي سمجهي ٿو. ناهي ڪو ٻيو سواءِ ماڻهوءَ جي، جيڪو ايئن ڪري سگهي.

اڳوڻو ماڻهو پٿر جيتري مضبوط مُٺ ۽ ڏندي جيتري ڏگهي ٻانهن ٺاهي سگهيو. پوءِ هن تير ڪمان ۽ ڀالي وسيلي پنهنجيءَ ٻانهن کي وڌيڪ ڏگهو ڪيو ۽ مترڪي وسيلي پنهنجيءَ مٺ کي اڃا به مضبوط. خالي هٿ سان ڪچي مٽيءَ جي لپ پري سگهيو پئي پر ڪوڏر وسيلي وڏو لپو هٽي سگهيو ٿي. سڏ پنڌ تائين ٻڌي سگهيو پئي، ڇڳو پري تائين ڏسي سگهيو پئي، ٻه چار ميل ڊوڙي سگهيو ٿي ۽ ڪوهن جا ڪوهه پنڌ هٽي پئي ويو. ٻُنڊ پئي ڪنيائين، ڇِپون پئي ڊوئيائين، ڇپ جيڏا جانور



پئي مارِيائين. اهو ماڻهو به وهه واهه، واکاڻ لائق آهي اهو ماڻهو جنهن اهو سڀ ڪجهه ڪيو پر اڄوڪي ماڻهوءَ:

- پنهنجي چنبي کي فولادي بنائي، ڪرين جو روپ ڏئي، ايڏو سگهارو بنايو آهي جو هڪ سٽ ۾ ويهه ويهه ٽن ڪٽي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ رکي ٿو

- پنهنجيءَ لپ کي فولادي ڪوڏر ۾ بدلائي، ايڏو ويڪرو ڪيو آهي جو ان جو هڪ لپو مٽن جا مڻ مٽي، بجري، واري يا پٿر پٽي سگهي ٿو.

- پنهنجن ڪنن کي ايڏو سرلو ڪري ورتو آهي جو دنيا جي هڪ ڪُنڊ جو آواز ريڊيي، فون وسيلي ٻي ڪنڊ تي ٻڌي سگهي ٿو.

- پنهنجين اکين کي اها ويڪري ديد ڏني آهي جو ڪائنات ۾ لکين روشني-سالن جي پنڌ تي، تارن، سيارن ۽ گرهن تي، ڌرتيءَ جي هڪ پاسي کان ٻي پاسي تي، انتهائي اڻ لکن ذرڙن (اليڪٽرانن يا ايٽمن) تي، ڏِسٽيُن (ڏِسڻ جي اوزارن) وسيلي نظر وجهي سگهي ٿو.

- پکين جي اڏام فولادي کنڀن (هوائي جهاز ۽ راڪيٽ) وسيلي ماڻي سگهيو آهي ۽ نه رڳو فضا ۾، پر پولار ۾ به پيهي وڃي ٿو.

- مڇين جي ترڻ-مهارت به ماڻي ورتي ۽ نه رڳو ندين، اُپسمنڊن ۽ سمنڊن مٿان تري سگهي ٿو پر پاتار ۾ پيهي وڃي ٿو.

ناهي ڪو ٻيو ساهوارو سواءِ ماڻهوءَ جي، جيڪو اهو سڀ ڪجهه ڏسي، ٻڌي، سنگهي، چَکي يا ڇُهي، ان کي جاچي، پرکي، پرجهي ۽ پروڙي سگهي جيڪو ڪجهه سندس چؤطرف وهي واپري، هلي چلي، ٿئي ڳري پيو. ماڻهو ئي آهي جيڪو پنهنجي چوڌاري ۽ پاڻ اندر ٿيندڙ معاملن جي پرک ۽ ڄاڻ ماڻي سگهي. ماڻهو ڄاڻي ٿو فطرت کي، سماج کي ۽ ذهن کي، ڄاڻي ٿو ته هو پاڻ ڇا آهي، سندس هستي ڇا آهي، سچ ڇا آهي، ڪائنات ڇا آهي. ٻين ساهوارن جيان ماڻهو رڳو جيئڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل ناهي، پر ان سان گڏ هو سوچي ٿو ته ڌرتي ڇا آهي، حياتيءَ جو مقصد ڇا آهي، ڇا هئڻ گهرجي.

## باب پنجون

# سمجَهه حقيقت ۾ ڇا آهي؟

توهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ سمجهه مجموعي طرح گڏيل نالو آهي ڄاڻ، سڄاڻَ، سوچن، سڌن، سرت، ساڃاهہ، عقل، عقيدي، احساس، ارادي، اميد، امنگ، خيال، خواهش، جوش، جذبي، ذهانت، ذڪاوت، وهم، ويساهہ، سوداءَ، تصور وغيره جو. انهن مان هر لفظ سمجهہ جي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي کي ظاهر ڪري ٿو.

هاڻي اسين گڏيل نموني اهو ڄاچينداسون تہ سمجهہ ڇو ٿي ٿئي، سمجهہ جي فطرت ڇا آهي؟

توهان کي اها چڱيءَ طرح خبر هوندي تہ اڳ، پهريائين پهريائين جڏهن ڪنهن گهر جي ڇت ٽيئرن گيڊرن سان ڇاهي ويندي هئي تڏهن گهڻي قدر اها اونهاري ۾ ڦاٽي (ٽُٽي، ڏري، ڇِڃي) پوندي هئي. اوساري ڪندڙ رازا وائڙا هئا، تہ ايئن ڇو ٿو ٿئي؟ نيٺ سائنسدانن اها مام پروڙي ورتي. ڄاتو ويو تہ اونهاري ۾ موسمي ڪوساڻ سبب ٽيئرن گيڊرن ۾ واڌ پئي ٿئي، ۽ ظاهر آهي تہ لوهي واڌ ڇتين کي ڦاڙي رکندي.

توهان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ گندرف واري تيلي گندرف تي گسائڻ سان باهہ ٻاريندي آهي، ڪانيءَ سان ڪاني گهي يا پٿر تي پٿر رهڙي بہ باهہ پيدا ڪبي آهي. ٽپيل لوهہ سُڄيل، ڳاڙهو ۽ نرم ٿي پوي ٿو وري مترڪي سان ڌڪ هڻڻ سبب ان تي ڌڪ جو نشان ٿهي بيهي ٿو. بنڌ تي ڪهاڙيءَ جو وڍ ٿهي بيهي ٿو بيشڪ پاڻي سڪي ويو هجي پر ان جي وهڪ ۽ لهرن جي وڍ (ڪاٽ) جابلو پٿرن، ٽڪرين ۽ زمين تي (جيئن مثال طور سيوهڻ پرسان ٻُگي ٺوڙهي جبل، ڄامشوري وارن جبلن، سامونڊي ڪنارن وارن جبلن، هاڪڙو نديءَ، سرسوتي نديءَ ۽ سنڌو نديءَ جي پراڻن وهڪرن جا آثار) صدين تائين ظاهر رهن ٿا. چنڊ ۾ تہ روشني ڪانهي پر هو

سچ جي روشني موٽائي، اولٽو ڪري ٿو جنهن ڪي چانڊوڪي چئون ٿا، وغيره. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ جيالاجي شعبي ۾ توهان کي ڪيترن ئي قسمن جا وڻ، ٽڙ نظر ايندا جيڪي پنجن وڪن جي پنڌ تان به توهان کي ڪاٺ نظر ايندا، پر هٿ لائڻ کان پوءِ خبر پوندي ته اهي پٿر آهن ــــ بنڊ، پن، جيت، ڪوپر ساهوارا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون پٿر ۾ رهي پاڻ پٿر، پنڊ پهڻ ٿي ويون.

## ايئن ڇو ٿو ٿئي؟

هر شيءِ ۾ اولٽو ڪرڻ جي خاصيت آهي، ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌ، ڪنهن ۾ سادي ته ڪنهن ۾ اُچي، ڪنهن ۾ هيٺِي ته ڪنهن ۾ سگهاري ــــ ان جو دارومدار هڪ ٻي مٿان عمل ڪندڙ شين جي خصوصي نوعيت ۽ بدني اڏاوتي تنظيم تي هوندو آهي. اولٽي ڪيڻ يا عڪس کي ظاهر ڪرڻ جي معاملي ۾ اهڙي ڪا به پابندي ناهي ته بدن (بت، شيءِ) هرويرو جيئرو (ساهوارو) هجي، مئل بدن به اولٽو ظاهر ڪندو آهي، جيئن مٿي ڏنل ڪجهه مثالن مان ظاهر آهي. باقي ايئن ٿيندو آهي ته ساهوارن جسمن ۾ اولٽي ڪيڻ جي خاصيت وڌيڪ آهي ۽ هر ساهوارو اوسر (ارتقا) جي جيترو مٿاهين ڏاڪي تي هوندو ان ۾ اولٽو ڪيڻ جو گڻ به اوترو ئي وڌيڪ اتم هوندو. هڪ جيو-گهرڙي واري جيوڙي جي ڀيٽ ۾، گهڻ جيو-گهرڙي جيوَ ۾ وڌيڪ ۽ گهڻ جيو-گهرڙن ساهوارن مان وري انهن ساهوارن ۾ وڌيڪ وڌيل، جن ۾ تنتي سرشتو هوندو آهي ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ وري مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ ساهوارن ۾ اولٽو ڪيڻ جو گڻ اڃا به مٿاهين سطحن تي پهتل هوندو آهي ۽ مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙن ۾ وري ماڻهو سڀ کان وڌيڪ اتم سطح تي پهتل آهي ــــ اهوئي سبب آهي جو هر پٿر اڇلائي دشمن کي هٽڻ جو عمل يا ڪانيءَ سان پاڙون ڪوٽي ڪيڻ جو عمل ۽ انهن جو لاڀ ماڻهو ئي پروڙي سگهيو ۽ ٻيو ڪو به ساهوارو پروڙي نه سگهيو جڏهن ته انهن ۾ به دشمن تي وار ڪرڻ لاءِ "هٿيار" ڪتب آڻڻ جو ڏانءُ موجود آهي.

ساهوارن جسمن ۾ اولٽي ڪيڻ جي صلاحيت اَساهن (بي جان، "مئل") جسمن جي ڀيٽ ۾ مٿاهين سطح تي ڇو پهتل هوندي آهي؟

اَساهن جسمن جي ڀيٽ ۾ ساهائن (ساهوارن) جسمن ۾ اولٽي ڪيڻ جي صلاحيت ان ڪري مٿاهين سطح تي هوندي آهي جو اهي جيئرا آهن، حياتيءَ وارا آهن.



## باب ڇهون

# حياتي ڇا آهي؟

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته حياتي "ساهه" ("جان"، "روح") جي ڪري آهي. اهو "ساهه" ئي آهي جيڪو ڪنهن شيءِ کي جيئرو رکي ٿو يعني ان ۾ حياتيءَ ڀريو عمل پيدا ڪري ٿو ۽ جڏهن "ساهه" بت مان نڪري وڃي ٿو، تڏهن جسم "مري" وڃي ٿو ــــ جسم فاني آهي ۽ "روح" (ساهه) امر آهي ("ساهه" تي ٿوري دير کان پوءِ وڌيڪ تفصيل سان سوچينداسين).

سائنس (سڄاڻ) انهيءَ ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو آهي.

حياتي ڪنهن به جسم ۾ ٻيج ڏاهه ۽ ناهه نوهه (ٻيج-گهڙ) جو اهو عمل آهي جنهن وسيلي هر انگ، هر عضوو پنهنجو پنهنجو مخصوص ڪم ڪري ٿو (ان مخصوص ڪم ۾ گهاٽي-واڌي جو نالو آهي بيماري).

وائرس (جيتامڙي) بابت اوهان کي ڪجهه نه ڪجهه ٻڌ سڌ هوندي. وڏي ماتا، ننڍي ناتا، ارڙي، پوليو مَلي وغيره نالي بيماريون مختلف قسمن جي جيتامڙن سبب پيدا ٿين ٿيون. سائيءَ (ڪامڻ، يرقان) جو هڪ خاص قسم به خاص قسم (حقيقت ۾ ٽن قسمن) جي جيتامڙي (وائرس) وسيلي پيدا ٿيندو آهي. ڇتي ڪُتي جي چڪ سبب پيدا ٿيندڙ بيماري (پاڻيءَ کان ڊڄ جي بيماري، چتڪتائي) به هڪ قسم جي وائرس سبب پيدا ٿيندي آهي، جيڪو ڇتي ڪتي جي ڳِگ ۾ موجود هوندو آهي ۽ چَڪ سبب ٿهيل گهاءَ (زخم) ۾ ڳڙي جذب ٿي ويندو آهي.

انهن سمورن وائرسن ۾ جيوُ حياتيءَ، ساهه وارو عمل رڳو تڏهن شروع ٿئي ٿو جڏهن اهي ڪنهن مخصوص قسم جي ماحول (جيو-گهرڙي، جيو-گهرڙن جي جهڳٽي) ۾ پهچن، نه ته ٻيءَ حالت ۾ اهي "مئل" هوندا آهن، انهن ۾ حياتيءَ جو ڪو

ٻه عمل نه هوندو آهي، انهن ۾ ”ساهه“ نه هوندو آهي ـــــ اهي رڳو هڪ ”مئل“ مادو (ٻُت) هوندا آهن.

جيئن ئي اهي وائرس پنهنجي مخصوص ماحول ۾ پهچن ٿا تيئن ئي انهن ۾ ڀڃ-گهڙ جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو ۽ ڊاڪٽر انهن کي جيئرو سمجهي ٿو.

ڪيترائي ”جيئرا“ ماڻهو ”مئل“ سمجهي دفن ڪيا ويندا آهن! جيڪڏهن توهان کي اها سڌ نه هجي ته ڪنهن ڊاڪٽر کان پڇي ڏسو. خاص طرح اها ويڌن ٻُڏل، گُهٽو آيل (گهٽيل)، ٻوسٽ چڙهيل (ٻوساٽيل) ۽ دل جو دورو پيل (دوريل) ماڻهن سان ٿيندي آهي. عام ماڻهوءَ کي اهڙن ماڻهن ۾ حياتيءَ (ساهه، روح، جان، جيوَ) جي ڪا به نشاني نظر نه ايندي آهي تنهنڪري انهن کي مئل سمجهي پُوري ايندا آهن.

ٿي سگهي ٿو اهڙن مان ڪيترن ئي ماڻهن کي اوهان پاڻ ئي ”وري جيئرو ٿيندي ڏٺو هجي. سڪرات کان پوءِ، ڪفن ڏيڻ کان پوءِ ۽ ڪن حالتن ۾ ته دفنائڻ لاءِ نيئندي ڪيترا ئي ماڻهو جيئرا ٿي پوندا آهن. ڇو؟

ماڻهو مري ويندو آهي ته به سندس جسم عام طرح ڇهن ڪلاڪن تائين ڪوسو رهندو آهي. ڇو؟ مري ويل ماڻهو ته هڪدم ٺري وڃڻ گهرجي! مئل ماڻهو هوري هوري ڇو ٿو ٺري؟

اهو انهيءَ ئي ڀڃ-گهڙ جي عمل سبب آهي. هڪ ڊاڪٽر جسمي موت ۽ حياتياتي موت ۾ فرق ڪندو آهي. هر اهو ماڻهو جنهن جي نبض محسوس نه ٿي ٿئي، هوا (ساهه) کڻي ۽ ڪڍي ڪو نه ٿو، دل جو دڙڪو ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي، ڏسي نه ٿو، ٻڌي نه ٿو، چُري پُري ڪو نه ٿو. اهو هرويرو مئل (بي ساهه، بي جان، بي روح) ناهي. ماڻهو (ساهوارو) مئل تڏهن آهي جڏهن ان ۾ ڀڃ-گهڙ جو عمل بيهجي وڃي. ٻڏل، گهٽيل، ٻوساٽيل، دوريل ماڻهو جيتوڻيڪ ساهه نه کڻندا آهن، دل نه ڌڙڪندي اٿن، چرپر نه ڪندا آهن، ڏسي، ٻڌي نه سگهندا آهن (عام معنائن ۾ مئل هوندا آهن) تڏهن به سندن جسم ۾ اهو ڀڃ-گهڙ جو عمل هلندو رهندو آهي. توهان ڏٺو هوندو ته اهڙي ”مئل“ ماڻهوءَ کي گهٽو ڪري ڊاڪٽر دل واري جاءِ تي ڇڳي زورائتي مڪ (ٺونشو) هڻندا آهن ۽ ٻه ٽي چار ڀيرا سٽڪو ڪيڏندا يا وري سڌو دل ۾ سُئي هڻندا آهن. ڇا بيمارين جو ماهر، هڪ ڊاڪٽر ايڏو ابوجهه، اجاڻ، بي رحم ۽ ظالم ٿي سگهي ٿو جو ويرُ نه دشمني، اجايو خوامخواه هڪ ”مئل“ ماڻهوءَ کي مُڪون يا سُيون هڻڻ شروع ڪري ڏي!؟

جڏهن ڊاڪٽر کي حياتياتي ڀڃ ڊاهه جي ڪا به نشاني سُجهندي آهي تڏهن ئي هو مُڪ يا سُئي هڻندو آهي ـــــ ٿي سگهي ٿو ته دل جو ڌڙڪو ۽ ساهه جو سرشتو بحال ٿي وڃي.

جڏهن حياتياتي ڀڃ گهڙ جو عمل ايترو سگهارو ٿي پوندو آهي جو دماغ، دل، ساهه-سرشتي وغيره کي پنهنجي معمول تي آڻي سگهي ته ”مئل“ ماڻهو ”وري جيئرو“ ٿي پوندو. ”لاش“ ۾ ساهه پوڻ جو حقيقي سبب اهوئي آهي.

”موت“ کان پوءِ عام طرح ”مئل“ ماڻهو (لاش) جو جسم ڇهن ڪلاڪن ۾ ٺرندو آهي. لاش هڪدم ڇو نه ٿو ٺري؟ ڪو ماڻهو چئي سگهي ٿو ته موسمي اثر ڪري ٺرندو آهي، پر اها ڳالهه سچ پَري ناهي. موسم ڪوسي هوندي ته لوهه ڪوسو ٿيندو ۽ موسم (جاءِ) ٿڌي هوندي ته لوهه ٿڌو ٿيندو، پر لاش هر حالت ۾ ٺري ويندو آهي ـــــ ڪمرو ڪوسو هجي يا ٿڌو.

ان ڪري، روح ”نڪري“ وڃڻ باوجود جسم ۾ ڀڃ-گهڙ جو عمل هلندو رهندو آهي، جيڪو هوري هوري هيٺو ٿي بيهجي ويندو آهي. اهو ڀڃ گهڙ جو عمل جيئن جيئن هيٺو ٿيندو ويندو تيئن تيئن جسم (لاش) ٺرندو ويندو.

توهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ته مادي ۾ چرپر موجود آهي. چرپر جون ڌار ڌار شڪليون ـــــ طبعي، ڪيميائي، مشيني، حياتياتي، سماجي وغيره ـــــ آهن ۽ مادو چرپر کان سواءِ يا چرپر مادي کان سواءِ ٿي نه ٿي سگهي. راهه ۾ پٿر پيل آهي ته اهو جيتوڻيڪ ظاهري طرح ڪا به چرپر ڪو نه ٿو ڪري، پر حقيقت اها آهي ته ان ۾ مشيني ۽ ڪيميائي چرپر جون ڪيتريون ئي حالتون موجود آهن. پٿر ڌرتيءَ تي آهي تنهنڪري اهو ڌرتيءَ واري چرپر جو حصو ٿي پوي ٿو يعني ڌرتيءَ جي پنهنجي محور (وچ) چوڌاري لاٽونءَ جهڙي چرپر ۽ ڌرتيءَ جي سج چوڌاري چرپر (۽ سج وري ڌرتيءَ ۽ پنهنجن ٻين سيارن سميت ڪائنات ۾ گس جي حصي طور ڦرندو رهي ٿو). پٿر مختلف قسمن جي ايٽمن يا ماليڪيولن جو ٺهيل آهي تنهنڪري ايٽمي، اليڪٽراني وغيره چرپر ان اندر موجود آهي ۽ ان جي ڪري پٿر ڳار، ڀور جو شڪار ٿئي ٿو. ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ساهواري ۾ اهي سڀ چرپرون ته موجود آهن پر هن ۾ ”ساهه ڀريون“ (”حياتيءَ ڀريون“، ”جيوَ ڀريون“، ”جاندار“) چرپرون به موجود آهن جن ۾ ساهه کڻڻ، دل ڌڙڪڻ، سوچڻ، انگن ۽ غدودن جا ڪم، رت جو وهڪرو، جيو-گهرڙن جو ڀڄڻ ۽ ٺهڻ، کُٽڻ ۽ وڌڻ، گئسن جو (آڪسيجن، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وغيره جي صورت) جذب ۽ نيڪال ٿيڻ وغيره شامل آهن.

توهان کي اها به خبر آهي ته آڪسيجن ۽ هئڊروجن گئسون هڪ مخصوص

حالت ۾ ملي، ڪيميائي عمل (يا چرپر) ڪري پاڻي ٺاهينديون آهن. ٻنهي گئسن جي خوبين ۽ پاڻيءَ جي خوبين ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. هئڊروجن گئس پاڻ ٻري ٿي، آڪسيجن ٻرڻ ۾ مدد ڏي ٿي، پر پاڻي عام حالت ۾ باھ وسائي ڇڏي ٿو. آڪسيجن جا ٻه ۽ ڪاربان جو هڪ ايٽم هڪ مخصوص ماحول ۾ ملي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس ٺاهيندا آهن —— هر هڪ جون خاصيتون ڌار ڌار آهن: آڪسيجن عام حالت ۾ جياپي لاءِ اهم آهي ۽ ڪاربان بي اثر، جڏهن ته ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ زهريلي، پر جيڪڏهن آڪسيجن جو هڪ ۽ ڪاربان جو هڪ ايٽم ملي پون ته ڪاربان مونو آڪسائيڊ گئس ٺهي پوندي، جيڪا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کان به وڌيڪ زهريلي ۽ ماريندڙ آهي.

سلفر (گندرف) ۽ آڪسيجن جا ايٽم مخصوص حالتن ۾ هڪ ٻي سان ملي گندرف جو تيزاب ٺاهيندا آهن. گندرف، آڪسيجن ۽ گندرف جي تيزاب مان ٽنهي جي خاصيتن ۾ ڪا به هڪجهڙائي ناهي. ماڃهو صاف سٿرو ڪائي ٿو جنهن ۾ به ڪيترين ئي اهڙين شين ظاهر ٿين ٿيون جيڪي ماڻهوءَ جي بُت جي گهرج ناهن، ۽ اهي ڦوڳ جي صورت ۾ نڪري وڃن ٿيون، پر ڦوڳ سان گڏ پيٽ مان ”هوا“ (ريح) به خارج ٿئي ٿي جنهن ۾ ڏاڍي ڌپ هوندي آهي —— ان گئس جو نالو آهي سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ اها پيٽ ۾ ٿيندڙ ڪيميائي عملن جو نتيجو هوندي آهي. وڏي ڳالھ اها ته سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ سلفر (گندرف) جي تيزاب جي بناوت ۾ رڳو ٻن آڪسيجن ايٽمن جو فرق آهي.

جُهـڙ (ڪڪرن) ۾ گهميل ڏُونهي کان سواءِ ڪجھ ناهي پر پوءِ به ان جي اڳيان پٺيان، هيٺان مٿان پکڙيل ذرڙا جڏهن هڪ ٻي سان ٽڪر يا گاٺ ڪائن ٿا تڏهن نه رڳو گاج، ڪڙڪو ٿئي ٿو، پاڻي نهي ٿو پر ڪنوڻ (وج) ۽ ڳڙو (برف) به ٺهي پون ٿا.

بنيادي عنصر 110 آهن، پر انهن جي مختلف نمونن سان مختلف حالتن ۽ ميلاپ سبب ڪروڙين قسمن جا ڪيميائي مادا ٺهيل آهن ۽ ٺهندا رهن ٿا.

ڌرتي سج جو ڇڳل ٽڪرو آهي. سائنسي ڪاٿي موجب اهو 10-ڪرب سال اڳ تتي ڌار ٿيو ۽ هوري هوري ٺرندو رهيو. نيٺ ان تي پاڻي، خشڪي، ڪڪر، ڪنوڻ، هوائون، آنڌاريون، ڪڙڪا، ڪوسايون، ٿڌايون، ڇوليون، ڇوھ... گهڻو ڪجھ موجود ٿي پيو —— مختلف عنصر ملندا، ٽٽندا، جڙندا، بدلبا ۽ نيون خاصيتون وٺندا رهيا. اهڙي ئي ماحول ۾ ڪنهن زماني ۾ هڪ خاص قسم جو وڏو ڳتيل ڪيميائي مادو ٺهيو جنهن کي امائنو ايسڊ سڏجي ٿو. ان جي بنيادي بناوت ۾



ڪاربان، آڪسيجن، نائٽروجن، هئڊروجن جا ايٽم ئي آهن، جن جي ڳٽپ ۽ اڏاوت مخصوص آهي.

**امائنو ايسڊ** اهو پيڙهائتو پٿر آهي جنهن جو خاصيتون هڪ مخصوص ماحول ۾ حياتيءَ پريون ٿي پون ٿيون. وائرس پنهنجيءَ بناوت ۾ امائنو ايسڊ ئي آهي. جن حالتن ۾ اهو امائنو ايسڊ ٺهيو، سائنسدان ان جي تخليق ڪري رهيا آهن ۽ سوپ ويجهو پهچي چڪا آهن. سائنسدان اڄ ٽيسٽ ٽيوب ٻار ٺاهي، ڄڻي، پالي چڪا آهن. مخصوص جسماني بناوت رکندڙ مردن کي عورت ۽ مخصوص بناوت رکندڙ عورتن کي مرد ٺاهي سگهن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته اسان مان سوين جيئرا ئي هجن جو ”حياتي (جيوُ) ٺهي پوي“.

هر ساهوارو مادي جو ٺهيل آهي. ساهواري جي جسم کي پيچي عنصرن ۾ ورهايو ويندو ته اهو ٻيو ڪجھ نه هوندو سواءِ ڪاربان، آڪسيجن، هئڊروجن، نائٽروجن وغيره جي. انهن ئي عنصرن جي مخصوص ميلاپ نراليون خاصيتون رکندڙ نوان نوان ڪيميائي مادا ٺاهيا ۽ وري مخصوص قسمن جي ڪيميائي مادن جي مخصوص ميلاپ مخصوص ماحول ۾ هڪ نئين قسم جي وڏي ڪيميائي مادي کي جنم ڏنو جنهن ۾ نوان گڻ هئا ۽ انهن نون گڻن جو نالو آهي حياتي (جيءُ، جان، جياپو، روح). {مون کي خبر ناهي ته مُلي جي تشريح وارو روح ماڻهن کان سواءِ ٻين ساهوارن —— گهوڙن، گڏهن، ڪتن، ٻلن، نانگن، وِڇن (پٽن)، جيوڙن، جيتامڙن ۽ وڻن، ٻوٽن، گاهن وغيره ۾ موجود آهي يا نه. البت اڄ ڏينهن تائين ڪٿي به اهو نه پڙهيو اٿم ته وڻن ۾ روح آهي، ٻوٽن ۾ روح آهي، ڪٽڪ ۽ سرنهن جي تيلي تيلي ۾ روح آهي.} سائنس جي ٻوليءَ ۾ وڻ، ٻوٽا، گاھ، اناج ۽ جيت جڻيا، جانور وغيره سڀ ساهوارا آهن.

نئين ٺهيل ڪيميائي مادي ۾ حياتياتي پيچ-گهڙ جو عمل موجود هو پر ان ۾ اولڙو ڪرڻ جي خاصيت به وڌيڪ هئي. حياتياتي پيچ-گهڙ جي عمل وسيلي هن ردي، پراڻين، ڦوڳ ٿي ويل شين کي جسم مان خارج ڪيو پئي ۽ سٺا، نوان، ڪاڄ ڏيندڙ جزا جذب ڪري جسمن جو حصو بنايو پئي ۽ اولڙي ڪڍڻ جي خاصيت غير جاندار مادي جيان بي وس نه رهي، پر وس واري يا ڦڙتيلي هئي. غير جاندار مادو پنهنجي ڪيميائي ۽ طبعي جوڙجڪ جي بقا ۽ واڌاري لاءِ ماحول جي چڱن ۽ لڳن جزن ۾ فرق ڪري نه سگهندو هو پر هاڻي چڱي ۽ لڱي جي وچ ۾ فرق ڪري سگهيو پئي.

پيچ-گهڙ جي عمل جيان جيوارو اولڙو بہ سادڙي ساهواري ۾ گهٽ معيار يا درجي جو ٿئي ٿو. جيوارو اولڙو حقيقت ۾ جيئري جيوَ پاران ڪنهن بہ ٻاهرين يا اندرين عمل يا اثر (جيئن ڪوساڻ، ٿڌاڻ، اوندهہ، سوجهري، ڇهاءُ، سوڪ، آلاڻ، بک، اڄ وغيره) جو موٽ عمل هوندو آهي. جيوُ پنهنجي دشمن کان ڀڄي پري ٿئي ٿو ۽ ڪاڄ ويجهو وڃي ٿو پر جڏهن جيوُ ڏاوِل آهي تڏهن ڪو بہ لذيذ ڪاڏو ڪيس هرڪائي نہ ٿو سگهي. ان عمل وسيلي جيوارو پنهنجي ماحول سان مطابقت، هڪ ڪرائي، ٺاهہ، پرچاءُ ڪري ٿو ۽ ان ۾ ئي سندس بقا، بچاءُ ۽ سرجاءُ آهي.

جيوڙو، سادو ساهوارو مختلف قسمن جي اثرن ڏانهن موٽ عمل مجموعي طرح پنهنجي سڄي وجود جي چرپر، ڦڙڦوٽ يا مچرجڻ وسيلي ظاهر ڪري ٿو. هن ۾ ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ ڏانهن ڌار ڌار قسم جو خصوصي ردعمل موجود ڪونهي.

جيئن جيئن ساهوارو وڌو، گهڻ-جيو-گهرڙو ٺِتيل ٿئي ٿو (خاص طرح جيت جانور) تيئن تيئن هن ۾ هر قسم جي اثر لاءِ ڌار ۽ مخصوص قسم جو موٽ عمل ظاهر ٿئي ٿو. مثال طور ڪوساڻ، ٿڌاڻ، ٻوراڻ، ڏپ، سڳنڌ، گوڙ سر، تيز روشني، سوجهري، اوندهہ، چيڪي وغيره ڏانهن هن جو سڄو جسم ردعمل ظاهر ڪو نہ ٿو ڪري، پر جسم جو ڪو مخصوص حصو اهو ردعمل ظاهر ڪري ٿو. هن قسم جي ساهواري ۾ تنتي سرشتو ٺهيل ٿئي ٿو جنهن جا حصا بہ آهن. هڪ حصو ٻاهرين عملن (اثرن) کي محسوس ڪري جانور کي آگاهہ ڪري ٿو ۽ ٻيو حصو واسطيدار عضوي ڏانهن گهربل ردعمل جو حڪم موڪلي ٿو. ٻين لفظن ۾ ايئن چئون، تہ هن قسم جي جانور ۾ حسون (تنتون) ٺهيل ٿين ٿيون جيڪي "احساس" جي صورت ۾ اولڙو ڪيڻ جو عمل ڪن ٿيون. هر حس تيز رفتاريءَ سان احساس قبول ڪري ٿي ۽ تيز رفتاريءَ سان ئي جوابي ڪارروائي ٿئي ٿي. هيءَ هڪ پاڻ مرادي غير مشروط ڪارروائي آهي جيڪا هر جانور (ننڍي توڙي وڏي) ۾ موجود ٿئي ٿي ۽ جبلي طرح وڏن کان ننڍن ڏانهن تبديل ٿئي ٿي. ننڊ ۾ مڇر ڏنگي ٿو تہ بنا جاڳڻ جي ان کي پري ڌڪڻ جو پاڻ مرادو ردعمل ٿئي ٿو يا اوچتو ڪوسيءَ شيءِ کي ڇهڻ سان ئي پاڻ مرادي ردعمل طور ڇهندڙ حصو پري ٿي وڃي ٿو.

اهڙن پاڻمرادن غير مشروط عملن جا ڪجهہ ٻيا مثال هي آهن:

1) ساهہ کڻڻ ۽ ڪيڻ،

2) کنگهڻ،



3) نچ ڏيڻ،

4) اکيون ٻوٽجي وڃڻ (اکين جي ويجهو اشاري، ڦڙڪي سبب)،

5) تيز روشنيءَ ۾ ماٽڪيءَ جو سُسڻ ۽ اکين جو ٻوٽجڻ،

6) جسم کي سنوت ۾ رکي هلڻ،

7) الٽي ڪرڻ،

8) دست ٿيڻ،

9) وات پاڻي ٿيڻ،

10) اڄ ۾ نڙي خشڪ ٿيڻ،

11) ڳيت ڏيڻ ۽

12) جنسي عمل ڪرڻ، وغيره.

مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ جانور اوسر جي اجا بہ اتاهين ڏاڪي تي ٿين ٿا. تنتي سرشتو رکندڙ جانورن ۾ تنتي جيو-گهرڙا ۽ تنتي تاندورا ٿين ٿا. اُسرندي، گهڻ پاسائون ڪم ڪندي، ماحول سان ٺهڪي هلندي تنتي جيو-گهرڙن ملي تنتي ڳوڙها ٺاهيا ۽ تنتي تاندورن ملي تنتي رڳ (تنتي ٻنڌڻ، تنتي تنجڻ، تنتي وادِ) ٺاهي. تنتي ڳوڙهن پاڻ ۾ ملي تنتي مِکُ ٺاهي. تنتي مک وڏي، ويجهي، وڌو ٿي ميڄالي (دماغ) {کوپڙيءَ ۾} ۽ تنتي ڏوري (ڪرنگهي ۾) جنم ورتو. ميڄالي، تنتي ڏوري، تنتي رڳ، تنتي ڏاڳي (تاندوري)، تنتي ڳوڙهن، تنتي مِکُن، تنتي جيو گهرڙن جو هڪ وسيع، گهڻ-ڪرتو نظام ٺاهيو، جنهن کي مرڪزي تنتي سرشتو چئجي ٿو.

مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ جانورن ۾ حقيقتن جي اولڙي ڪيڻ جو گڻ هزارين ڀيرا وڌيڪ اُچو آهي. نہ رڳو حقيقتن جو احساس موجود ٿئي ٿو پر انهن جي حسي تصوير بہ ٺهي ٿي. احساس ۽ حسي تصوير ذهني سرگرميءَ جا ابتدائي اهڃاڻ آهن ۽ تصوراتي ڄاڻ ڏين ٿا. تصوراتي ڄاڻ اها آهي تہ ڪنهن اڳ محسوس ڪيل ۽ هاڻي اڻ موجود (اکين ۽ ٻين حِسن تي سنئون سڌو هاڻي جو هاڻي اثر نہ وجهندڙ) شيءِ جو تصور يا ياد ورجائڻ ـــــ يادگيري، ياد. اولڙي جو هيءُ قسم مشروط ناهي پر غير مشروط آهي. اڳ جانور رڳو پنهنجي ڪنهن بنيادي گهرج سان لاڳاپيل عملن، اثرن جو رد عمل ڏيکاريندا هئا پر هاڻي اهي ڪجهہ نہ ڪجهہ "ياد" رکي سگهيا پئي، پر اها ياد بہ پنهنجن بنيادي گهرجن سان لاڳاپيل هئڻ گهرجي.

ڌار ڌار قسم جي جانورن کي ڌار ڌار قسم جون "سوچون" سکيا ڏئي ٺاهيون

ويون آهن. وانو ڪتو دشمن کي وٺ ڪري ٿو پر سنگتيءَ يا ٻڪريءَ، رڍ وغيره کي ڪجهه به نه ٿو چئي. تازِي ڪتي ۾ شڪار جي بوءِ پڪڙڻ جو گڻ وڌيل آهي، پيرِي ڪتو ٻي ڏينهن به پيرو کڻي سگهي ٿو ڪي ڪتا بال سان راند ڪيڏي سگهن ٿا ۽ سرڪس ۾ ڪرتب ڏيکارن ٿا، شينهن ڇَلي منجهان ٽپي وڃي ٿو وغيره.

رڳو هڪ مثال بيان ڪيون ٿا.

جيڪڏهن ٻه چار مهينا لاڳيتو بُکي ڪتي کي گهنٽي وڄائڻ کان پوءِ کاڌو ڏنو وڃي، ته ڪتو پنهنجي بک جي پورائيءَ لاءِ پنهنجن حِس کي گهنٽيءَ سان لاڳاپي ونئدو آهي. ڪتو گهنٽيءَ جي آواز سان هري ويندو. جڏهن ته جيڪو ڪتو گهنٽيءَ جي آواز کان پوءِ کاڌي تي هريل نه هجي، ان لاءِ لکين گهنٽيون به بيڪار آهن. هريل ڪتي ۾ گهنٽيءَ جو آواز ٻڌندي ئي کاڌي سان لاڳاپيل ردعمل ظاهر ٿي پوندو. وات ۾ پاڻي پرجي ايندس، جنهن مخصوص جاءِ تي ويهي کاڌو کائيندڙ هوندو اتي وڃي ويهندو ۽ اوسيئڙو ڪندو. ڪتي جي دماغ ۾ کاڌي ۽ گهنٽيءَ جي وچ ۾ هڪ عارضي ناتو جڙي وڃي ٿو جنهن هيٺ هو گهنٽيءَ جي آواز کي کاڌي اچڻ جو اشارو سمجهي ٿو. هيءُ مشروط ردعمل آهي. اهڙن ردعملن جي بنياد تي ئي هڪ جانور پنهنجو پاڻ کي پنهنجي مخصوص ماحول سان وڌيڪ سٺي نموني نڀائي ٿو. حقيقت جي اولڙي جي هيءَ صورت پنهنجين اڳوڻين صورتن يعني سادڙي جانور جيان سڄي جسم جو ردعمل ظاهر ڪرڻ (مڇرجڻ، چڙڻ) ۽ تنتي سرشتو رکندڙ جانور جي گڻ کان مشروط حسي ردعمل کان ڌار قسم جو آهي —— هن نئين صورت ۾ حقيقت جو اولڙو نفسي (نفسياتي) صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو —— جانور جي دماغ ۾ مشروط ردعمل وسيلي ڪنهن مخصوص لقاءَ يا شيءِ جو عڪس، تصور، خاڪو اولڙو نهي پوي ٿو جيڪو ان لقاءَ يا شيءِ جي اڻ موجوديءَ ۾ به جانور جي دماغ تي اهو ساڳيو ئي ردعمل طاري ڪري ٿو جيڪو موجوديءَ هوندي ڪري سگهيو پئي. وڌيڪ اهم ۽ بنيادي مشروط ردعمل هوري هوري عارضي (ٿوري مدي وارن) مان ڦري پڪا پختا ٿي پوندا آهن. هن عمل ۾ هڪ ڌاري شيءِ جو اولڙو به مضبوط ٿئي ٿو يعني گهنٽيءَ جو. گهنٽي کاڌي اچڻ جي اشاري سان ڳنڍيل آهي. اشارن جا اهڙا سوين نمونا نهن ٿا، جن کي اشارن جو سرشتو يا اشارن جو پهريون سرشتو چئجي ٿو.

عام طرح هر جانور ۾ هٿراڌو عادتون بک ۽ اڃ ڏئي يا جنسي وهر کان پوءِ لڳ جو لوپ ڏئي پيدا ڪيون ويندريون آهن.



فطري ماحول ۾ اهڙا سوين اشارا ملن ٿا. ڪڇيون ساريون جهار لاءِ نرم داڻي جو اشارو آهن، آکيري ۾ نانگ اولاد جي ۽ پنهنجي خاتمي جو اشارو آهي، تيز هوائن جو گهلڻ اجهي کي برباد ڪرڻ جو اشارو آهي، ٻوڏ کاڌي ۽ اجهي کي تباهه ڪري ٿي، هر قدرتي آفت تباهيءَ جو اهڃاڻ ٿئي ٿي ۽ هر قدرتي کاڌ خوراڪ جي جججهائي خوشحاليءَ جو خيال ڏي ٿي. اشارن جو پهريون سرشتو مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ هر جانور ۾ موجود آهي، اوسر جي معيار سان ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌ، ۽ ماڻهو ٿي سگهندڙ ساهواري ۾ اهو معيار، نفس، من، ياد سڀ کان وڌيڪ اسريل هئي ڇو ته اهو اوسر جي سڀ کان مٿاهين ڏاکي تي هو. ان ڪري ئي ماڻهوءَ ۾ سندس ردعمل جي ڪري سمجهه پيدا ٿي سگهي. ماڻهو ئي آهي جيڪو اشارن جي پهرين سرشتي کان ٽپي اشارن جي ٻي سرشتي —— ٻوليءَ —— تائين پهچي سگهيو. ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو اشارن جي پهرين سرشتي کان اشارن جي ٻي سرشتي (ٻوليءَ) تائين ڪيئن پهچي سگهيو؟ ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو ٻي سمجهه مان ڦري سمجهه]هو ساهوارو (ماڻهو) ڪيئن ٿي سگهيو؟

بامقصد سرگرمي، بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ پورهيو. فطرت جي مليل شين کان پنهنجي پسند جو ڪم وٺڻ وارو عمل، فطرت جي ملندڙ شين کي اها شڪل ڏيڻ جنهن وسيلي پنهنجي کاڌ خوراڪ کي نسبتاً سولو ۽ گهڻو هٿ ڪري سگهجي. ٻي ساهه شين ۾ جيئرو پورهيو لڪائي انهن کي پنهنجو اوزار يا هٿيار بنائيندڙ ڪم ئي آهي جنهن ماڻهوءَ جهڙي ساهواري کي ماڻهو بنايو. جنهن هڪ اسريل ساهواري کي اشارن جي هڪ سرشتي کان اشارن جي ٻي سرشتي ڏانهن تبديل ڪيو ۽ ڇال ڏياريو. جنهن ماڻهوءَ ۾ سمجهه پيدا ڪئي. اهو پورهيو ئي آهي جنهن وسيلي ساهوارو سنئون سڌو فطرت سان لڳ لاڳاپي، لهه وچڙ ۾ اچي ٿو. هو فطرت کي ڏسي ٿو جاچي ٿو. سوچي ٿو. سمجهي ٿو ۽ انهن جي بنياد تي پروڙيل پرجهيل نتيجن کي وري پرکي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح نظرياتي ڄاڻ ماڻي ٿو. هو پنهنجو پاڻ کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو —— پنهنجن عملن، پنهنجن ارادن، مفادن، جذبن، خيالن کي، پنهنجي سماجي زندگيءَ ۽ پنهنجي مٿيري حيثيت کي سمجهي يا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ماڻهو رڳو مڇرجڻ، رڳو حسي تصوير، رڳو نفسي اولڙو ئي نه ٿو ڪيري پر سوچي به ٿو. سمجهي به ٿو ۽ تخليق به ڪري ٿو.

## باب ستون

# احساس جون واٽون ڪھڙيون آھن؟

تنتون احساسن جون واٽون آھن. تنتون ئي آھن جيڪي ٻاھرين دنيا جا اثر ڍوئي وچي دماغ تائين پھچائن ٿيون ۽ اتان وري تنتن وسيلي ئي واسطيدار عضون کي ردعمل ظاھر ڪرڻ جا حڪم پھچايا وڃن ٿا. اھي احساس جيئري جسم کان ٻاھر ۽ جيئري جسم اندر ٻنھي ھنڌن تي عمل ڪندا رھن ٿا. اھي تنتون سڄي جسم ۾ پکڙيل ٿين ٿيون. تنتي عمل جا ٽي نمونا آھن: قطعي پاڻ مرادا عمل، ڪجھ قدر پاڻ مرادا ۽ ڪجھ قدر وس ھيٺ ۽ قطعي وس ھيٺ. قطعي پاڻ مرادن عملن ۾ مثال طور دماغ جو ڪم، دل جو ڪم، رت جو ڪم، جسم جي ھر جيو گھرڙي جو ڪم جيري جو ڪم، ڦڦڙن اندر گئسن جي مٽاسٽا جو ڪم، ٻڪين جو ڪم وغيره ٿين ٿا ـــــ انھن عملن کي ارادي وسيلي ٻيھاري، تيز ڪري يا ڍيرائي نہ ٿو سگھجي، اھي پنھنجي ڪرت ڪندا رھن ٿا. ڪجھ پاڻ مرادا ۽ ڪجھ وس ھيٺ عمل اھي آھن جن کي ڪجھ دير تائين پنھنجي ارادي سان ٻيھاري، تيز ڪري ۽ ڍيرائي سگھجي ٿو. مثال طور ساھ جو چڪڻ ۽ ڪڍڻ، پيشاب يا ڪاڪوس جو نڪرڻ وغيره. ھڪ ماڻھو ساھ، پيشاب يا ڪاڪوس کي ڪجھ دير لاءِ ترسائي سگھي ٿو پر ڪنھن خاص حد کان پوءِ اھي سندس وس ۾ نہ رھندا ۽ پنھنجو عمل پاڻ مرادي نموني ڪري ڇڏيندا. ڪي عمل وري اھڙا آھن جو انھن تي پوريءَ طرح وس ھلي ٿو. جيئن ھلڻ، ويھڻ، سمھڻ، ھٿ مٿي ڪڻڻ يا ھيٺ ڪرڻ وغيره. انھن عملن لاءِ گوشت ۽ ھڏا/ھڏيون وغيره اھم عضوا آھن. انھن ٽنھي عملن جو پاڻ ۾ لاڳاپو بہ آھي ۽ ھڪ ٻي تي اثر ڪري سگھن ٿا. سُر ۽ ڪَرڙي کي، ٻار ڪوساڻ ۽ ٽڏاڻ وغيره کي اسان جو ھر عضوو محسوس ڪري سگھي ٿو. واسطيدار عضوي



جون تنتون اھو نياپو، احساس دماغ تائين پھچائن ٿيون ۽ دماغ وري واسطيدار عمل جو حڪم ڪري ٿو. جسم کان ٻاھر ٿيندڙ عمل، اثر ۽ لقاءَ اسان جي پنجن وڏن حواسن تي احساس پيدا ڪن ٿا ۽ اھو احساس واسطيدار حواس جي تنتن وسيلي دماغ تائين پھچي ٿو ۽ دماغ وري ان يا ٻي ڪنھن بہ لاڳاپيل عضوي کي مخصوص ڪرت ڪرڻ جو حڪم ڏي ٿو. اھي پنج وڏا حواس آھن:

**(1) ڏسڻ جو حواس،**

**(2) ٻڌڻ جو حواس،**

**(3) ڇھڻ جو حواس،**

**(4) سنگھڻ جو حواس، ۽**

**(5) چکڻ جو حواس.**

ڏسڻ جي حواس جا ڪيترائي حصا آھن، جن ۾ اک (پنھنجن سمورن عضون سميت)، تنتون ۽ انھن جو پسرائيندڙ نظام شامل آھي. روشنيءَ جي تيزيءَ آھر ماڻڪي وَڏي ۽ سُسي ٿي، اک جي پردي تي عڪس نھي ٿو اتان تنتن وسيلي ڪڄي دماغ تائين پھچي ٿو ۽ ڪي اڻ لکا تاندورا پسرائيندڙ يا اڇل نظام وسيلي ان کي دماغ جي پوئين حصي (ننڍي مغز) تائين پھچائن ٿا جتان وري ڪجھ اثر مغزي ڏوري ۾ پھچن ٿا (اھو ئي سبب آھي جو لوتِ ۾ لڳندڙ ڌڪ اکين ۾ اوندھ پکيڙي ڇڏي ٿو). اھڙيءَ طرح ھر حواس جو پنھنجو مخصوص سرشتو ٿئي ٿو. ھتي اھا ڳالھ ياد رکڻ گھرجي تہ ھن وقت اسين خاص طرح ماڻھوءَ ۽ عام طرح اسريل (مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ) ساھوارن کي ذھن ۾ رکي ھيءَ ڳالھ ٻول ڪيون ٿا ۽ ٻيو اھو تہ ھر ساھواري ۾ ھر حواس قطعي ھڪ جھڙو نہ ٿيندو آھي ۽ ڪن ساھوارن ۾ تہ ڪي حواس ٿيندا ئي ناھن. مثال طور نانگ پنھنجيءَ کل وسيلي آواز جون لھرون محسوس ڪري ٿو جڏھن تہ چمڙو پنھنجي وات مان آواز جون لھرون ڪڍندو آھي جيڪي سامھون آيل ننڍي يا وڏي شيءِ سان ٽڪرائي موٽي وري چمڙي تائين پھچن ٿيون ۽ ان مان چمڙو سامھون آيل شيءِ جي قد بت کي محسوس ڪري ٿو. اھا ڳالھ بہ ياد رکڻ گھرجي تہ اھي حواس ھڪ ٻي سان سھڪاري بہ ٿيندا آھن. مثال طور ڪو ڌماڪو ٿيندي ڏسي اکيون ھڪدم اھو احساس دماغ تائين پھچائينديون ۽ دماغ وري ھڪدم ڪنن کي حڪم موڪلي وڏي آواز کي سھڻ لائق بنائڻ تي تيار ڪري ڇڏيندو يا ھڪ انڌو ماڻھو ھٿن جي ڇھاءَ وسيلي ننڍي جسم جي قد بت کي محسوس ڪري سگھي ٿو پر وڏي جبل جي قد بت کي محسوس ڪري نہ سگھندو. قد بت ۾ منھن مھاندو محسوس ڪرڻ ۾ اکيون ڏاڍيون تيز ٿين ٿيون.

هاڻي اچو ته هڪ هڪ حواس ۾ ان جي تنتن جي اولڙن يا عڪسن کي جاچيون:

### (1) ڏسڻ جو حواس:

مثال طور، ماڻهو ڄائي ڄمر کان انڌو آهي. هن ۾ ڏسي سگهڻ جي سگهه/اهليت ڪانهي. ڇا اهو ماڻهو ڏسڻ جي حوالي سان ملندڙ سموري ڄاڻ ماڻي سگهي ٿو؟ ڇا هو جهر جهنگ، جبل چوٽيون، پکي پکڻ وغيره بابت ڪا ڄاڻ پرائي سگهي ٿو؟ ڇا هو انهن جا قد بت، رنگ روپ ۽ انهن ۾ ايندڙ تبديلين کي پرکي سگهي ٿو؟ جواب آهي، نه. هو ڪجهه به ڄاڻي نه ٿو سگهي. ٿي سگهي ٿو ته هو ننڍين ننڍين شين کي ڇهي يا پکي پکڻ ۽ ماڻهن جا آواز ٻڌي انهن ۾ فرق ڪري سگهي، پر اهي احساس ته ڏسڻ سان لاڳاپيل ناهن. پوءِ به اها ڳالهه صفا صاف آهي ته هن کي چانڊوڪيءَ، تارن-ٽمڪي، اُڀ-نظاري ـــــ هر اها شيءِ جنهن جو آواز بوءِ، ذائقو ۽ ڇهاءُ هن جي بدن تائين نه پهچي سگهي ان بابت هن وٽ ڪا به سنئين سڌي ڄاڻ ٿي نه ٿي سگهي.

### (2) ٻڌڻ جو حواس:

مثال طور، ڪو ماڻهو ڄائي ڄمر کان ٻوڙو آهي. هن ۾ ٻڌي سگهڻ جي سگهه ڪانهي. ڇا اهو ماڻهو ڪنهن به واڪي بابت ڪا به ڄاڻ ماڻي سگهي ٿو؟ ڇا هو ٻڌائي سگهندو ڪنهن به ماڻهوءَ، جانور، پکيءَ جي آواز، هوا گهلندي پيدا ٿيندڙ سُوسٽ، پاڻيءَ جي ڇولين وغيره بابت، مطلب ته واڪي سان واسطيدار ڪنهن به شيءِ بابت ڪا به پرک ڪري سگهي ٿو؟ ڇا هو سَنهي، ڳري، مِٺي، کهري آواز ۾ فرق ڪري سگهندو؟

جواب آهي، نه. انهن بابت هن وٽ ڪا به ڄاڻ ٿي نه ٿي سگهي. اهڙو ماڻهو ته ڳالهائي به نه سگهندو. ڄائي ڄمر کان ٻوڙو ماڻهو ڄائي ڄمر کان گونگو هوندو آهي. هن جي ڪنن کان دماغ تائين ڪو آواز پهچي پنهنجو مخصوص احساس، اولڙو، عڪس ٺاهي ئي نه سگهندو آهي، ان ڪري هن کي ڪا به ٻولي نه ايندي آهي. هن وٽ ٻڌڻ جي حواس سان لاڳاپيل ڪا به ڄاڻ ٿي نه ٿي سگهي.

ڪن ماڻهن ۾ ڪَن جو ڙڳو ٻاهريون ٻلڪڙو (گهگهڙو) خراب هوندو آهي ۽ ڪن جو پردو ۽ ڪن جا ٻيا عضوا صفا نيڪ هوندا آهن. اهڙو ماڻهو وات کولي واڪو ٻڌي سگهندو آهي. نڙيءَ ۾ ٻنهي پاسن کان به سنهڙيون نلڪيون هونديون آهن جن جو واسطو ڪن سان هوندو آهي ۽ انهن نلڪين مان ڪن تائين پهچندڙ آواز جون لهرون هن جي دماغ تائين پنهنجو اولڙو ٺاهي سگهنديون آهن ۽ هو نه رڳو ٻڌي پر



ڳالهائي به سگهندو آهي. ان ماڻهوءَ کي ٻوڙو چئي نه سگهبو ڇو ته ٻڌڻ جو حواس پنهنجو ڪم ڪري سگهي ٿو.

ماڻهو هڏن ۾ ڪل وسيلي به آواز جون لهرون (ارتعاش) محسوس ڪري سگهندو آهي پر شرط آهي ته اهي ڪيس ڪنهن ٺوس شيءِ وسيلي ڇهنديون هجن، پر اها انتهائي معمولي ۽ ڪٿل ڄاڻ هوندي.

### (3) ڇهڻ جو حواس:

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڄائي ڄمر کان ٻساٽو هجي، هن جي ڪل ۾ ڇهاءُ محسوس ڪرڻ جي سگهه نه هجي، ته ڇا هو ڪل وسيلي ڇهاءَ محسوس ڪري اولڙو ٺاهي سگهندو؟ ڇا هو ڪوسي ۽ ٿڌي، لسي ۽ کهري، چيڪي، ڇهنڊڙيءَ، اُس، هوا کي محسوس ڪري سگهندو؟

جواب آهي، نه. انهن بابت هن وٽ ڇهاءَ واري ڪا به ڄاڻ ٿي نه ٿي سگهي. هو لساڻ، کهراڻ ۽ اس وغيره کي ڏسي ته سگهندو، هوا گهلڻ جو آواز ته ٻڌي سگهندو، پر هو ڪوساڻ ۽ ٿڌاڻ ۽ هوا جي لهرن کي ڄاڻي نه سگهندو، ڇو ته اهي نظر به نه ٿيون اچن، ته آواز به ڪو نه ٿيون ڪن. هو چيڪو يا ڇهنڊڙي به تڏهن ڄاڻي سگهندو جڏهن انهن جو زور کل کان ٽپي گوشت ۽ هڏين ۾ سور پيدا ڪري سگهي.

جيڪڏهن جسم جي اندرين عضون ۾ به ڇهاءُ محسوس ڪندڙ تنتون نستيون ٿي پون ته پوءِ هو پنهنجي بدن اندر ٿيندڙ گهٽ وڌاين، سور، سختيءَ کي محسوس نه ڪري سگهندو. توهان کي خبر هوندي ته دماغ ۾ ڇهاءَ جي سگهه کي سُن (نستو بي حس، ٻساٽو) ڪري پوءِ جيئري جسم تي هر قسم جي آپريشن (وَڍِ ڪُٽَ، جراحي) ڪري سگهبي آهي، ويندي ماڻهوءَ جو گوشت، دل، ڦڦڙ، ٻڪيون، جيرو، آنڊا وغيره چيريا ويندا آهن پر بي سرت (بي هوش) ماڻهوءَ کي ڪا به سڌ ٻڌ ڪا نه هوندي آهي. اهڙي وڍ ڪٽ به ٿي سگهي ٿي جنهن ۾ دماغ کي اثر ۾ رکڻ بدران رڳو ڪنهن خاص جاءِ کي نستو ڪيو وڃي ۽ پوءِ ماڻهو سڀ ڪجهه ڏسي ٻڌي به سگهندو پر جنهن نستي ٿيل ٽڪري ۾ وڍ ڪٽ ٿئي پئي، اتي ڇهاءُ، سور محسوس نه ڪري سگهندو.

### (4) سنگهڻ جو حواس:

جيڪڏهن ڪو ماڻهو نڪ جو ٻُٽو (ناٿو) هجي، هن ۾ سنگهي سگهڻ جي سگهه نه هجي، ته پوءِ ڇا هو ڪنهن به قسم جي ڳنڌ ـــــ سڳنڌ يا ڪڳنڌ ـــــ محسوس ڪري سگهندو؟ ڇا هو رابيل، گلاب، موتيي، مگري، انب، ڏاڙهونءَ وغيره جي سڳنڌن ۾ ۽ گند ڪچري، ڪني پاڻيءَ، ڳريل خراب ٿيل ميون ۾ ڳاهن،

لِڏ، ڇيٽي وغيره جي ڏيپن ۾ فرق ڪري سگهندو؟ ڇا هو مختلف گئسن، گندرف، گاسليٽ، پيٽرول وغيره جي ڳنڌ سڃاڻي سگهندو؟

جواب آهي، نه. هو ڪنهن به قسم جي بوءِ بابت ڪا به ڄاڻ رکي نه سگهندو. بوءِ اهڙي شيءِ به ڪانهي جو ان کي ڏسي، ٻڌي، ڇهي يا چکي سگهجي، تنهنڪري هن وٽ ڪنهن به قسم جي بوءِ بابت ڪو به تصور، عڪس، اولڙو يا احساس ڪو نه هوندو.

## (5) چکڻ جو حواس:

مثال طور، ڪو ماڻهو اَڇاتو هجي، هن جي زبان ۾ ذائقو محسوس ڪري سگهڻ جي سگهه نه هجي، ته ڇا هو مٺي ۽ ڪڙي، وڻندڙ ۽ اڻوڻندڙ ڪٽي ۽ ڇهري وغيره ۾ فرق محسوس ڪري سگهندو؟ ڇا هو ان لائق هوندو ته هر هڪ ميوي جي خصوصي ذائقي ـــــ انباڻي، ليماڻي، ڏاڙهونئي، زيتوني، ڪيوڙائي، ڇَڪونئي، صوفائي، زردالوئي، انگوري، پپيتائي، گاجري، ڄاڳري وغيره ۽ مختلف قسمن جي ٻوڙن (ڀاڄين) ـــــ مڇيءَ، گوشت، ڪريلي، واڱڻ، ڀينڊي، توري وغيره ۽ انهن مان ٺهندڙ مختلف ڀاڄين جي ذائقن ۾ فرق ڪري سگهي؟ ڇا هو پيئندي ئي پروڙي سگهندو ته شربت پيو پيئي يا شراب وغيره؟

جواب آهي، نه. هن وٽ اهڙي ڪا به ڄاڻ نه هوندي، هو ڪنهن به قسم جي ذائقي کي محسوس ڪري نه سگهندو. هو بيشڪ ڏسي يا ڇهي ڄاڻي وٺي ته پاڻ انب يا ليمي جي رس پيو پيئي، پر ٻنهي جي ذائقي ۾ ڪهڙو فرق آهي، تنهن جي کيس ڪا به خبر نه هوندي. هن جي دماغ ۾ ڪنهن به قسم جي ذائقي جو ڪو به تصور، عڪس، اولڙو، احساس نه هوندو.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي جسم جي هر تنت نستي، بي سرت هجي، هو انڌو، ٻوڙو، ٻساڙو، ناتو ۽ اڇاتو هجي، ته ڇا هن وٽ دنيا بابت، ڪائنات بابت، پنهنجي ماحول بابت، ڪنهن به شيءِ بابت ڪا به ڄاڻ ٿي سگهي ٿي؟

جواب آهي، نه. هن وٽ ڪا به ڄاڻ نه هوندي.

مڪمل بيهوش ماڻهو پنهنجي چوڌاري، پاڻ مٿان ٿيندڙ ڪنهن به عمل، اثر، لقاءَ کي بيهوشي هلندي ڄاڻي، پرکي، پروڙي نه ٿو سگهي. اها بيهوشي جيڪڏهن هڪ سال هلي ته ان سال ۾ ٿيل تبديلين جي کيس ڪا به ٻوجهه نه هوندي ۽ بيهوشي جيڪڏهن ڄائي ڄم کان هجي ۽ بيهوشيءَ ۾ ئي مري وڃي ته وٽس ڪنهن به قسم جي ڪا به ڄاڻ نه هوندي. ڄاڻ، سڃاڻ، سوچ، ساڃاهه، ارادو، عزم، ايمان، عقيدو، وهم، ويساهه، جوش، جذبو، امنگ، اميد محتاج آهي هوش حواس واري جيئري



ڄاڳندي ماڻهوءَ جي.

بيهوش، بي سرت ماڻهوءَ لاءِ ڪا به دنيا ڪانهي، ان کي دنيا جي ڪا به ڄاڻ ڪانهي، هو دنيا جي ڦيرين گهيرين موجب پاڻ کي تبديل ڪري نه ٿو سگهي، هو پنهنجون کي به گهرجون پوريون ڪري نه ٿو سگهي، هو بي وس، هيڻو ۽ لاچار آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته دنيا ئي ڪانهي ـــــ سڄي ڪائنات، سج، ڌرتي، جبل، هوا، وڻ، پکي، جانور، ڪجهه به ڪونهي، ته اها ڳالهه غلط هوندي. اهڙيءَ ڳالهه کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته ان ماڻهوءَ جي ڄاڻ، سمجهه، پرک، پروڙ غلط آهي. ماڻهوءَ کي بيشڪ ڄاڻ نه هجي، سمجهه نه هجي، پر ڪائنات آهي، ڌرتي آهي ۽ ڌرتي پنهنجن سمورن لقائن سميت آهي. ڌرتي ۽ سڄي ڪائنات پنهنجن سمورن لقائن سميت مادو آهي ۽ ماڻهوءَ جي سمجهه سبب، ساڃاهه سبب، سڃاڻ ۽ سوچ سبب وجود ڪو نه ٿو رکي. جڏهن ماڻهوءَ وٽ سمجهه، سوچ نه هئي، جڏهن ماڻهو ڪو نه هو، جڏهن ڪو به ساهوارو ڪو نه هو، تڏهن به ڌرتيءَ جو وجود، ڪائنات جو وجود هو. سڄي ڪائنات مادي جي ڦهلاءُ آهي. مادو ۽ مادي جا لقاءَ ئي ڪائنات آهن. مادو سمجهه جو محتاج، ڳيجهو ناهي. مادو اڳ ۾ آهي، ڪائنات اڳ ۾ آهي، ڌرتي اڳ ۾ آهي، ڌرتيءَ جا لقاءَ اڳ ۾ آهن، سوين لک ساهوارا اڳ ۾ آهن، ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو اڳ ۾ آهي، پر ماڻهوءَ جي سمجهه پوءِ آهي. ماڻهوءَ جي سمجهه ماڻهوءَ جي دماغ ۽ تنتن جي محتاج آهي، ٻوليءَ جي محتاج آهي، جياپي جي محتاج آهي، ماحول جي محتاج آهي، دنيا جي محتاج آهي، ڪائنات جي محتاج آهي، مادي جي محتاج آهي. سمجهه سبب مادو ڪونهي، پر مادي سبب سمجهه آهي. مادو نه هجي ته ڪا به سمجهه ڪانهي، ٿي نه ٿي سگهي. مادي کان سواءِ سمجهه جو وجود ٿي نه ٿو سگهي، جڏهن ته سمجهه کان سواءِ مادو وجود رکي سگهي ٿو، رکيو اٿائين ۽ رکندو.

## باب اٺون

# سوچ جون واٽون اسان جي دماغ تائين
# ڇا ٿيون پهچائن؟

سوچ جون واٽون اسان جي دماغ تائين شين، لقائن، عملن، اثرن —— حقيقتن —— جو اولڙو عڪس، احساس ٿيون پهچائن.

اچو ته ڪجهه مثال وٺون.

هن وقت توهان پنهنجي چوڌير ڇا پيا ڏسي، ٻڌي، سنگهي، چکي يا ڇهي سگهو؟

توهان ڪنهن نه ڪنهن شيءِ (ڪرسيءَ، کٽ يا پٽ) تي ويٺل يا ليٽيل آهيو ۽ توهان جي جسم جو ڪو نه ڪو حصو ويهڻ جاءِ کي ڇهي رهيو آهي. هوا (ڪوسي، ٿڌي يا وچٿري) اوهان جي جسم کي ڇهي رهي آهي. اوهان جو هٿ هن ڪتاب کي ڇهي رهيو آهي ۽ توهان جون نظرون ڪتاب جي اکر اکر، لفظ لفظ ۽ جملي جملي کي، ڪتاب کي ۽ ڏيکارجندڙ پسمنظر کي ڏسي، محسوس ڪري رهيون آهن. توهين ڪنهن نه ڪنهن ڪمري، جاءِ يا باغ ۾ آهيو. ٿي سگهي ٿو ته ڪو وڻ، گل، ٻوٽو ڪا ٻي جاءِ به ڏيکاربي هجي يا ڪنهن پکي پکڻ، جانور يا گيت ڳائي جو آواز اوهان جي ڪنن تائين پهچندو هجي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن گل جي سڳنڌ يا ڪاڏي جو سواد به اوهين محسوس ڪري رهيا هجو. ٿي سگهي ٿو ته توهين ڪنهن سواريءَ تي سفر ڪري رهيا هجو ۽ توهان جي چوڌاري لقاءَ بدلبا رهندا هجن. توهان جتي به آهيو پر ڌرتيءَ تي آهيو ۽ ڌرتيءَ جا سمورا لقاءَ به موجود آهن. ڌرتي هن وقت به پنهنجي وچ چوڌاري لاٽونئڙي چرپر ۽ سج چوڌاري گولائي چرپر ڪري رهي آهي. سج پنهنجن سمورن سيارن سميت پنهنجي مخصوص گس ۾ ڦري رهيو



آهي، اهو گس پنهنجي مها-گس سرشتي ۾ ڪنهن نه ڪنهن واٽ تي ڊوڙي پيو —— مطلب ته سڄي ڪائنات ۽ ان جي لقائن جو هڪ ذرڙو اوهين به آهيو.

ڇا اهو سڀ ڪجهه توهان جي دماغ ۾ ان ڪري موجود آهي جو اوهان انهن بابت اڳواٽ سوچي رکيو آهي، ته اهي آهن؟

جيڪڏهن ڪو ايئن چوي ته اهي سڀ ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ لائق شيون ۽ جيڪي به شيون ۽ لقاءَ اسان جي پهچ کان پري آهن، اهي سڀ سندس دماغ ۾ موجود آهن ته پنهنجي خيال موجب هو ڪا عقلمنديءَ واري ڳالهه ڪو نه ٿو ڪري، پر هو نج ناسمجهيءَ واري ڳالهه پيو ڪري. عقلمنديءَ واري ۽ سچي ڳالهه اها آهي ته اهي سڀ شيون ۽ لقاءَ اسان جي سمجهه جا محتاج ناهن، پر ان کان آزاد وجود رکن ٿا.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو سوال ڪري ته مظلوم قومون، مظلوم طبقا، مظلومن جي ڇوٽڪاري لاءِ هلايل جدوجهدون، ظالم قومون، ظالم طبقا ۽ ظالمن جون ظلم قائم رکڻ لاءِ ڪوششون، سازشون ۽ ٺڳيون، سماجي اوسر جي مختلف سطحن تي رهندڙ ماڻهوءَ سماج —— سوشلسٽ، عوامي جمهوري، سرمائيداري، جاگيرداري، غلامداري ۽ ابتدائي راڄوٽي سماج جا رهاڪو، سائنسي ايجادون ۽ انهن جا ڪرشما وغيره يا اڃا به ڪجهه تفصيل ۾، مثال طور سنڌي سماج کي وٺجي، ته ان جي رهڻي ڪهڻي، سڌ سماءُ، ٻولي ۽ ثقافت، تاريخ ۽ ڪردار، نفسيات ۽ جذبا، اسرندڙ سرمائيداري، ڇانيل جاگيرداري ۽ ٽٽندڙ غلامداري سماج جا اثر، اسان جي ٿيندڙ قومي ۽ طبقاتي ڦرلٽ، سنڌي سماج مٿان ڇانيل ڌاريا ۽ انهن جي حيثيت، سنڌ جي ايشيا توڙي دنيا ۾ حيثيت وغيره ڪنهن نه ڪنهن طرح کي اهڙيون شيون ناهن جن کي رڳو ڏسي، ٻڌي، سنگهي، چکي يا ڇهي سگهجي. اهي لقاءَ آهن مختلف نمونن جا، اصطلاح آهن مختلف لقائن بابت. ظلم ڪا نهري شيءِ ناهي، ان کي ڏسي، ٻڌي، سنگهي، چکي يا ڇهي نه ٿو سگهجي، ته به ظلم هڪ خاص عمل، لقاءَ بابت مخصوص ڪيل لفظ آهي. ساڳيءَ طرح آزادي به هڪ خاص لقاءَ بابت هڪ مخصوص ڪيل لفظ آهي. ڇا اهي سڀ شيون، سڀ عمل، سڀ لقاءَ رڳو اسان جي ذهن ۾ وجود رکن ٿا؟ ڇا انهن جو اسان جي دماغ کان آزاد، پاڻ مرادو ڪو وجود ڪونهي؟ ڇا اهي رڳو ان ڪري آهن جو اسين سوچيون ٿا؟ جيڪڏهن اسين نه سوچيون يا انهن جي وجود کان انڪار ڪريون ته ڇا اهي اڻ موجود ٿي پوندا؟ ڇا جيڪڏهن ڪو ايئن چوي ته مصر ۾ ڪنهن به فرعون ڪا به حڪومت نه ڪئي يا هن ڪو به ظلم نه ڪيو يا اٿينس ۾ سقراط زهر جو پيالو نه پيتو يا بکين غلامن ڪا به بغاوت نه ڪئي، ته ڇا ان جي سوچ کي درست، ٺيڪ، سچو چونداسون؟ ڇا اڄ کان اڳ گذري

ويل، ٿي چڪل هر لقاءَ، هر عمل، هر سماج ۾ هر سماج ۾ ٿيل هر ڪم، ويڙهه، آزاديءَ، ڦرلٽ، غلاميءَ وغيره جو وجود رڳو ان ڪري آهي جو اسين ان بابت سوچيون ٿا. نه ته انهن جو ڪو به وجود نه هو ته ڇا اهو سچ چئبو؟

اهي سڀ شيون، سڀ عمل، سڀ لقاءَ، سڀ اثر اسان جي سوچڻ جا محتاج ناهن. انهن جو پنهنجو وجود آهي. اسين انهن بابت سوچيون يا نه سوچيون، پر اهي موجود آهن ۽ انهن بابت اسان جي دماغ ۾ جيڪو ڪجهه آهي، اهو حقيقتن جو عڪس آهي، احساس آهي، اولڙو آهي، فوٽو آهي، تصور آهي، سوچ آهي. جاءِ، باغ، وڻ، گل، لاٽ، سڳنڌ، هوا، پاڻي، جبل، ڌرتي، قوم، وطن، دنيا، سامراج، طبقو ويڙهه، خونريزي، جدوجهد، ڇوٽڪارو، پاڻ وهيڻائي، خوشحالي وغيره سڀ تصور آهن ٻاهرين حقيقتن جا. جيڪڏهن اهي ٻاهريون حقيقتون موجود نه هجن ها ته اسان وٽ انهن بابت ڪو به تصور ٿي نه پئي سگهيو. دنيا، ڪائنات، مادو اسان جي سوچن جو محتاج ناهي، انهن کان آزاد وجود رکي ٿو، اسان جون سوچون انهن جو عڪس، اولڙو، احساس آهن ۽ ٻاهرين حقيقتن جون محتاج آهن.

مثال طور، جيڪڏهن آءٌ چوان ٿو ”گل“، تڏهن توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو اولڙو نهي ٿو؟

توهان جي ذهن ۾ هر ان ”گل“ جو تصور نهندو جيڪو توهان ڏٺو هجي. ڪنهن به مخصوص ”گل“ جو عڪس نه نهندو، ڇو؟ ان ڪري جو مون ڪنهن به خاص ”گل“ جي نشاندهي نه ڪئي آهي، پر جڏهن ڪنهن خاص ”گل“ جي نشاندهي ڪندس، ته هڪدم باقي سمورن گلن جا اولڙا اوهان جي دماغي پردي تان هٽي ويندا ۽ رڳو ان ئي خاص ”گل“ جو اولڙو نهي ويندو، جنهن جو هينئر آءٌ نالو کڻڻ وارو آهيان. تيستائين توهان سوچي وٺو ته جڏهن مون ”گل“ لفظ ٻوليو تڏهن توهان جي ذهن ۾ ڪهڙي ڪهڙي ”گل“ جو عڪس ابري آيو هو؟

”گل.“

ڏيانَ سان پنهنجو دماغ جاچيو (ماڻهوءَ ۾ ئي اها وڏي ۾ وڏي خوبي آهي جو هو پنهنجي جاڻ —— منطقي جاڻ، ادراڪي جاڻ، نفسي جاڻ، نظرياتي جاڻ —— کي ذهن جي ”پردي“ تي وري اٿاري به سگهي ته جاچي به سگهي). ڪهڙن گلن جو عڪس آهي اوهان جي دماغ ۾؟

ڇا هر ان ”گل“ جو اولڙو ناهي جيڪو اوهان ڏٺو هجي؟

پڪ سان ايئن آهي. (اها مون کي خبر ڪيئن پئي، پوءِ ٻڌائيندس.)



هاڻي آءٌ گل جو خاص نالو کڻڻ وارو آهيان. سوچجو ته توهان جي دماغ ۾ ڪهڙي گل جو عڪس وڏيڪ نمايان ٿئي ٿو. گل جو نالو آهي:

”گمي!“، ”گمي جو گل!“

ڏٺوَ! توهان جي دماغ ۾ ڪهڙو عڪس نهيو؟

ڪو به نه! آهه! ايئن ڇو ٿيو؟ چئبو ته توهان نالي پڙهڻ ۽ سوچڻ ۾ ئي منجهي پيا! شايد اهو لفظ گَمِي آهي الائي گُمِي، يا وري گِمِي آهي يا گِمي، الائجي گمي آهي يا گُمي آهي! سمجهو ڪري ته اهو لفظ گِمِي آهي —— گِمِي جو گل! ڇا ڪو تصور نهيو؟ نه! ڇو؟

ان ڪري جو اهو لفظ، اهو گل توهان ڏٺو ئي ناهي، ٻڌو ئي ناهي، سنگهيو، چکيو يا ڇهيو ئي ناهي، ان ڪري توهان جي دماغ ۾ ڪو به خاص عڪس نه نهيو.

”گلاب جو گل.“

ڇا هاڻي ڪو عڪس نهيو؟

پڪ سان گلاب جي گل جو عڪس نهيو. اوهان جي ڏٺل هر ٻي گل جو تصور ڊهي ويو، هاڻي رڳو گلاب جي گل جو ئي عڪس دماغ تي رهجي ويو، ڇو؟

ان ڪري جو توهان اهو گل ڏسي، ان بابت ٻڌي يا ان کي سنگهي ۽ ڇهي چڪا آهيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن چکي به ڏٺو هجي. هاڻي ڇا ٿيو؟ گلاب جي گل جو اولڙو پنهنجي هر ان جز ۽ تفصيل سميت توهان جي ذهن ۾ تري آيو جنهن کان اوهين واقف آهيو. هر شاعر، سائنسدان، فيلسوف، فنڪار يا چترڪار وغيره ان کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ سمجهي سگهندو. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو شاعر به هجي ۽ ڪلاڪار به، فيلسوف به هجي ته چترڪار به، پوءِ ان جون سوچون ڪيئن هونديون... اهو ئي سمجهي سگهي ٿو.

پر منهنجي ذهن ۾ جنهن گلاب جو گل جو تصور آهي اهو ٻڪ جيڏو، روايتي ڳاڙهو گلابي گلاب نه آهي پر ”ڪارو گلاب“ آهي. ڇا توهان ڪارو گلاب ڏٺو آهي، ان جي سڳنڌ کان واقف آهيو؟ جيڪي ڄاڻندا هوندا انهن جي ذهن ۾ تصور به نهيو هوندو، پر جيڪي نه ڄاڻندا هوندا اهي عام رواجي گلاب جي گل کي ڳاڙهي گلابيءَ بدران ڪاري رنگ ۾ سوچيندا هوندا. ايئن ڇو ٿيو؟

ان ڪري جو گلاب جي گل جو عام رواجي ڳاڙهو گلابي رنگ ڦيرائي ڪارو رنگ ڏنو ويو. ڪارو گلاب ڇوڻ سان ڇا ٿيو؟

گلاب جي گل جو تصور ۽ ڪاري رنگ جو تصور پاڻ ۾ ملي پيا.

هاڻي اچو ته ”گگارينو“ تي سوچيون.

ڇا گگارينو ٻڌڻ (پڙهڻ) سان اوهان جي ذهن ۾ ڪو عڪس، ڪو اولڙو نهيو؟

نه!

ڇو؟

توهان جو ڏنل، ٻڌل، سنگهيل، چکيل، ڇهيل ناهي! توهان ان کان اڻ واقف آهيو!

توهان کي آءٌ ٿو ٻڌايان.

(1) ”گلاب جي گل“ کي ئي چئبو آهي ”گگارينو“، جرمن ٻوليءَ ۾.

هاڻي ڇا ٿيو؟

گلاب جي گل جو عڪس ٺهيو!

پر هاڻي رڳو عڪس نه ٺهيو ان سان گڏ جرمن ٻوليءَ بابت به سوچ اڀري آئي! معنيٰ هاڻي تصور ڪجهه وڌيڪ ٿيو ـــــ گلاب جو گل ۽ جرمن ٻولي (جرمن ٻولي وري پاڻ ۾ تصور آهن ـــــ جرمن ماڻهو ۽ انهن جي ٻولي).

توهان کي سچ ٻڌايان؟ سچ اهو آهي ته جرمن ٻوليءَ ۾ گلاب جي گل کي گگارينو نه چئبو آهي. گگارينو ڪا ٻي شيءِ آهي. وري سوچيو!

هاڻي وري توهان جي ذهن ۾ ڪو تصور، ڪو عڪس، ڪو اولڙو، ڪو احساس ڪونهي!

(2) ويٽنام ۾ رونبي ڪرڻ کي گگارينو چئبو آهي.

هاڻي ڇا ٿيو؟ توهان جي ذهن ۾ ويٽنام ۽ رونبي ڪرڻ جا تصور ٺهيا. خود رونبي ڪرڻ جي تصور ۾ ڪيترائي تصور آهن ۽ ويٽنام سان لاڳاپيل ڪي تصور به ذهن ۾ اڀري سگهن ٿا. پر مون کي افسوس آهي ته ويٽنام ۾ رونبي ڪرڻ کي گگارينو نه چئبو آهي ۽ گگارينو اڃا به ڪا ٻي شيءِ آهي.

هاڻي ڇا ٿيو؟

گگارينو بابت توهان جو تازو تصور به ڊهي ويو. توهان جي ذهن ۾ هن وقت وري به گگارينو بابت ڪو به عڪس ڪونهي. پوءِ نيٺ گگارينو ڇا کي چئبو آهي؟

(3) پٿر جو گهڙيل هڪ هاٿي، جنهن جي پٺيءَ مٿان پوين ٻن ڄنگهن تي اُڀو بيٺل پٿريلو گهوڙو، جنهن جو منهن ۽ اڳيان سنب اپ ڏانهن اٿيل آهن. يونان جي هڪ جابلو شهر ڪيٽنس ۾ ٺهيل آهي ۽ هڪ اهڙي شهزادي جي ياد ۾ ٺاهيو ويو جنهن کي هاٿيءَ ۽ گهوڙي جي سواري ڏاڍي پسند هئي.

ڇا توهان ڄاڻي ورتو ته گگارينو ڇا کي چئبو آهي؟

هن ڳالهه ۾ توهان ڏنو ته ڪيترا تصور پاڻ ۾ مليل آهن؟



پٿر، گهاڙ هاٿي، اڀو بيٺل، گهوڙو سنب، اپ، يونان، جابلو شهر، شهزادو، سواري، پسند وغيره.

حقيقت هيءَ آهي ته اهڙو ڪو به مجسمو ۽ شهر يونان ۾ موجود ناهي.

پوءِ نيٺ گگارينو ڇا آهي؟

(4) مينهوڳيءَ ۾ مست ٿي، ڇٽ کولي، کنڀ پکيڙي جهمريون هڻندڙ مور کي گگارينو چئبو آهي.

ڪهڙو تصور ٺهيو؟ ڪهڙا ڪهڙا عڪس مليل آهن؟

(5) پنهنجي ٻت مان جهمڪو ڪري سوجهرو ڪيندڙ مڇيءَ جو هڪ قسم آهي گگارينو. جيڪا سمنڊ جي هيٺين (ترائين) سطح ويجهو گهپ ڀاٽ ۾ رهندي آهي.

ڪهڙو عڪس ٺهيو ۽ ڪهڙا تصور پاڻ ۾ مليل آهن؟

(6) ٻليءَ جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙي ٻڌندڙ ڪوئي کي گگارينو چئبو آهي.

(7) سڙي سڪي ڪاڇي ويل وڻ جي ٿوڻيءَ کي گگارينو چئبو آهي.

(8) وارياسي ۾ مٺي پاڻيءَ جي چشمي کي گگارينو چئبو آهي.

(9) ڏئوس قسم جي ٿلهي پهلوان کي گگارينو چئبو آهي.

جيڪڏهن آءٌ ايئن سڄو ڏينهن ويٺو ڳالهايان ۽ اوهان ٻڌندا رهو ته توهان جو ذهن گگارينو بابت رڳو اهو ئي تصور، عڪس، اولڙو ناهي سگهندو، جنهن جو ذڪر آءٌ ڪريان. نه ته توهان پنهنجي ليکي گگارينو جو ڪو به عڪس ٺاهي نه ٿا سگهو، ڇو ته توهان وٽ ان بابت ڄاڻ ڪانهي، توهان ڪڏهن به ان کي نه ڏٺو آهي ۽ نه ئي ان بابت ڪجهه ٻڌو آهي، نه ئي ان کي سنگهيو، چکيو يا ڇهيو آهي. جيڪڏهن توهان کي مون تي پڪ هوندي، ته توهان ان ئي تصور کي سچو سمجهندو جيڪو توهان کي ٻڌايان. جيڪڏهن منهنجي ڄاڻ ئي غلط، وهمي، اٽڪلائيءَ واري هوندي ۽ توهان کي ان جي پروڙ پئجي ويندي ته پوءِ توهان ئي مون کي ڪوڙو، وهمي يا اٽڪلباز سمجهڻ شروع ڪندَو ۽/يا توهان حقيقت ڄاڻي وٺندَو ۽ گگارينو بابت توهان جي ذهن ۾ ويهاريل غلط ڄاڻ ختم ٿي ويندي.

جيئن توهان جي ذهن ۾ گگارينو بابت ڪو به عڪس ڪونهي، اها ساڳي ڳالهه هاتاموسي، ڇاتوڪا، واشامو، ناڪولي، بلادو، ماگوري، ويناتو، ڇڇموري، گدناڪ، واگهاوَ، وڪيما، طوشاتا، چماڪو، وانروڪي وغيره بابت به ٿيندي. ڇا انهن مان ڪنهن به لفظ بابت اوهين ڪجهه ٻڌائي سگهو ٿا؟ توهان جي ذهن ۾ هر هڪ لفظ سان لاڳاپيل ڪهڙو تصور آهي؟

ڪو بہ نہ.

ڇو؟

ان ڳالهہ مان ڪهڙو نتيجو نڪري ٿو؟

هن ڳالهہ مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ جيڪڏهن اسين ڪنهن بہ حقيقت بابت نہ ٿا ڄاڻون تہ ان حقيقت جو اسان جي دماغ ۾ ڪو بہ تصور نہ ٿهندو. حقيقت اڳ ۾ پيش ٿيڻ گهرجي، ان جو اولڙو، عڪس، تصور پوءِ ئي ٿهي سگهي ٿو. جيستائين آئيني سامهون ڪا بہ شيءِ نہ آئي آهي تيستائين آئيني ۾ ڪو بہ عڪس نہ ٿهندو. آئيني سامهون بيٺل ماڻهو هٽي وڃي تہ ان جو عڪس بہ گم ٿي ويندو. ماڻهو مادي جو ٺهيل آهي، حقيقت مادو آهي، مادي جو ڪو بہ روپ آهي ۽ عڪس ان جو پاڇو، اولڙو، تصور، احساس آهي. اڳ ۾ حقيقت آهي ۽ پوءِ ئي ان جو عڪس آهي. حقيقت نہ هوندي تہ عڪس بہ نہ هوندو. عڪس غير مادي شيءِ آهي، اهو رڳو اولڙو آهي ڪنهن مادي شيءِ جو. حقيقت هٽي ويندي تہ عڪس بہ هٽي ويندو. پر آئيني جي عڪس ۽ ڪنهن بہ ساهواري جي عڪس ۾ گهڻو فرق بہ آهي. ماڻهوءَ جي دماغ (ڪنهن بہ ساهواري) ۾ جيڪو ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، ڇهڻ، چکڻ وسيلي عڪس ٺهي ٿو اهو آئيني جي عڪس جيان ناهي. آئينو رڳو سامهون آيل لقاءَ جو عڪس پيش ڪري ٿو پر ان جو آواز، بوءِ، ذائقو يا ڇهاءُ عڪسي نہ ٿو سگهي، جبلُ واڪي جو عڪس (پڙاڏو) اولڙائي سگهي ٿو پر ان ۾ ڏٺ، چک، لذت ۽ بوءِ اولڙائڻ جي خاصيت ڪانهي. بي ساهہ شيون عڪس جو رڳو هڪ پاسو ڪو محدود پهلو اولڙائي سگهن ٿيون. جڏهن تہ ساهواري ۾ ڪنهن بہ پيش ٿيل حقيقت بابت ڪيتريون ئي حقيقتون اولڙائڻ جون خاصيتون آهن ۽ ماڻهو سڀ کان وڌيڪ اتم آهي جو هن پاڻ وٽ منطقي ۽ نظرياتي ڄاڻ پيدا ڪري ورتي آهي تنهنڪري هو حقيقت کي گهڻ پاسائون اولڙائي سگهي ٿو ۽ بيشڪ حقيقت هٽي بہ وڃي پر ان جو عڪس دماغ جي جيو گهرڙن ۾ ڪيتري ئي عرصي تائين محفوظ رهجي وڃي ٿو ۽ وقت سر ان کي ياد ڪري سگهجي ٿو. جڏهن تہ سوين هزارين عڪس ان منجهان "ميٽجي" (وسري) بہ وڃن ٿا. توهان جڏهن پهرين درجي جو ڪتاب پڙهيو تڏهن اهو توهان کي ڪهڙي ترتيب سان ياد هو. ڇا هاڻي جو هاڻي ساڳي ترتيب سان بيان ڪري سگهو ٿا؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيترائي ماڻهو الف-ب بہ ترتيب سان ياد ڪري نہ سگهن، پر انهن تصورن کي، يادگيري کي، وري تازو بہ ڪري سگهجي ٿو. توهان کي پنهنجي حياتيءَ جا سوين واقعا ياد هوندا. ماڻهوءَ دماغ (ساهوارن جي دماغ) ۾ سوين



عڪس هڪ ڊگهي عرصي تائين پنهنجن پورن تفصيلن سميت ياد رهي سگهن ٿا ۽ جياپي لاءِ لازمي ڪيترا ئي اولڙا هن جي جبلت ۾ داخل ٿي وڃن ٿا.

حقيقت جو عڪس اسان جي حواسن (تنتن) وسيلي هلي اسان جي دماغ تائين پهچي ٿو. حقيقت ۽ ان جو عڪس ساڳي شيءِ ناهن. حقيقت مادو يا مادي جو روپ، لقاءُ، ڏيک، عمل، اثر آهي ۽ عڪس، اولڙو، احساس مادو ناهي، مادي جو فوٽو آهي، شبيهہ آهي، تصور آهي. اسان جي دماغ ۾ پاڻ جهڙو جيئرو جاڳندو ماڻهو ڪاڏا، شيون، جايون، وڻ، پکي، ڌرتي، ڪائنات ويٺل ڪانهي پر انهن جو رڳو عڪس آهي، اولڙو آهي.

ماڻهو پنهنجن حواسن وسيلي جيڪي عڪس وٺي ٿو انهن مان ئي کيس ڄاڻ ملي ٿي. حقيقتن کي پرکيندي سوين هزارين قسمن جا عڪس ماڻهوءَ دماغ تائين پهچندا رهن ٿا. مخصوص مند ۾ مخصوص فصل، گاهہ، ميوي جو پيدا ٿيڻ اهڙو ئي پنهنجو عڪس ڇڏي ٿو. وڍ ٽڪ، گهاڙ گهاڙيتو ڪندي بہ ماڻهو حقيقتن جا ڪيترائي عڪس پرائي ٿو. هڪڙي قسم جي عمل مان ماڻيل ڄاڻ کي ٻي قسم جي حقيقتن سان لاڳو ڪري وري نوان عڪس پرائي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح سڄي ٻولي لفظن جي صورت ۾ لکين عڪس آهي. انهن عڪسن مان ئي اسان جي ڪل ڄاڻ ٺهي ٿي ۽ ڄاڻ جو واهپو ڪندي عمل ۾ آڻيندي وري نئين ڄاڻ ملي ٿي ـــــ اهڙيءَ طرح ڄاڻ جي ذخيري ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو.

"سڄي دنيا جي فاتح" سڪندر اعظم (سڪندر مقدوني، يوناني) کي وري جيئاري، رڳو ٽي وي ڏيکارجي يا هوائي جهاز تي بہ ڦيريون ڏيارجن تہ نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ بٽڻ هيٺ ڪرڻ سان بلب ٻري پوي (يا جيئن ريموٽ ڪنٽرول جو ڪرشمو هلي پيو)، تہ ڇا اهو ڏسي اڪبر بادشاهہ پاڳل نہ ٿي ويندو. جيڪو پاڻ کي خدا جو پاڇو پيو سڏرائي.

ڇا پلا ايئن نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ڪن ٻن ٽئن شين بابت ڄاڻ ڪن ٻين ٻن ٽئن شين سان لاڳو ٿي وڃي؟ پٿر گهڙڻ جو عمل ڪاٺيءَ سان لاڳو ڪري ان کي گهڙيو وڃي، پاٽيءَ کي اوٻارڻ بدران پاري کي اوٻارڻ جي ڪوشش ڪجي، ٽامي کي رجائڻ بدران لوهہ کي رجائجي، وغيره. تہ ڇا ٿيندو؟ هر عمل اسان کي نئين ڄاڻ ڏيندو. سوين تجربن ۽ تعليمن نسل در نسل تبديل ٿي اسان جي ڄاڻ ٺاهي آهي. ڇهنبدار پٿر جي ايجاد کان اڄوڪي هر ايجاد تائين ماڻهوءَ اهو ئي ڪم تہ ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ لقاءَ، عمل، اثر، شيءِ وغيره کي ڪنهن بہ ٻي لقاءَ، عمل، اثر يا شيءِ

سان پيتائي، پرکي، پرجهي سگهي. ڪڪائين جهوپڙيءَ کان آسمان ڇهندڙ جاين تائين، اڻ گهڙيل پٿرائين ڳوڙهي (ڦيٿي) کان اڄوڪي جديد صنعتي ڦيٿي تائين، ڪني گاهه ڇيٽي جي پاڻ کان جديد ڪيميائي پاڻ تائين. گاري کان سيمينٽ تائين، پيچرن کان روڊن تائين اهو ئي عمل هلندو پئي رهيو آهي.

ماڻهوءَ نرم مٽيءَ جو گهگهڙو (رانديڪو) ٺاهيو جيڪو اس ۾ هوا ۾ سڪي سخت ٿيو باهه ۾ پچي پڪو ٿيو. قسمين قسمين گهگهڙا ٺهيا: هڪ گهگهڙي جو اڌ، مُنُ، چوٿاڻ مٿو منڊي، ٻانهون يا ڄنگهون ٻي گهگهڙي سان ڳنڍيون ويون —— ماڻهوءَ بت تي شينهن جي منڊي ٺاهي وئي —— شينهن-مُنڊيو ماڻهو ٺهي پيو. جيڪو ماڻهو جهنگلي سانَ جي منڊي واري کل اوڍي جانورن جي ڌڻ ۾ گهڙي ويو پئي، ان لاءِ ٻن ڇئن تصورن کي هڪ ٻي سان ڳنڍڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪا نه هئي. آءُ اڄوڪي دور جو ماڻهو به ان پيچ گهڙ کان واقف آهيان ۽ في الحال رڳو ڳگارينو جهڙي هٿ-گهڙي تصور تي ڪيترو ئي گهٽو لکي سگهان ٿو. ته ڇا ڪو ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون ماڻهو هڪ ٻي جي پورهيي، عمل، تجربي، تعليم، تخليق، وغيره جا سوين تصور هڪ ٻي سان ملائي ڪا ٽين شيءِ ٺاهي نه ٿو سگهي؟

ڪهڙو به تخيل هجي، ان جو جيڪڏهن ڇيد ڪبو ته اهو ڪجهه اڳوڻن تصورن جو ميڙ هوندو ۽ هر تصور ڪنهن نه ڪنهن حقيقت جو عڪس، اولڙو. ياد ڪري ڇڏيو ته هر ڄاڻ عڪسن جو ميلاپ آهي ۽ ان جو هر تصور ڪنهن نه ڪنهن حقيقت جو اولڙو.



## <u>باب نائون</u>

# غلط سوچ ڇو ٿي ٺهي؟

حقيقت جو اولڙو غلط نموني پرجهيو ويندو ته سوچ به غلط ٺهندي ۽ ڄاڻ به غلط هوندي.

اچو ته اها ڳالهه ڪجهه مثالن سان سمجهون:

### (1) آسمان (اُپ) ڇا آهي؟:

جنهن به شيءِ کي روشنيءَ جا ڪرڻا لڳي موٽي اچي اسان جي اک تائين پهچندا، ان کي ڏسي سگهنداسون. پراهين پنڌ واري شيءِ جيترو اسان کان پري هوندي، اوترو ننڍي نظر ايندي. جيڪڏهن روشنيءَ ڪرڻا رنڊائي موٽائڻ اولڙو ڪرڻ واري شيءِ وچ تي نه هوندي ته نظرون پولار ۾ پيهي ڪٿي نه ڪٿي وينديون، اسان کي ڪجهه به نظر نه ايندو ۽ اهو هنڌ اونداهو يا ڪارو نظر ايندو.

جيڪڏهن اونداهي ڏاڍي ڊگهي ڪمري ۾ وچ تي اڌ-ڍڪيو بلب رکيو هجي، ان جو روشن پاسو اوهان طرف هجي ته ان جي اونداهي پاسي اوهان کي ڪارهه کان سواءِ ڪجهه به نظر نه ايندو پر جيڪڏهن بلب اڌ-ڍڪيو نه هجي ته پوءِ اوهان کي هلڪو ڌنڌ پيو محسوس ٿيندو. اهو ان ڪري ٿئي ٿو جو بلب جي تيز روشني اک جي ماڻڪيءَ کي سسائي ڇڏي ٿي ۽ جڏهن ماڻڪي سسيل هجي ۽ روشني گهٽ ته صاف نظر نه ايندو.

وشال، اڻکٽ ڪائنات ۾ سج اسان جي ويجهو ۽ ڏاڍو روشن آهي، ان ڪري اسان جي نظر جتي ڪٿي ٿي اتي آسماني ”رنگ“ نظر اچي ٿو ۽ اسان ان کي اپ يا آسمان سمجهون ٿا.

اهو سڀ ڪجهه اسان سائنس جي نعمتن جي ڪري ڄاڻي ورتو آهي.

اڳوڻو ماڻهو ڪا اجوڪي جهڙي نسبتاً وسيع ڄاڻ نه رکندو هو. ان ڪري هو ان کي دونهاٽيل، جهڙالي ۽ ٺوس ڇت سمجهي ويٺو ۽ اهڙيءَ طرح اڀ بابت جهوني جاهل ڄاڻ اسان جي لوڪ ڪٿا ۽ ڏند ڪٿا ۾ شامل ٿي وئي.

اجوڪي سائنس ڏسڻ جا اهي اوزار ٺاهي ورتا آهن جو چنڊ ۽ سج ڄڻڪ سائنسدانن جي ڪَڇن ۾ آهن. لڪين نوري سالن جي پنڌ تي نگاهه وجهي سگهجي ٿي، پر "آسمان" اڃا به پراهون آهي!

### (2) سج ۽ چنڊ بابت غلط سوچ:

ٻڌايو پئي ويو ته سج "پهرين آسمان" ۽ چنڊ "چوٿين آسمان" تي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سج ويجهو ۽ چنڊ پري آهي. جڏهن ته اجوڪو ٻار به ڄاڻي ٿو ته چنڊ رڳو 9-لک 30-هزار ميل پري آهي ۽ سج ساڍا نو ڪروڙ ميل پري. جيڪڏهن چنڊ "چوٿين آسمان" تي آهي ته پوءِ سج گهٽ ۾ گهٽ "هڪ سَو پنجين آسمان" تي هئڻ گهرجي.

ماڻهوءَ کي اها ڄاڻ به سائنس ڏني ته سج ڌرتيءَ کان ساڍا تيرهن لک ڀيرا وڏو آهي ۽ چنڊ ڌرتيءَ کان ڪيئي ڀيرا ننڍو. نه ته اڳوڻي اٽڄاڻ ماحول ۾، اهي ٻئي، ماڻهوءَ کان پري ۽ عام حالتن ۾ هڪ جيترا ڏيکارجندڙ هئا ۽ جيترو انهن جو قد ڏيکارجي ٿو اوتري قد واري ماڻهوءَ وٽ ڪاڏي ڀيتي ۾ ڪم ايندڙ شيءِ ٿالهه (ٿانڙو، پاٽَ يا پليٽ) آهي. ان ڪري ماڻهن سمجهيو پئي ته انهن کي ماڻهوءَ جي ٻنهي ڪَڇُن ۾ ايئن ئي ڪٽي يا ڪڇن هيٺان ٿپائي سگهجي ٿو جيئن ڪنهن به عام ٿالهه کي. جيڪڏهن ماڻهن کي سج ۽ چنڊ جي صحيح قد بت جي ۽ سجُ باهه جو گولو هجڻ واري، جنهن ۾ ڪيترن ئي شعلن جو قد ٿيهه لکن کان به وڌيڪ ڊگهو آهي، سڌ هجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن به انهن کي پنهنجن هٿن تي کڻڻ يا ٻانهن هيٺان ٿپائڻ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿو ته اصطلاحي معنيٰ ۾ سوچي سگهي ها، حقيقي معنيٰ ۾ نه.

### (3) سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ:

سج جي چوڌاري ان جا نـوَ ئي گرهه (سيارا) ڦرندا رهن ٿا. پهرين نمبر تي عطارد، ٻي نمبر تي زهرا ۽ ٽين نمبر تي ڌرتي آهي. ڌرتي سج چوڌاري چڪر 365-ڏينهنِ ۽ ڇهن ڪلاڪن (هڪ سال) ۾ پورو ڪري ٿي. چنڊ وري ڌرتيءَ جو گرهه آهي جيڪو ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو. جڏهن سجُ، ڌرتي ۽ چنڊ هڪ ليڪ ۾ بيهن ۽ ڌرتي وچ ۾ هجي ته چنڊ تي ڌرتيءَ جو پاڇو نهندو ۽ چنڊ (جيئن ته سج جو



اولڙو موٽائي نه سگهندو تنهنڪري) اونداهو نظر ايندو ـــــ اها آهي چنڊ گرهڻ.

پر جيڪڏهن سجُ، چنڊ ۽ ڌرتي (چنڊُ سج ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ اچي) هڪ ليڪ ۾ بيهن ته سج جي روشني سنئين سڌي ڌرتيءَ تائين نه پهچندي ۽ سجُ چنڊ جي اوٽ ۾ اچي ويندو. پر جيئن ته سج ڏاڍو وڏو آهي تنهنڪري پورو لڪي ڪو نه ٿو ۽ وچ ۾ آيل چنڊ جي ٻي پاسي ڳاڙهسرو نظر اچي ٿو ـــــ اها آهي سج-گرهڻ.

هيءَ سڄي ڄاڻ اسان کي سائنس ڏني آهي.

اڳوڻي اٽڄاڻ ماحول ۾ ماڻهوءَ کي اهو اسرار سمجهه ۾ نه پئي آيو. ماڻهو جڏهن پاڻ تڪليف، اهنج ۽ ڪاوڙ ۾ هوندو هو تڏهن سندس منهن مهانڊو به بگڙي ويندو هو. سج-گرهڻ وقت سج ۽ چنڊ-گرهڻ وقت چنڊ کي به "تڪليف" هئي، تنهنڪري انهن کي "ڦاسيءَ تي ٽنگيل"، "مصيبت ۾ مبتلا"، "ڪروڌ ۾ ڀريل" وغيره سمجهيو ويو. سج سڄاڳيءَ جو اهڃاڻ، روشنيءَ جو ذخيرو، فصل جي حياتي ۽ حياتيءَ جو جوهر ته آهي ئي، ان ڪري ان کي اوٽ مان ڪيڻ يا پرچائڻ لاءِ عجيب قسم جي ريتن، رسمن ۽ رواجن جنم ورتو، جن جي اوهان کي خبر آهي.

### (4) تارا ـــــ لوهي ٽِڪَ:

سج "لهي وڃڻ" کان پوءِ لکين چاندي-رنگ ٽمڪندڙ ٽبڪا، ڪي ننڍا ڪي وڏا، ڪي هڪ ٻي جي ويجهو ته ڪي هڪ ٻي کان پري، سياري ۾ هڪ نموني جا، ته اونهاري ۾ ٻي نموني جا، مقرر وقت موجب پنهنجون جايون بدلائيندڙ ـــــ تارا ـــــ اُڀ جي ويڪري سيني تي پکڙجي پئي ويا ۽ ڏينهن ٿيندي گم پئي ٿيا. ڇا "اُڀ ۾ تارا" رڳو رات جو ئي هوندا آهن ۽ ڏينهن جو نه هوندا آهن؟ اها خبر اڳوڻي اٽڄاڻ ماڻهوءَ کي ڪا نه هئي. "اڀ ۾ تارا" ڏينهن جو به هوندا آهن، پر سج جي تيز روشنيءَ سبب سج-ڪرڻن پٺيان اهي نظر نه ايندا آهن.

ماڻهن ڏٺو پئي ته جيئن اڀ "لسي ڪُٻَ" ۾ پکڙيل آهي، تيئن تارا به ان ۾ ساڳيءَ سنوت سان "ٽنبيل" آهن، تنهنڪري انهن سمجهيو ته اهي روشن لوهي ٽڪون (ڪليون، ڪوڪا) "اڀ ۾ ڪتل" آهن. جيڪڏهن "ڪتل" آهن ته پوءِ اهي هڪ مخصوص واٽ تي هلندا ڇو ٿا رهن، اها ڳالهه ڪين سمجهه ۾ نه پئي آهي، تنهنڪري تارن بابت ٻٽو تصور نهيو ته "اڀ ۾ ڪتل" به آهن ۽ "هلندا" به رهن ٿا.

اُنهن ماڻهن وٽ جيڪڏهن اجوڪن وسيلن جهڙا جديد سائنسي وسيلا هجن ها ته اهي سولائيءَ سان ڄاڻي وٺن ها ته اهي روشن ٽمڪندڙ ٽڪون ـــــ تارا ـــــ هڪ ٻي کان ڪروڙين، اربين، کربين، پدمين ميلن جي مفاصلي تي، ڪي هيٺ

(اوري)، ڪي مٿي (پري)، اٽڪت ڳٽپ ۾ پڪڙيل آهن. ڪيترائي وڏا تارا پري هجڻ سبب ننڍا ۽ ڪيترا ئي انهن جي پيٽ ۾ ننڍا تارا ويجهو هئڻ سبب وڏا نظر اچن ٿا ۽ پدمن جي ڳٽپ ۾ اهڙا به آهن جيڪي ڪين عام ديد سان نظر نه پئي آيا تڏهن شايد اهي حقيقت تائين پهچي وڃن ها.

عيسوي سن جي شروعات کان چار سَو سال کن اڳ يونان ۾ اهڙا ڏاها به پيدا ٿيا جن سج، چنڊ، تارن، ڌرتيءَ ۽ آسمان تي غور فڪر ڪيو. ڪي انهيءَ نتيجي تي پهتا ته سج ديوتا ناهي پر باهه جو گولو آهي، ڪي انهيءَ تي ته چنڊ ۾ ڪا به آئٽ ڪتڻ واري ناني ڪانهي جنهن جي اڏايل ڪاتَ (ڏاڳي، پوٽين) سبب ڪڪر ٺهي پيا، ۽ ڪي ان نتيجي تي پهتا ته ڏينهن رات جو ڦيرو سج جي لهڻ چڙهڻ سبب نه پر ڌرتيءَ جي پنهنجي مرڪز چوڌاري لاٽونئڙي ڦيري سبب آهي پر انهن سوچن کي هوري هوري وڌندي ۽ پراڻين جاهل ڏند ڪٿائي سوچن سان مقابلو ڪندي، سچو ثابت ٿيڻ ۾، سوين سال لڳي ويا. عمر خيام به پاڻ ملهايو پر گوءِ گيارنو برونو ۽ گليلو گليلي ڪٽي ويا (شايد ان ڪري به جو سندن پچار گهٽي ٿي). برونو کي ساڙيو ويو ۽ گليلو کي گهر-بند ڪيو ويو جتي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ اپياس ڪندي ۽ لکندي اکين کان ويهجي ويو. بهرحال، اج اها ثابت ٿيل حقيقت آهي ته ڌرتيءَ جي لاٽونئڙي ڦيري سبب ڏينهن رات ۽ سج چوڌاري ڦيري سبب سيارو ۽ اونهارو ٿئي ٿو. سج اُڀري ۽ لهي ڪو نه ٿو، پر ڌرتيءَ جو جيڪو پاسو جيئن جيئن سج سامهون ايندو وڃي ٿو اتي تيئن تيئن صبح، منجهند ۽ شام ٿئي ٿي ۽ جڏهن اهو پاسو سج آڏو ڦري اوجهڙجي وڃي ٿو ته رات ٿئي ٿي.

### (5) ڌرتي:

ماڻهو لکين سالن کان ڌرتيءَ تي رهندو، ان کان کاڄ وٺندو، ان کي کوٽيندو ۽ لاپ پرائيندو رهيو آهي. ڌرتيءَ سان ماڻهوءَ جو ناتو ايئن آهي جيئن ٻچ پيئاڪ ٻار جو ماءُ سان، ان کان وڌيڪ سيبتي، سلڇٽي، سٺي، سوادي، سچي ۽ سونهن پري ڪائنات جي ٻي ڪا به شيءِ ناهي.

ماڻهو جيستائين ڌرتيءَ تي نگاهه وجهي سگهيو پئي تيستائين اها سنئين سڌي سنوت ۾ هئي تان جو ديد وڃي اڀ سان ٽڪرائي. اڀ جيئن ته ڇت وانگر ٽاڪيل هو تنهنڪري ان جي ٽيڪ لاءِ ڪا پت، ٿوڻي ۽ ٿنڀو هئڻ ئي گهرجي ڇو ته ٽيڪ کان سواءِ ڪا به ڇت بيهي نه ٿي سگهي، پر اڀ کي ٽيڪ ڏيندڙ ڪا به ٿوڻي يا ڪو به ٿنڀو نظر نه پئي آيو تنهنڪري ڪو اهڙو ٿنڀو هئڻ گهرجي جيڪو ڏسڻ ۾ نه



اچي ـــــ ٻن ٽن ديوتائن جو تصور اوڏارو وٺي، انهن کي ٿوڻيءَ طور بيهاريو ويو ـــــ هيءَ آهي پراڻي ڏند ڪٿا، غير حقيقي سوچ.

جيئن ته سج اڀري ۽ لهي پيو تنهنڪري سمجهيو ويو ته سج ڌرتيءَ چوڌاري ڦري ٿو. ڌرتيءَ جي سنئين پاسي سوجهرو هو تنهنڪري جتي سج گم ٿي پئي ويو ۽ ڌرتيءَ جي ٻي پاسي کان ڦري وري اچي اوڀر ۾ پئي پهتو تنهنڪري ان پاسي اونده هئڻ گهرجي ـــــ بحرِ ظلمات، اونداهين جو سمنڊ تصور ڪيو ويو جنهن ۾ سج گم ٿي پئي ويو.

پندرهين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي تائين ماڻهن کي اها خبر ڪا نه هئي ته "بحرِ ظلمات" ۾ سڄو سارو آمريڪي کنڊ (هاڻي به کنڊ: اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا) ۽ ٻيا سوين ننڍا وڏا ٻيٽ موجود آهن. ان وقت تائين ڌرتي ڪل اها هئي جيڪا سڄي سمنڊ جي گهيري ۾ اڃوکن ٽن کنڊن ـــــ ايشيا، آفريقا ۽ يورپ ـــــ تي پکڙيل هئي. سمنڊ کي ٻيو ڪنارو هوئي ڪو نه.

ساموندي ڪناري تي بيهي اوهين ڏيان سان پري کان ايندڙ پاڻيءَ جهاز يا سڙهه واري ٻيڙيءَ کي ڏسو ـــــ ايندي ايندي پهريائين ٻيڙيءَ جو سڙهه يا پاڻيءَ جهاز جي ڪنٽرول ٽاور جو چوٽ ظاهر ٿيندو ۽ پوءِ هوري هوري ويندو سڀ ڪجهه ظاهر ٿيندو. پاڻي ته "سنوت" ۾ بيهندو آهي پوءِ پراهين جهاز جو چوٽ ڇو ٿو ظاهر ٿئي، سڄو ڇو نه؟ ان ڪري جو ڌرتي گول آهي، جيئن جيئن جهازُ ڊِڊِ جي اوٽ مان اڀرندو ايندو تيئن تيئن ظاهر ٿيندو ويندو.

جيڪڏهن ڌرتي سنئين هجي ها ته هماليا ۽ قراقرم جبلن جون اوچيون چوٽيون جن مان هڪ جي اوچائي 29-هزار فوٽ آهي، ضرور نظر اچي ها، پر اها به ڌرتيءَ جي ڊِڊِ جي اوٽ ۾ هئڻ سبب نظر نه ٿي اچي.

اڳوڻي گهٽ ڄاڻ ماڻهوءَ جي دنيا رڳو پنهنجي اوڙي پاڙي تائين سوڙهي هئي، هو سڄي ڌرتيءَ تي نظر وجهي نه پئي سگهيو ۽ جتي به ويو پئي ته هن رڳو سنوت پئي ڏٺي ـــــ "ڌرتي گول هجي ها ته ماڻهو ترڪي ڪري نه پئي ها!" ـــــ تنهنڪري هن جي ڌرتي رڳو اوتري ئي هئي جيتري هن ڏٺي.

گول ڌرتي جيڪڏهن ماڻهوءَ يا ڪنهن چپ جيتري هجي ها ته هلندڙ هر شيءِ ضرور ترڪي ها، پر ڌرتي ته ماڻهوءَ کان ڪروڙين ڀيرا وڏي آهي.

### (6) ٻہ دنيائون:

اڳوٽي گهٽ ڄاڻ ماڻهوءَ ڏٺو پئي تہ ڌرتيءَ تي پکڙيل لقائن، نظارن ۽ شين جو ڏيک ئي نرالو آهي. سڄي ڌرتي رنگارنگ روپن سان ڀري پئي آهي. سمنڊن، جبلن، وڻن، پکين، جانورن ۽ ٻين شين جي ڪا ڪوٺ ئي ڪانهي. هر شيءِ، هر لقاءَ جو پنهنجو مزو ۽ رنگ روپ آهي. اوچائيءَ تان هيٺ وهي ايندڙ واهہ جي پاڻيءَ ۽ اوچائيءَ تان هيٺ ڪرندڙ پاڻيءَ (جهرڻي) جو پنهنجو ڏيک ڏيکاءُ ۽ پنهنجو ساز سنگيت آهي، سوين نمونا ۽ رنگارنگ پکي پکڻ، وڻ ٻوٽا ۽ ٻيا ساهوارا ـــــ جڳ سڄو جنسار لڳو پيو هو. هيءَ هڪ نرالي دنيا هئي.

ٻي دنيا مٿي آسمان ۾ هئي. ان جو رنگ روپ، منهن مهانڊو، ڏيک ويک وري پنهنجي قسم جو هو. ان ۾ تارا هئا، تارن جا مختلف جهرمٽ جهڳٽا هئا، ڪَتِي، ٽيڙو ۽ ڳس هو ڪَٽ، وڇون، قطب تارو ۽ وهائو تارو (زهرا گرهہ) هو. ان ۾ سج هو ۽ چنڊ هو. اها دنيا ڌرتيءَ کان ويڪري ۽ ان مٿان ڇانيل هئي.

جيڪڏهن انهن کي خبر هجي ها تہ ڌرتي سج چوڌاري، سج (پنهنجن سمورن سيارن سميت) ڳس ۾، ننڍو ڳس وڏي ڳس ۾ ۽ وڏو ڳس اجا بہ اڻڪٽ ڪائنات ۾ ڦرندو رهي ٿو ۽ آسمان ڪو نوس لسو ڪٻ نہ پر ديد جي ڪوٺ آهي، لڪين نوري سالن جي پنڌ تائين ڪائنات کي ڇاڻيو ويو آهي پر اجا ڪٿي بہ ”ڪائنات جو ڪنارو“ ڪو نہ مليو آهي. ڪائنات ۾ ملندڙ ڌرتيءَ سميت هر جسم، ننڍو توڙي وڏو، هيٺ توڙي مٿي، ڪاٻي توڙي ساڄي، چمڪندڙ توڙي دونهاٽيل، رنگين توڙي روشن پنهنجي منهن مهانڊي، ڏيک ويک جي حساب سان بيشڪ فرق وارو هجي پر بنيادي طرح هڪ آهي، مادي جو ٺهيل آهي، تہ ڪيس ”ٻہ دنيائون“ سوچڻ جي ڪا گهرج ئي نہ پوي ها.

### (7) جُهڙ، مينهن، ڳڙو ۽ اوٺر، آنڌاري:

جهوني جڳ جي گهٽ ڄاڻ ماڻهن لاءِ جهڙ، مينهن، ڳڙي ۽ اوٺر آنڌاري جي مام پروڙڻ بہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي. جڏهن جهڙ ظاهر پئي ٿيو تڏهن ڪنهن مهل تہ هلندو پئي رهيو ۽ ڪنهن مهل ٽڪ ٻڌي بيهي ٿي رهيو. ڪنهن ويل ان ۾ اڇا، ڪارا، پيلا، ڳاڙها ڪڪر هئا ۽ ڪنهن مهل وري يڪو هڪ رنگو. ڪڏهن ٻوسٽ پئي ڪيائين تہ ڪڏهن ٿڌڪار، ڪڏهن وسيو پئي، ڪڏهن گجيو پئي، ڪڏهن چمڪيو پئي ۽ ڪڏهن نڪاءَ پئي چڙهيائين، ڪڏهن ڪَڙ پئي وسي تہ ڪڏهن ڦـڙ



ڦـڙ، ڪڏهن وڏ ڦڙو ڪڏهن ڇوهو تہ ڪڏهن مورڳو ڳڙو، ڪڏهن ٻڪر وال، ڪڏهن واچڙ، ڪڏهن اترائون، ڪڏهن اولهائون تہ ڪڏهن چوماسو ڪڏهن رڳو ڌرتي آلي ڪري تہ ڪڏهن ٻوڙ ٻوڙان، ڪڏهن وڻ ڏوئي ڇهڇ ساوا ڪري پئي ڇڏيائين تہ ڪڏهن مورڳو پاڙُون پٽي پئي اڇلايائين، ڪڏهن اوندهہ انڌوڪار ڪري پئي وسيو تہ ڪڏهن تيز طوفان سان ـــــ ڪڏهن سڪ، سڪر، سٽائي هو تہ ڪڏهن ڏڪ، ڏڪر، ڏهائي هو.

ماڻهوءَ اهو سڀ ڪجهہ ايئن پئي سمجهيو جيئن هو پاڻ هجي. هن جي لاءِ هر چرندڙ شيءِ ساهواري هئي: ان ۾ روح هو، هو ڪو ديوتا هو. گهٽ ڄاڻ ماڻهوءَ هر ڪم، هر عمل، هر شيءِ، هر لقاءَ جا ٻہ چار ديوتا ٺاهي ڇڏيا ـــــ جهڙ جو ديوتا، مينهن جو ديوتا، ڳڙي جو ديوتا، اوٺر (آنڌاري) جو ديوتا، سڪر سٽائي ساوڪ جو ديوتا، ٻوڏ جو ديوتا، اپ کي ٽيڪ ڏئي ڪٽي بيهڻ وارا ديوتا، گجڻ جو ديوتا، سونهن جو ديوتا يا ديوي، عشق جو ديوتا، غضب (ڪاوڙ ڪروڌ) جو ديوتا، ڪرم، رحم جو ديوتا، اَنَ جو ديوتا، رزق ڏيندڙ ديوتا وغيره. ڪي ديوتا ننڍا تہ ڪي وڏا، ڪي هيٺا، لاچار ۽ ڳيجهو تہ ڪي ڏاڍا، سگهارا ۽ ڏيندڙ وغيره.

ماڻهوءَ وٽ ديوي يا ديوتا جو تصور ڇو ٿهيو؟ اهو جاچڻ کان اڳ اچو تہ ”ساهہ“ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

### (8) ”ساهہ“ ڇا آهي؟:

توهين ڄاڻو ٿا تہ ماڻهو جهنگلي ماحول مان نڪري جابلو ميداني ۽ پاڻياٺي علائقن ۾ پکڙجي ويو، جن مان ڪي ڪوسا هئا تہ ڪي ٿڌا. هر هڪ جٿو جنهن بہ علائقي ۾ ويو ان ئي علائقي جي طبعي ماحول ۾ رچي وسي ويو. ڪنهن کي کائڻ لاءِ گانگٽ، ڏيڏر، مڇي، ڪڇون مليا تہ ڪنهن کي جهنگلي سانَ، ٻار_سڱا، گهوڙا، هاٿي، رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيا جانور، ڪنهن کي ميوا، ڀاڄيون ۽ جيت جٽيا تہ ڪنهن کي سڀ قسم جون شيون.

هر هڪ راڄ کي پنهنجي پنهنجي گهرجن موجب هٿيار، اوزار گهڙڻا پيا. ڪٿي ڇهنبدار پٿر، ڪاتي، ڀالي، نيزي، تير ڪمان وغيره جي وڌيڪ گهرج هئي تہ ڪٿي ونگوڙي، ڇلي ۽ رڇ جي، ڪٿي باهہ جي وقتي گهرج هئي تہ ڪٿي هر گهڙي، ڪٿي غار يا ڇپر آڏو ڀِت، اوٽ ٻڌڻ جي گهرج هئي تہ ڪٿي جهوپڙيءَ جي، ڪٿي مينهن پاڻيءَ جي تہ ڪٿي گهلندڙ هوا جي...

هر راڄ جي هر ماڻهوءَ جو هر ڏينهن ڪيترن ئي قسمن جي ساهوارن سان

واسطو هو ـــــ ڪو سگهارو هو تہ ڪو نٻل، ڪو وڏو هو تہ ڪو ننڍو، ڪو تيز ڊوڙندڙ هو تہ ڪو ڊڍو، ڪو اڏامڪ هو تہ ڪو پاڻيءَ منجهہ. جڏهن جانور جو شڪار ٿيو پئي تڏهن جانور جي ويڙهہ، ڀاڄ، ڦٿڪي جي سگهہ هوري هوري ختم پئي ٿي. اهڙيءَ طرح گهايل ماڻهوءَ، پوڙهي، ٻارڙي وغيره جي بہ ڪڏهن گهائن ڪان تہ ڪڏهن سمجهہ ۾ نہ ايندڙ سور (بيماريءَ، تپ ٻري) سبب هر چرپر ختم ٿي پئي وئي ـــــ نہ ڪائي پيو نہ پيئي پيو نہ ئي وري ڳالهائي پيو.

سوين سالن جي ڪم ۽ پرک نيٺ ماڻهوءَ کي پروڙ ڏني تہ جيئرو اهو آهي جنهن ۾ ساهہ آهي، جيڪو ساهہ کڻي ـ ڪڍي ٿو، جيڪو چري پري کائي پيئي ٿو ۽ مئل اهو آهي جنهن جو کائڻ پيئڻ چرڻ پرڻ ۽ ساهہ کڻڻ بند آهي. وڌيڪ جاچ اهو بہ ڏيکاريو تہ خود کائڻ پيئڻ چرڻ پرڻ بہ ان وٽ آهي جنهن وٽ ساهہ آهي، جنهن وٽ ساهہ ناهي اهو مئل آهي.

جڏهن ساهہ جو ڪچڻ نڪرڻ بيهجي پئي ويو تڏهن سيني جي ڌنوڻ بہ بند پئي ٿي وئي ۽ پوءِ کهڙا بہ حيلا وسيلا ڪتب آندا پئي ويا پر "ستل" سجاڳ نہ پئي ٿيو ۽ بهرحال اهو سمجهيو ويو تہ اهو مري ويو. جڏهن ٻار ڄمي ٿو تڏهن ساهہ کڻي ٿو (جي ساهہ نہ کڻي ڪڍي تہ مئل) ۽ جڏهن مري ٿو تڏهن مرڻ جي نشاني آهي ساهہ جو بيهڻ (باقي تہ سڀ ڪجهہ ساڳيو هو). جڏهن ساهہ جي پروڙ تي وڌيڪ ڌيان ڏنائين تڏهن ڪيس سڌ پئي تہ "ساهہ" تہ "هوا" آهي. ان ڪري سمجهيو ويو تہ جيئرو اهو آهي جنهن ۾ "هوا" هجي ۽ جنهن ۾ "هوا" نہ آهي اهو مئل. ماڻهوءَ اهو بہ ڏٺو پئي تہ اڄ نہ سڀان ڪو ماڻهو، ڪو جانور، ڪو پکي، ڪو جيت وغيره مري پئي ويو ۽ اهڙيءَ طرح ساهواري ٻي ساهواري کي جنم پئي ڏنو ـــــ جياپي لاءِ "هوا" اٽل شرط ٿي پئي.

ماڻهو جانور تہ مري مٽيءَ ۾ پورجي يا سڙي ڪاڄي پئي ويو پر "هوا نڪري پئي وئي" ۽ "هوا موٽي ٿي آئي" (جيئرو)، هوا هر حالت ۾ هئي، "هوا ڪا نہ ٿي مئي."

لاڳيتي عمل سبب ئي اهو تصور ٺهي سگهيو تہ ماڻهو ساهوارو سڙي، پري ختم ٿي وڃي ٿو يعني فاني آهي (۽ ان ڪري مادو آهي) ۽ "هوا"، "ساهہ"، "روح" لافاني آهي، دائمي آهي جيڪو جسم (مادي) جي مرڻ ڪان پوءِ بہ وجود رکي ٿو. حقيقت ۾ "ساهہ" هوا جي تصور ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي پر گهٽ ڄاڻ واري ماحول، وهم، ويساهہ، عقيدي ان کي هڪ غير مادي ۽ لافاني هستي بنائي ڇڏيو آهي.

جيڪا بہ شيءِ چرپر ڪندي نظر پئي آئي، ان بابت اهو تصور جڙيو تہ ان ۾



"ساهہ" آهي، ڇو تہ ساهہ ڪان سواءِ ڪا بہ شيءِ چري پري، ڳالهائي ٻولائي ڪا نہ ٿي سگهي. ان ڪري ئي اهو وهم، ويساهہ يا عقيدو ٺهيو تہ پڙڪندڙ باهہ، وهندڙ پاڻي، گهلندڙ هوا، اپائيندڙ مٽيءَ، ٻرندڙ جبل، گجندڙ جهڙ، ڪنوندڙ ڪنوڻ، چمڪندڙ چنڊ، ٻرندڙ سج، ٽمڪندڙ تارن وغيره ۾ بہ "ساهہ" آهي (جڏهن تہ اڄوڪو ٻار بہ ڄاڻي ٿو تہ انهن مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ ساهہ ڪونهي).

ڇا عقيدو ٻڌائي سگهندو تہ سينوَر ۾ "ساهہ" آهي يا نہ (سينور هڪ گهرڙي "وڻ" جو ڪروڙن جي ڳٽپ ۾ ميڙو يا جهڳٽو آهي)، جيوڙن (مِٽي جهڙا، انگور جهڙا، ونگوڙيا، لنڙيا، پيچڙيا ـــــ سوين جنسون ۽ اربن کربن ۾ ڳٽپ)، جيتامڙن (وائرس... ٽپڪڙيا، گُلڙيا وغيره ـــــ سوين جنسون ۽ کربن پدمن ۾ ڳٽپ) ۾ ساهہ آهي يا نہ؟ ۽ مثال طور، هڪ گلاس ۾ پئجي سگهندڙ سلهہ (ٽِي بِي) جي لنڙين جيوڙن (جيڪي قد بت ۾ گهٽ ئي جيوڙن ڪان وڏا آهن) جي ڳٽپ ئي وڃي ڪروڙن ۾ ٿيندي، هڪ گهرڙا جانور جيئن ايميبا، پئرامِيشم وغيره (سوين جنسون کربن پدمن ۾ ڳٽپ) "ساهہ"، "روح" رکن ٿا يا نہ؟ انهن ۽ اهڙين ٻين هزارين جنسن ۾ کي بہ عقيدا، ويساهہ، وهم يا ڏند ڪٿائون ڪنهن بہ قسم جي "ساهہ" يا "روح" هجڻ جي نشاندهي نہ ٿيون ڪن، ڇو تہ اڳوڻي زماني جي ماڻهوءَ نہ تہ انهن بابت ڄاتو پئي، نہ تہ انهن وٽ پرک جا وسيلا هئا ۽ نہ ئي انهن بابت ڪو تصور ـــــ انهن اهي ساهوارا نہ ڪڏهن ڏٺا، نہ ڪڏهن ٻڌا ۽ نہ ئي ڪڏهن انهن کي چکي، سنگهي يا ڇهي سگهيا. ماڻهن سيءَ ـ تپ جي بيماري گذريل صديءَ تائين خراب هوا (مليريا) سبب سمجهي پئي. هنن وٽ مڇر مان رت ۾ داخل ٿيندڙ جيوڙن (چوسٽن، ڪينئِنِ) بابت ڪا بہ ڄاڻ نہ هئي.

## (9) ديوي ۽ ديوتا جو تصور ڪيئن ٺهيو؟ :

ابتدائي راڄ ۾ جڏهن هڪ خاص ساهواري جنس ماڻهو (سمجهہ پري) ٺهڻ شروع ٿي تڏهن ان وٽ ڪنهن بہ طرح ماءُ پيءُ بابت اهو تصور ڪو نہ هو جيڪو اڄوڪي ماڻهوءَ وٽ آهي. ٻار لاءِ اهو ممڪن ئي ڪو نہ هو تہ هُو پنهنجي پيءُ کي سڃاڻي سگهي. راڄ جا سڀ نوجوان هن جا وڏا هئا پر هن کي جنهن ماءُ ڄڻيو هو، جنهن جي ٿڃ پيتي هئائين، ان کي سڃاتائين پئي. ابتدائي راڄ جي ابتدا ۾ سمورا رشتا ماءُ جي حوالي سان سڃاتا ويندا هئا (۽ اڄ بہ بنيادي طرح ماءُ جي حوالي سان سڃاڻجن ٿا ڇو تہ ماءُ ئي آهي جيڪا پيءُ جي نشاندهي ڪري سگهي).

سڀ ڪان وڏي، پوڙهِي، جهونِي ماءُ سڄي راڄ جي ماءُ هئي. اها ئي سيني جي ڪاڏي پيتي، ڏک سک، رهڻي ڪهڻيءَ، اٿا ويٺيءَ جو لحاظ ۽ خيال ڪندي هئي ۽ هر

هڪ جي گھرج جو سڏ سماءُ رکندي هئي، ٻيون جوان مائرون بہ رکنديون هيون، پر انهن جي وڏي بہ اها ئي پوڙهي ئي ماءُ هئي. سڀ ان جو اولاد هئا. ابتدائي راڄ جي ان قسم کي اَماڻو (مائاڻو ماءُ وارو) راڄ سڏجي ٿو.

مائن جي ماءُ گهڻي قدر سٺي، سڀاجهي، مٺي، مهربان، سيبتي، سلڇڻي، پرو ۽ پرگھور رکندڙ هئي ۽ هن جي انهن خصلتن جون يادگيريون سندس مئي پڄاڻا بہ پيون هلنديون هيون ۽ ڳڻ پيا ڳائبا هئا.

توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ گذريل واقعي جو بيان عام طرح ساڳي ان نموني نہ ٿي سگهندو آهي جيئن اهو ٿيو هجي. ڪو ماڻهو وڇون (ڀٽون) ماريندو تہ بيان ٿيندو هيڏو، هٿ جيڏو، سائو هيڊو، زهريلو وڇون هو. گهوڙو ڊوڙيو تہ ڪو نہ پئي، هوا سان ڳالهيون ٿي ڪيائين. ”يرا ماڻهو تہ ڪو گبر شينهن آهين“، ”پاڙيو ڪنهن جاءِ جو ڏڪ ئي نہ جهليائين“ وغيره. انهن راڄ ـ مائن بابت بہ قصو گهٽ وڌ پيو هلندو هو.

نيڪ سيرت، خوب خصلت، چڱيءَ چلت واريون مائرون نيڪيءَ، سونهن، سلڇڻائيءَ ۽ مهربانيءَ ۾ سيني کان سرس هيون (اهي ٿيون نيڪيءَ جو نشان) ۽ ڪاوڙيل، ساڙيليون، بخيل ۽ جهيڙاڪر مائرون شر جو نان.

هر نيڪي، چڱائي، سلڇڻائي، پنهنجائپ، پيار، انس (لڳاءُ)، سڪ، ساڃاهہ ۽ (ڪردار جي) سونهن رکندڙ ماءُ مهربانيءَ (ٻاجهہ) جو حوالو هئي ۽ راڄ جو هر چڱو ڪم انهن جي ڳالهين، سوچن ۽ عملن موجب پرکيو ويندو هو. ”ماءُ کان پوءِ ممتا حد آهي“، ”منڙيون ڳالهيون تہ منهنجيءَ امڙ جون“، ”سڀ جي پيٽ جي ڪيس خبر هئي“، ”ان کان وڌيڪ ٻيو ڪير آهي جو ايڏي اڪير رکي“ وغيره. لاڳيتيون يادون، يادن ۾ وسندڙ خاڪو، پلائيءَ ۽ چڱائيءَ جو ماءُ سان واسطيدار تصور، پيار ۽ سڪ جو انساني عڪس، هڪ منيءَ ماءُ جو اولڙو ـــــ ماءُ جي انساني روپ وڏي ياد ۾ خيالي روپ کي پختو ڪيو. ماتا ديويءَ جو تصور ايئن ٿيو.

ماڻهوءَ جي ياد ماءُ جي روپ تي ماتا ديويءَ کي جنم ڏنو. ڌرتيءَ بہ پنهنجي سيني تي سڀ کي سانديو، پاليو ۽ پناهہ ڏني پئي. هوءَ بہ ماتا جيان سڀاجهي ۽ سهڻي آهي. ڌرتي ماتا ۽ ماتا ديويءَ ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. پيار جي ديوي، سونهن جي ديوي، آباديءَ جي ديوي، ساوڪ جي ديوي، اوسيئڙي جي ديوي، امن (شانتيءَ) جي ديوي، وغيره.

هر برائي، بڇڙائي، ڪلڇڻائي، اوپرائپ، نفرت (ڌڪار)، چڙ، بيزاري ۽



ڪوجهائپ رکندڙ ماءُ اٻاجهہ (ڪُٻاجهہ) جو حوالو هئي ۽ راڄ جي هر غليظ ڪم جي پيٽ ان جي حوالي سان ٿيندي هئي: ”ڪِني رَن نہ مري ٿي ۽ نہ ئي جند ٿي ڇڏي“، ”ٻانڀ اڇي ٿي آهي، بڇڙائيءَ کان پاسو نہ ٿي ڪري“، ”بہ ويڙهائو ڏُوتي جتي ڪٽي باهہ لڳايو ويٺي آهي“، ”سڀ شيءِ تي بڇڙي نظر، سڀ جو ڪاڏو ويٺي تڪيندي“، وغيره. ڪروڌي، بري، ڌڪار ۽ بد چل مائيءَ سان واسطيدار يادن، ان بابت ڳالهين جي ورجاءَ، ٿيندڙ براين جي ان جي براين سان پيٹ، ماڻهوءَ جي ذهن ۾ انهيءَ عڪس کي پڪو ڪيو جيڪو نسبتاً وڌيڪ بڇڙو هو ـــــ اهو ئي تصور هو جنهن برائيءَ جي ديويءَ، ڪروڌ جي ديويءَ، ساڙيلي ديويءَ، نفرت جي ديويءَ، غضب جي ديويءَ وغيره کي جنم ڏنو.

هر جوانيءَ کي پنهنجي جسم جي ڇڪيندڙ سونهن آهي، ڪنهن جي جهلڪ ڏسڻ جي اوسيئڙي، قرب جي خاص خوبيءَ، اندر ٺاريندڙ ادا، ڀلور ويندڙ جذبي، جذباتي ٺار بخشيندڙ هستيءَ، جنهن جي ٿور تي مور وائڙا ٿي پئي ويا، جنهن دلبر کي ديکيندي سورج شاخون جهڪيون پئي ٿيون ۽ قمر ڪوماڻو پئي ـــــ پرين ـــــ پرينءَ جي ادا، هر ناز، هر روپ، هر گهڙيءَ جي دلبري ڏيک، پنهنجو پنهنجو تصور پئي ڏنو ۽ ”روح“ ۾ راحت ٿي پيدا ڪئي. ان بابت يادون، جوانيءَ جون يادون، جوش ۽ جذبي سان ٿمٿار يادون، سڪون ۽ سانت ڀريون يادون، عشق، محبت، پيار، پريم جي ديويءَ جي جنم جو ڪارڻ بڻيون ـــــ سونهن جي ديويءَ، عشق جي ديويءَ، پيار جي ديويءَ، جنس جي ديويءَ، جوش جي ديويءَ، بيوفائيءَ جي ديويءَ، وڇوڙي جي ديويءَ، اوسيئڙي جي ديويءَ وغيره جنم ورتو.

ابتدائي راڄوڻي سماج جي ابتدائي اماڻو دور هوري هوري اٻاڻي دور ۾ بدلجي ويو. ڀهريائين اپت گهٽ ٿيڻ سبب راڄ جا سمورا ماڻهو پنهنجي وت ۽ وس آهر شڪار ۾ حصو وٺندا هئا. ان ۾ زناني مرداڻي جو فرق ڪو نہ هو. اَگهو پوڙهو ۽ جهور پوڙهيون پنهنجين جهوپڙين ۾ شڪار تي ويل سورهين ۽ سورمين جو انتظار ڪنديون هيون. شڪار لاءِ زبري سگهہ گهربل هئي، جانور وڏا ۽ هٿيار هيٺا هئا، پر پوءِ بہ خاص طرح ڳيري (ڊڪي، ”پيٽ سان“) عورت لاءِ پوئين، پرئين مهينن ۾ شڪار لاءِ هٿ ونڊائڻ اوکو ڪم هو. انهن کي گهرن ۾ ٻارڙن ۽ وڏڙن سان رهڻو پوندو هو. نئين ڄاول ٻار جي پرگهور لاءِ بہ ڪيس ئي سيڙجڻو پوندو هو.

گهر ۾ رهندڙ عورتن آڳر (اڳڙ) ۾ آندل گاهہ ٻوٽن کي نئين مند ۾ نئين سر ڦٽندي، سلو ڪندي، وڌندي، انگورجندي ۽ سنگ جهليندي ڏٺو. سوين سالن تائين

ٽيندڙ رهندڙ ان عمل اهو تصور پڪو ڪيو تہ گاهہ ٻوٽي ۾ ڪا اهڙي شيءِ سگهہ آهي جو اهو زمين ۾ پيهي نئين سر ڦٽي پوي ٿو. ارادي سان ٻج ڇٽيو ويو ۽ نيٺ اهو ڦٽي پيو. مينهن نہ پوڻ سبب، ڌرتيءَ جي سخت هئڻ سبب سلو پاڙون وٺي نہ پئي سگهيو پر آلي ڌرتيءَ ۾ هڪدم پئي اپريو ـــــ پوکيءَ، فصل جي ابتدا ٿي.

ڇهنبدار ڪانئين سان ڌرتي چيري (کيڙي) ان ۾ ٻج وجهي پاڻي ڏنو ويو تہ سلو ڦٽي آيو. پوکيءَ جو هنر گهريلو عورت پاران لاڳيتي جاچ، پرک ۽ پروڙ جو نتيجو آهي.

نوَن نوَن سخت پٿرن جي ڳولا، انهن جي گهاڙ هٿيارن جي تکائيءَ ۽ ججهائيءَ سِگهن کي هٿيار طور ڪتب آڻڻ نيزي، ڀالي، تير ڪمان جي ايجاد بہ شڪار ۾ سهولتون پيدا ڪري ورتيون.

ڳرو، سخت، ٽڪائيندڙ ۽ گهڻي سگهہ گهرندڙ ڪم مرد جي حوالي ٿيو ۽ نسبتاً هلڪو، نرم، سولو (سهنجو) ۽ گهٽ سگهہ گهرندڙ ڪم عورت جي حوالي ٿيو ـــــ پورهيي جي پهرين ورڇ ٿي.

جڏهن پوکيءَ جي هنر واڌ ڪاڌي ۽ ان لاءِ هر، جانور وغيره ڪم اچڻ لڳا تڏهن اهو ڪم بہ مرد جي حوالي ٿي ويو. جنهن گهڻو ڪم پئي ڪيو اهو هوري هوري راڄ مٿان ڇائجندو ويو ۽ نيٺ راڄ ۾ مردن جي مٿيرائي قائم ٿي ـــــ اباڻو سماج ٺهي پيو.

ڪاڌي پيتي، پال پوس، سار سنڀال، هنري سکيا ۽ تجربن جي تعليم وغيره ۾ جيتوڻيڪ مرد ۽ عورت ٻنهي حصو پئي ورتو پر پوءِ بہ هلندي، سرندي، مٿيرائي مرد جي هئي. هاڻي ماڻهوءَ کي گهرج پئي تہ هو پنهنجي آکهہ ـــــ پنهنجن ٻارن ٻچن ـــــ جي نشاندهي ڪري. گهر، آکهہ، کهول، ڏاڏنگ، قبيلي ٺهڻ شروع ڪيو ۽ قوم جون نشانيون اسرڻ لڳيون.

ٻَڪن پوڙهن وٽ تعليم، تجربو ۽ تدارڪ وڌيڪ هئڻ فطري هو. انهن پنهنجي نوجوان پود کي شڪار جي ٽلن، ٻِلن ۽ چالاڪين جي، شڪار کي وٺڻ، پڪڙڻ ۽ جهلڻ جي هنرمندين جي، ان کي گهلڻ، ڏوڪو ڏيڻ، ڪوڙڪيءَ (ڄار) ۾ آڻڻ جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي. ڪي وري مختلف قسم جي اوزارن، هٿيارن، شين (ٿانون، سِرُن، جهوپڙين) جي ڪم ۾ وڌيڪ مهارت هٿ ڪري ويا ۽ انهن وري اهڙين شين جي سکيا ۽ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ـــــ پورهيي جي ورڇ شروع ٿي وئي. هڪ قسم جي هنرمندي ڪندڙ ماڻهن ٻي قسم جي هنرمندي ڪندڙ ماڻهن سان پنهنجي پورهيي (يا ان جي حصي) جي بدلي ٻي جي پورهيي (يا ان جي حصي) سان مٽا سٽا



شروع ڪئي. ماڻهو مختلف هنرن ۽ پورهيي جي ورڇ ۽ مٽا سٽا جي بنياد تي مختلف ڌنڌن ڌاڙين ۾ جنبي ويا.

اباڻي راڄ ۾ بابا (يا بابا جو بابا) سڀ کان وڌيڪ لائق. فائق، اهل ۽ بزرگ هو. هن جهڙن ڀلارن پنهنجي اولاد، راڄ، قبيلي، قوم جي سار سنڀال پئي ڪئي ۽ پر گهور پئي لڌي (امڙ بہ گهٽ ڪا نہ هئي، گهر ۾ سڀني عورتن کان وڌيڪ هئي، پر بابا ان کان بہ مٿير هو ۽ گهر کان ٻاهر تہ بابا ئي گهڻو ڪجهہ هو). ان سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي سنا، سيبتا، سلڇڻا، سڀاڄها ۽ سگهارا ڀريا مڙس هئا ۽ ڪن جي ڀيٽ ۾ ڪنهن وٽ نسبتاً وڌيڪ سنا گڻ هئا. ان جي جيئري يا مُئي پڄاڻان ان جون ڳالهيون، سوچون، تجربا، تعليمون، ڪم ڪاريون ماڻهن لاءِ مثالي بنجي پئي ويون. ڪوپا، ڪٽ مست، ڪونڌر ماڻهو جوڌا، جُنگ، جوان ماڻهو مٿير، مرد، مهائي ماڻهو سڀني لاءِ مثالي هئا ـــــ انهن جي تصورن، انهن جي يادن، انهن جي شبيهن، انهن جي منهن مهاندن ماڻهوءَ جي ذهن ۾ پڪي حيثيت اختيار ڪري ورتي. بابا، بهادر، ڇڳير شهمير وڏي ديوتا جو روپ ورتو ـــــ ديوتا انساني خصلتن جو خيالي روپ آهي، سمورا ديوتا ماڻهوءَ جي منهن مهانڊي ۽ ڪردار جو خيالي روپ آهن.

# باب ڏهون

# ”ڀڳوان“، ڏڻي، ”ديو“، ”ديوتا“

## ”ڀڳوان“ چا آهي؟:

ڀاڳ ورهائيندڙ ڀاڳو ورهائيندڙ ونڊ ڏيندڙ حصا پتيون ڪري گهر تائين پهچائيندڙ سيني جي گهرجن جو خيال رکندڙ گهرج موجب ڏيندڙ کاڌ خوراڪ (رزق) جي ورهاست ڪندڙ قبيلي جي چڱي مڙس، سرواڻ جو هڪ عڪس آهي، جنهن سان پراڻيون چڱيون يادون ڳنڍجنديون پئي رهيون آهن.

## ڏڻي چا آهي؟:

ڌڻ وارو ڌڻ پاليندڙ ڌڻ چاريندڙ ڌڻ سنڀاليندڙ ڌڻ وڌائيندڙ اهو ماڻهو جنهن وٽ ڌڻ (ڌن) ججهو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هي لفظ اهڙي وڏڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪتب ايندو هجي جيڪو ڌڻ (کاڌو، رزق، مال) ورهائي ڏيندو هجي. هڪ ماڻهوءَ جو تصور آهي، ياد آهي، عڪس آهي.

ڀاڳ (ڀاڳي) وارو ديوتا، ڌڻ وارو ديوتا، رزق جو ديوتا، ونڊيندڙ ورهائيندڙ ديوتا، باهه جو ديوتا، پاڻيءَ جو ديوتا، مينهن جو ديوتا، اوٺر (آنڌاري، طوفان) جو ديوتا، ڪڪرن جو ديوتا، وڄ جو ديوتا، گاج (ٺڪاءَ) جو ديوتا، اپ جو ديوتا، چنڊ ديوتا، سج ديوتا، تارن جو ديوتا، ڪائنات جو ديوتا.

عشق جو ديوتا، فصل جو ديوتا، لاب جو ديوتا، پيڄاري جو ديوتا، غضب جو ديوتا، ڪروڌ (ڪاوڙ) جو ديوتا، بديءَ جو ديوتا، ٻوڏ جو ديوتا، وڻن جو ديوتا، جانورن جو ديوتا، ماڻهن جو ديوتا.



## ”ديو“ چا آهي؟ ”ديوتا“ چا آهي؟:

ڏيندڙ ڪجهه به ڏيندڙ ماڻهوءَ جو عڪس آهي، ياد آهي، جنهن وٽ هوندو اهو ئي ڏيندو. ڪجهه به ڏئي سگهڻ جي لياقت رڳو ان وٽ آهي جيڪو ڏئي سگهي، ورهائي سگهي، جيڪو وٽس آهي اهو ورهائي سگهي ـــــ ڪنهن رزق ڏنو ڪنهن سگهه ڏني، ڪنهن عقل ڏنو ڪنهن عشق ڏنو ڪنهن جوش ڏنو ڪنهن جنون ڏنو ڪنهن نيڪي ڏني، ڪنهن چڱائي ڏني، ڪنهن بيماري، تئونس، تانگهه ڏني، ڪنهن برائي، بڇڙائي، بدي ڏني، وغيره.

ديوي هڪ اهڙي عورت جو عڪس، ياد آهي جيڪا ڏيندڙ هجي ـــــ ڪجهه به ڏيندڙ هجي، جيڪو وٽس هجي اهو ورهائي ڏيندڙ هجي ـــــ ڪنهن خوراڪ (ٿڃ، اَنُ) ڏني، ڪنهن ميٺ محبت ڏني، ڪنهن سڪ ڏني، ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن پنهنجائپ ڏني، ڪنهن نينهن ڏنو ڪنهن ڪاوڙ ڏني، وغيره.

ڪنهن به ماڻهوءَ، ڀوءِ چڱو هجي، سگهارو هجي، سمجهو ۽ ڏاهو هجي، ويڙهو هجي، اُچائيندڙ هجي وغيره. ڪي خوش، راضي، نرم، پنهنجو رکڻ لاءِ ان کان گهٽ لياقت وارا ماڻهو ان جي پسند موجب هلڻ ۽ ان جو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪيترائي سيڪڙات، استادن کان به گوءِ کڻي ويندا آهن. ماڻهن به پاڻ کان وڏن کي خوش رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. سنو سيڪڙات اهو جيڪو استاد کان گهڻو ڪجهه پرائي.

جيئن جيئن ماڻهوءَ جي هنري لياقت وڌندي وئي تيئن تيئن گهرجن جو پورائو ڪرڻ لاءِ هنرن جي ورهاست ۽ پورهيي جي مٿا سٿا وڌندي وئي. جن وٽ سگهه ۽ ساڃهه گهڻي هئي انهن جا شاگرد به هئا ۽ انهن وٽ مٿا سٿا ۾ مال به گهڻو ئي پئي مڙيو ـــــ ذاتي ملڪيت ٺهڻ شروع ٿي.

ذاتي ملڪيت هوري هوري انهن هٿن ۾ گڏ ٿيندي وئي جن وٽ ملڪيت هٿ ڪرڻ جا وسيلا گهڻا هئا ـــــ گهڻو هنر، گهڻا ڪاريگر ۽ گهڻا شاگرد، گهڻو مال متاع ۽ ڌڻ، گهڻي زمين ۽ اَنَ جي اپت، گهڻو وٽج واپار ۽ ڏيتي ليتي. هڪڙا ماڻهو مال ملڪيت ۾ مٿاهان ٿي ويا ته ٻيا هيٺ.

اڳ راڄن مٿان راڄ چڙهي راڄ ڪندا هئا ته خاص طرح قيد ڪيل ماڻهو ڪاڏي جي اڻ هوند سبب ڇڏي ڏنا ويندا هئا پر هاڻي انهن کان اپت جو ڪم وٺي سگهجي پيو. مٿاهان ماڻهو انهن کي پاڻ وٽ رکڻ ۽ پالڻ جي عيوض انهن کان ڪم وٺڻ لڳا ۽ انهن کي پنهنجن سيڪڙاتن، شاگردن، سار سنڀال ڪندڙن ۽ هيٺين ماڻهن ۾ شامل

ڪري ڇڏيائون.

راڄ جو ڇگو مڙس اڳي راڄ آڏو بيوس ۽ راڄ جي صلاح موجب هلندڙ هوندو هو پر هاڻي پنهنجو پاڻ اهڙا ڏاڍا مڙس پيدا ٿي پيا جن پاڻ کي ڇگو مڙس چوڻ، چوائڻ ۽ سڏرائڻ شروع ڪيو. انهن وٽ ملڪيت هئي، ماڻهو هئا، شاگرد هئا، نوڪر چاڪر هئا، غلام هئا. اهي راڄ جا ڳيجهو نه رهيا پر راڄ مٿان پنهنجي پسند مڙهڻ شروع ڪيائون ۽ بيوس ماڻهو انهن جي ميڄتا لاءِ مجبور هئا.

پورهيي جي بي ورڇ، مال ملڪيت کي ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ محدود ڪري ڇڏيو ۽ اهي راڄ ڀاڱ جا مالڪ ٿي پيا.

اڳوڻي راڄوڻي غير طبقاتي سماج مان هاڻي هڪ اهڙو راڄ اسري آيو جنهن ۾ ڪي ماڻهو حاڪم، بالادست، مالڪ ۽ پاڻ وهيڻا هئا ته گهڻا ماڻهو محڪوم، هينيان، غلام ۽ ڳيجهو.

غلامداري راڄ وجود ۾ اچي ويو طبقاتي سماج نهي پيو.

طبقاتي راڄ جي هن ظاهر ٿيل پهرين شڪل کي غلامداري راڄ سڏجي ٿو.

مالڪ، آقا ئي راڄ، قبيلي جو بي تاج بادشاهه هو. هو ئي سڄي کاڌ خوراڪ، رزق جو خزانو شيل شڪار جو واڳ ڌڻي ۽ مال ملڪيت جو مالڪ هو. جنهن به سندس چوڻ نه پئي ورتو ان جو رزق بند ڪري ان کي روهه ۾ رلائي ٿي ڇڏيائين ۽ جنهن سندس چوڻ پئي ورتو ۽ حڪم پئي مڃيو انهيءَ کان خوش ٿيندو ۽ ان کي انعام اڪرام ڏيندو هو. "عزت" ۽ "ذلت" هن جي هٿن ۾ هئي، وٽيس ته روزگار ڏي ۽ وٽيس ته بک ماري، وٽيس ته جيئدان ڏي ۽ وٽيس ته ماري، وٽيس ته آزاد ڪري ۽ وٽيس ته غلام بنائي ڇڏي. هو هر شيءِ جو حساب ڪتاب رکندو هو ۽ وقت سر چُڪتو ڪندو هو ڏيتي ليتي هن جي هٿ ۾ هئي. انهيءَ ڪم لاءِ هن ڪيترائي ماڻهو رکي ڇڏيا هئا جيڪي سندس بالادستيءَ ۽ حاڪميت هيٺ سندس مفادن جي تور تڪ، سار سنڀال ڪندا هئا ۽ جيڪو گهوٻي بازي يا گهاٽي واڌي ڪندو هو ان کي مالڪ، آقا جي حڪم موجب سزا يا جزا ڏيندا هئا. جيڪي غلام سندس آڏو جهڪندا هئا، سندس ساراهه ۽ واکاڻ ڪندا هئا انهن کان اڪثر خوش ٿيندو هو ۽ عام طرح انهن کي نوازيندو هو ۽ جيڪي ماڻهو سندس آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪندا هئا، ڪيس نه مڃيندا هئا، سندس ڪاڻ نه ڪيندا هئا يا سندس ڪرتوتن بابت حق سچ چئي ڏيندا هئا، انهن کان ناراض ٿيندو هو ۽ انهن کي ذليل ڪرائيندو يا مارائيندو هو.

هو قبيلي جي هر شيءِ ـــ ساهواري توڙي بي ساهه ـــ جو مالڪ هو.



اڳوڻي سماج ۾ ديويون ۽ ديوتا ته هئا، پر اهي اماڻي يا اباڻي راڄ جو نقل هئا. هاڻي اهي غلامداري سماج جو نقل، عڪس ٿيڻ لڳا. ديويون گهڻو ڪجهه هئڻ باوجود ديوتائن جون محتاج هيون ۽ ننڍيون ديويون ۽ ديوتا وڏين ديوين ۽ ديوتائن جا غلام ٿي پيا جن ۾ سڀ کان مٿاهين ۽ عزت لائق حيثيت خاص آقا، خاص مالڪ، خاص پوڄا لائق ديوتا جي هئي. پوڄا، سجدي لائق رڳو خاص ديوتا هو ۽ عام ديوتائن کي به ان غلاميءَ ۾ رهڻو ٿي پيو تنهنڪري اهي پوڄا لائق نه هئا. اڳ هر ديوتا عام معنيٰ ۾ برابر ۽ عزت لائق هو پر هاڻي حڪم ٿيو ته ڪو به ديوتا پوڄا لائق ناهي سواءِ ان خاص ديوتا جي، جنهن جي هٿن ۾ ماڻُ، مرتبو، روزي رزق ۽ رحم ڪرم هو. جيڪو ويريءَ لاءِ واڍو هو ۽ سڄڻ لاءِ سائين. ماڻهن ۽ ديوين ديوتائن جو خاص ديوتا رڳو ديوين ديوتائن کان ئي نه، پر ماڻهن کان به حساب ڪتاب وٺڻ لائق هو. هو حياتيءَ جي هر شعبي، هر ماڻهوءَ، هر ساهواري، زمين جي هر ٽڪري جو مالڪ هو. باقي سمورا ديوتا ۽ ديويون هن جي حڪم موجب ئي ڪم ڪاريون ڪندا هئا. هاڻي انهن ننڍين ديوتائن جي حيثيت رڳو پڇا ڳاڇا ڪرڻ، نياپا پهچائڻ، حساب ڪتاب رکڻ، سزا جزا عمل ۾ آڻڻ، مارڻ تارڻ ۽ زماني جا بيا دستوري، روايتي، فطري ڪم سنڀالڻ ٿي پيو. آقا جي رضا موجب هوائن ۽ طوفانن تي به انهن جو ئي ڪم هلندو هو ته مينهن پاڻيءَ ۽ ندين نَئِنِ تي به، پوک، فصل، روپبي، لاب تي به سندس ئي حڪم هلندو هو ته وڻ وٽڪار، جهر جهنگ ۽ جانور تي به. هو ئي ڀوڏون ۽ زلزلا پيدا ڪرڻ لڳا ته هو ئي نذر نياز ۽ خرچي، پتو يا پينا وٺي پاڻ به خوش پئي ٿيا ته سندن آقا به.

جيئن ديوين ۽ ديوتائن ۾ ڪي سڻي ته ڪي ڪڻي عادت وارا هئا تيئن آقائن جو معاملو به هو. سڀ رزق، پورهيي، پوک، جانورن ۽ ماڻهن جا مالڪ ۽ آقا ئي هئا (۽ ان حق کي ڪو به للڪاري نه پئي سگهيو)، پر پوءِ به ڪي مني زبان، مني ڇريءَ سان ڳُهڻ وارا هئا ته ڪي مورڳو ڏبي ڇريءَ سان. سٺا آقا ساراهه لائق ۽ خراب آقا ڦٽڪار لائق هئا.

جيڪڏهن توهان کي ڪنهن به ديوتا جو اصل، بڻ بنياد ڳولڻو آهي، ته ان جو سولو رستو ديوتا جي ٻولي جاچڻ آهي. ديوتائن کي عام طرح بي ٻولي نه ايندي هئي ڇو ته انهن جو لڳ لاڳاپو ۽ واهپو رڳو پنهنجي قبيلي تائين محدود هو. ويندي وڏي ۾ وڏي گهڙيل دنيا ۽ ڪائنات جي ديوتا کي به هڪ ٻولي ئي ڳالهائڻ ايندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن ديوتا کي سنڌي ٻولي يا ڪا بي ٻولي سمجهه ۾ ئي نه ٿي اچي ته سنڌي ماڻهن لاءِ حڪم احڪام ۽ انهن جي حساب ڪتاب جو بلو ڪيئن ڪري

هن ڌرتيءَ جو سينگاريندڙ ۽ هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪجهه اپائيندڙ رڳو پورهيت ماڻهو آهي، ان جي هٿن ئي فطرت ۾ سڀ ڪجهه انساني جياپي لائق پيدا ڪيو آهي. انهن پورهيتن به ايئن ئي سوچيو هوندو پر اهي پنهنجي پورهيي جي پيدا جا مالڪ نه هئا. پنهنجي پورهيي جو پاڻ مالڪ ٿيڻ ۽ ڦورو آقائن جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ غلامن جي سوين جدوجهدن ("بغاوتن") جو ذڪر تاريخ ۾ موجود آهي. پورهيت جي ڇوٽڪاري لاءِ انهن جدوجهدن جا سرواڻ، سورهيه پورهيتن جي نظر ۾ ڏاڍا عزت لائق هئا ۽ انهن جو ذڪر به ڏاڍي عزت ۽ احترام سان ڪيو ويندو هو پر اهي نيڪ توڙي بڇڙن آقائن جي نظر ۾ بدڪار، باغي، فسادي، ڦورو ۽ بي ايمان هئا جن پنهنجي خاص آقا جو چيو آڪيو نه مڃيو ۽ ان جي مفادن (پسند) خلاف ڪم ڪيو ـــــ اهي سزا لائق هئا. انهن ڪا باهه ۾ ساڙيو، زهريلن نانگن جو بک بنائي يا (پٽرن) گهاٽن ۾ پيڙائي ڇڏجي، ته پوءِ ئي خاص آقا جي دل ٺري سگهي پئي. پاڻ خاص آقا انهن لاءِ مڇ مڇرائي ڇڏيا، کوهن ۾ نانگ پاليا، پاٽي ٺهڪرايا (ڪاڙهايا) ۽ جيئن ئي ڪو "فسادي" هٿ چڙهيو ته انهن سزائن جي پوڳڻ واسطي ڇڏيو ويو.

هڪ قبيلي (راڄ) جي ٻي تي ڪاهه خاص طرح ملڪيت وڌائڻ ۽ غلام هٿ ڪرڻ جي سَڏ هيٺ ٿي. پورهيت جو مال ڦٻائڻ ۾ به مزو هو ته ٻين قبيلن (راڄن، قومن) جو مال ڦٻائڻ ۾ به. سوپارا سردار (آقا، مالڪ) خوش ٿي مال ـ غنيمت ۾ هٿ چڙهيل مال جو وڏو ڀاڱو پنهنجي خزاني ۾ ۽ ننڍو ڀاڱو پٽيون ڪري پنهنجي مفاد لاءِ ويڙهه ڪندڙن ۾ ورهائيندا هئا. {(اهي آقائن جي مفادن لاءِ ويڙهه ڪندڙ ۽ سنڀاليندڙ ئي سماجي اوسر ۾ اڳتي هلي لشڪر (فوج)، ڪامورا (وردي پوش پوليس ۽ غير وردي پوش انتظاميا) ۽ پلاوٽا بنيا.}

نه رڳو مظلومن جو مال ملڪيت ڦريو ۽ انهن کي غلام ۽ محڪوم بنايو ويندو هو پر انهن مٿان پنهنجي ٻولي، رسمون ۽ رواج، عقيدا ۽ ويساهه ۽ پسند جا پيداواري طريقا به مڙهيا ويندا هئا ـــــ ۽ ان جي ئي هڪ حصي طور سندن مذهب (ڌرم) به مڙهجي ويندو هو. اهڙيءَ طرح حاڪم قبيلي جو خاص ديوتا (ڪن حالتن ۾ زوريءَ يا مُلن، ٻانهپڻ کي پيتو ڏئي) محڪوم قبيلي جو به خاص ديوتا ناهيو ويندو هو.

اهي ويڙهيون ۽ چاڙهيون پيون هلنديون هيون ۽ هڪڙن مٿان ٻين ۽ ٻين مٿان ٽين قبيلن جو ثقافتي اثر به پئجندو رهندو هو. موٽ ۾ ڪجهه قدر حاڪم قبيلي جا ماڻهو به محڪوم قبيلي جي ڪن ثقافتي جزن کان متاثر ٿيندا هئا.



يهودين جي خداوند يهواه بابت چٽيءَ طرح معلوم آهي ته اهو رڳو پنهنجي قبيلي جو ديوتا هو. ان ديوتا جي حاڪميت، بالادستي ۽ برتري رڳو پنهنجي قبيلي تائين محدود هئي، پر هوري هوري مختلف قبيلن سان ڏيتيءَ ليتيءَ ان کي وڏائي زمين آسمان جو ديوتا بنائي ڇڏيو.

جڏهن ڪن قبيلن وسيع پيماني ۾ حدن تائين سوين سوين ماڻهين ته انهن جي ديوتائن جو پاڇو حاڪميت ۽ بالادستي به وسيع حدن تائين پکڙجي وئي.

قبيلي جا ديوتا پاڙي اوڙي جي جبل تي يا نديءَ ۾ رهندا هئا پر جڏهن ماڻهن جبلن ۽ ندين کي به ڇاڇوليو تڏهن انهن ديوتائن کي زمين تان ٿينگ ڏياري آسمان تي پهچايو ويو ۽ اڄ سائنس جڏهن "ڪائنات جي ڪناري" جي اڻ موجودي ثابت ڪري چڪي آهي ۽ ڪٿي به ڪو "آسمان" ڪونهي تڏهن خبر ناهي ته ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ ڪٿي جوڙي ويندي.

اهڙيءَ طرح ننڍڙن راڄوٽي سطحن کان هلندي، وڏي راڄ، قبيلي، قبيلن، ملڪن مٿان ٿيندي انهن ديوتائن جي جاءِ في الحال آسمان مٿان آهي. عام طرح هر قبيلي، راڄ، ڌرم ۾ هڪ خاص ديوتا ۽ ٻين سوين عام ديوتائن جو تصور موجود آهي. گهڻن ئي راڄن ۾ انهن جو تصور ايئن ڪيو ويو ته ڄڻڪ اهي جسماني طرح وجود رکندا هجن (جيئن قديم سنڌ، هند، سمير، بابل، نينوا، مصر، يونان وغيره ۾ اهو ئي تصور موجود هو)، پر ڪيترن ۾ اهي سنوان سڌا تصوراتي آهن ۽ انهن جو وجود غير مادي ڪري بيان ڪيو ويو ته جڏهن ته انهن بابت به هر هڪ جزي جي چنڊچاڻ اسان کي چٽي تعليم ۽ پروڙ ڏيندي ته اهي ماڻهوءَ جو ئي پاڇو، اولڙو، عڪس، تصور آهن. ديوتائن ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ شڪل تي ڪو نه ناهيو آهي، پر ديوتا ماڻهوءَ جي منهن مهاندي تي ٺهيل آهن.

ديوتائن جي غير جنسي تصور کي روشنيءَ ۽ باهه جي اولڙي سان ملائي پيش ڪيو ويو. خاص طرح نيڪ خصلت، نيڪ سيرت، شريف ۽ سهاجها، رحمدل ۽ انصاف پرور ديوتائن جو عڪس (ٺاريندڙ) روشنيءَ جي حوالي سان ۽ بدخصلت، بدسيرت، ڪميني، بي رحم ۽ ظالم ديوتائن جو تصور باهه (جيڪا ساڙيندڙ روشني آهي) جي حوالي سان پيش ڪيو ويو.

نيڪيءَ جي خاص ديوتا جون جيئن ته پنهنجو خاص گهر جون هيون ان ڪري هن دنياداريءَ ۽ ڪائناتي ڪم ٻين ننڍن نيڪ خصلت ديوتائن جي حوالي ڪري ڇڏيا، جيڪي سندس نظام کي جيئن جو تيئن برقرار رکندي فرمانبرداري ۽ ٻانهپ

پوري ڪندا پيا رهن.

هڪ شهنشاهہ جي درٻاري ۽ سلطنتي سرشتي کي نظر ۾ رکي توهين جاچ ڪندا تہ اڄ ڪلهہ جو ڪو بہ ديوتائي تصور توهان کي ٺيڪ ان جو چربو نقل يا عڪس نظر ايندو.

شهنشاهہ ـــــ خاص ديوتا، سلطنت ـــــ ڪائنات، راڄڌاني (گادي) ـــــ اهم ديوتائن جي رهڻ واري جاءِ، خاص نائب ـــــ خاص ڪمن لاءِ سيڙايل ديوتا، جيئن ايلچي (نياپا سنيها پهچائيندڙ) ديوتا، ڪائنات جي سرشتي کي جيئن جو تيئن رکڻ وارا (وڏا وزير، لشڪري، ڪامورا) ديوتا، ڪکر آڻڻ، مينهن وسائڻ ۽ ڪنوڻ ڪنوائڻ وارا ديوتا (آبپاشي وزير ۽ روينيو کاتو)، ساهہ ڪڍڻ وارا ديوتا (ٽياس تي ٽنگيندڙ ڦاهيءَ چاڙهيندڙ ۽ جلاد)، حساب ڪتاب رکڻ وارا ديوتا (رائٽر يا ٽيڪس وٺڻ وارا)، ڏوهہ، گناهہ موجب سزا ۽ نيڪي چڱائيءَ موجب جزا ڏيڻ وارا ديوتا (قاضي، محتسب، عدليہ، مقننہ) وغيره.

راڄ جا ماڻهو ـــــ عام ٻانها ديوتا.

”باغي“، ”فسادي“ ماڻهو ۽ سورهيہ ـــــ ”باغي“، فسادي ديوتا ۽ انهن جا سورهيہ وڏا ديوتا.

پاڻ وڏو خاص ديوتا (شهنشاهہ) انهن سڀني ننڍن ديوتائن جي نگراني، ڪائنات (سلطنت) جي سک سانت، واڌ ويجهہ، سرسبزي، نسل، آباديءَ ۽ هر ساهواري جي پرگهور پيو لهي.

توهان کي اها بہ سڌ هوندي تہ ڪيترائي ديوتا غير انساني شڪل ۾، جانورن جي شڪل ۾، وڻ ٽڻ جي شڪل ۾، باهہ پاڻيءَ جي شڪل ۾ يا انهن مان ڪن بہ مختلف شين جي عڪسن جي ميلاپ جي شڪل ۾ بيان ڪيا ويندا آهن. ايئن ڇو آهي؟

ان لاءِ اٽڪر آهي تہ اسين هڪ ڀيرو وري ديو جي ڏندڪٿائي تصور کي جاچيون، جيڪو خاص طرح امير حمزي جي داستان ۽ لوڪ ڪهاڻين ۾ عام ملي ٿو.

**ڀريائين ان جي بدني بناوت جاچيو:**

جبل جيڏو ماڻهوءَ جهڙو خاڪو، مٿي تي ڇهنبدار سڱ، اکيون ٻاڙهيون شعلا وَسائيندڙ (”هڪ اکيو ديو“ بہ تصوراتي طرح موجود آهي)، ناسن مان دونهان، ڏند تيز... وڏو پهلوان، هيبتناڪ، دهشت پکيڙيندڙ، آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندڙ، ماڻهو کائيندڙ ڪنهن غار، وڏي گهر، ٻيلي يا شهر تي قبضو ڄمائي رهندڙ، ڪاڏي جا ڍڳ کائيندڙ هلندو تہ ڌرتي پئي ڌٻندي، جبل کي بہ مُڪ هڻي تہ ڇيهون ڇيهون ڪري



ڇڏي، عام طرح ڪنهن ڪنواري شهزادي (ڇوڪريءَ) تي عاشق ٿيندڙ ان جا نخرا سَهندڙ ۽ ان جي آرام جو خيال رکندڙ پر ان تي ڀروسو نہ ڪندڙ (تہ متان ڀڄي وڃي) تنهنڪري ان جو ”ساهہ“ ڪنهن طوطي ۾ وجهي ان کي سوگهيءَ جاءِ تي (گنبذ جي چوٽ وٽ) رکندڙ محل کي تريءَ تي رکي اُڏامندڙ وغيره.

ديو بابت بيان ڪيل اهو ڪهڙو تصور آهي، جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن ٻاهرين حقيقت جو عڪس نہ هجي؟

راڪاس ۽ برڙ (ٻڍهہ) ٻاڪاس بہ حقيقتن جا ديو کان بہ وڏا تصور آهن ۽ ديوتا انهن کان بہ وڏو تصور. ديو، راڪاس، برڙ ٻاڪاس، ديوتا يا ديوي ماڻهوءَ جو ئي وڌايل، ان ۾ ڪن پکين ۽ جانورن ۽ ٻي جان شين جون خوبيون ملايل، وڏو ڪيل تصور آهي.

ـ سهڻي، ٺاهوڪڙي، لسڙاٽ، گوري ڇوڪر جي ڪلهن سان ڪنهن وڏي پکيءَ جا کنڀ چنبڙايو. ڪهڙو تصور ٺهي پيو؟ ـــــ پريزاد جو!

ـ سهڻيءَ، ٺاهوڪڙيءَ (بلڪ معشوقڙيءَ)، لسڙاٽ، گوريءَ ڇوڪريءَ جي ڪلهن سان ڪنهن وڏي پکيءَ جا کنڀ (يا کنڀن جو وڏو تصور) چنبڙايو. ڪهڙو تصور ٺهي پيو؟ ـــــ پريءَ جو!

ـ سهڻيءَ ڇوڪريءَ جي مٿين اڌ ڌڙ سان وڏي مڇيءَ جو هيٺيون اڌ ڌڙ ملايو ۽ ان کي خونخواري ۽ جهمر جي عادت ڏيو. ڪهڙو تصور ٺهي پيو ـــــ جل پريءَ جو!

ـ ماڻهوءَ جي مٿي تي ڪنهن جانور (ڍڳي) جا سڱ هڻي، ماڻهوءَ جي هر خوبي وڌائڻ سان گڏ ان سان اُڏڻ جي سگهہ ملايو. ڪهڙو تصور ٺهي پيو؟ ـــــ ديو جو!

ـ ماڻهوءَ جي سٺين عادتن ۽ خوبين کي وڌائي ايڏو وڏو ڪيو جو هو دنيا تي، دنيا جي معاملن ۽ ڪمن ڪارين تي ڇانيل هجي، ڪهڙو تصور ٺهي پيو؟ ـــــ سٺي ديوتا جو!

ـ ۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ جون بد عادتون ۽ برايون وڌايون تہ؟ ـــــ فسادي ديوتا جو!

ـ پر جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جون سموريون خوبيون، سمورا ڪم، سموريون سٺيون سوچون، سمورا سٺا عمل ڪٺي انهن کي وڌائي وڏو ڪري ڇڏجي جو ان جي هلندي سرندي دنيا تہ ڇا پر ڪائنات جي هر شيءِ، هر لقاءَ، هر عمل، هر ساهواري مٿان ڇانيل هجي تہ ڇا ٺهي پوندو؟ ـــــ......

ڪو بہ ذهني خاڪو يا تہ ڪنهن حقيقت جو سڌو سئون عڪس آهي يا ڪجهہ عڪسن جو ميلاپ.

وري بہ ڪو واقعو ياد ڪيو. مثال طور، نانگ مارڻ جو واقعو. ڏکي چاڙهيءَ واريءَ

چوٽيءَ تي چڙهڻ جو، سمنڊ يا وڏي نديءَ جي تيز ڇولين ۾ ترڻ جو.

بيان ڪندڙ جي لفظي سگهه، هِن هُن واقعي سان تشبيهه يا ڀيٽ ڏئي بيان ڪرڻ جي قوت، بيان جي ترتيب وغيره تي دارومدار هوندو ان واقعي جي بيان جو.

هڪ سنو شاعر ۽ اديب خاص طرح ڪنهن به هڪ واقعي کي سوين تشبيهن ۽ خوبين يا خرابين سان بيان ڪري سگهي ٿو، مُلن، ٻاون ۽ تقرير ڪندڙن ۾ به اها خوبي هوندي آهي، جڏهن ڪو ماڻهو ايڏو اُجارو هجي جو سمنڊ کي سرڪ ئي نہ ڪري، يا:

**حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذَرِي،**
**لڳي مات مروئن کي، ڏونگر پَون ڏرِي،**
**وڃن وڻ ٻَرِي، اوير اُيري ڪين ڪي.**

شاهہ سائينءَ جو شاعراڻو تخيل تہ ڏسو: اجا حقيقت تہ ڇا، حقيقت جي ذري بہ ظاهر نہ ڪئي اٿائين، هيءُ ذري ظاهر ڪرڻ ڪان اڳ رڳو اثر ظاهر ڪيو پيو وڃي.

ماڻهوءَ پٿر گهڙيو، شڪار ڪيو، جهوپڙي ٺاهي، جبلن تي چڙهيو، پاڻيءَ ۾ تريو، ٻر پٽ پار ڪيائين، ٻيلا لتاڙيائين، قدرتي نظارا ڏٺائين، پکين جي اڏام، مڇين جي تار، جانورن جي ڊوڙ، ٻاهيون ۽ دونهان، ٻوڏون ۽ طوفان، نانگ بلائون، سج، چنڊ، تارا وغيره، گهڻو ڪجهه.

پٿر گهڙيندي ڪاتيءَ بدران خنجر ٺهيو جهوپڙيءَ ۾ سڌي شهتير بدران مڙيل ڪامر پئجي وئي تہ اندران ڪجهه گولائين ۽ ڪٻي ٿي پئي وغيره ـــــ هڪ مان ڪجهه ٻي شڪل، شيءِ ٺهڻ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. پکي ان ڪري پئي اڏاڻو جو ان کي پر هئا، جيڪڏهن اهي پر ڪنهن ماڻهوءَ کي هجن تہ هو بہ اڏامي سگهي ٿو پر جيڪڏهن ماڻهوءَ ڊيڊر گهوڙي جو هجي تہ تيز ڊوڙي بہ سگهي ٿو. پکيءَ جا پک، ماڻهوءَ جي منڍي ۽ گهوڙي جو ڊيڊر پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو رڳو هڪ تصوراتي خاڪو ناهي سگهجي ٿو يا نہ؟

آءٌ هڪ عاليشان، عزت ماب، خوبصورت، نيڪ سيرت ۽ مهربان اڳواڻ جو پوئلڳ آهيان. هن مون کي ٻڌايو تہ هن سوين منزلن جو پنڌ رات وچ ۾ ڪري ورتو آهي. هو سچار ۽ منهنجو اڳواڻ آهي، تنهنڪري مون کي هن جي ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، مان تہ عقيدتمند آهيان، پر اهو سير سپاٽو ڪيئن ٿي سگهيو؟ (اهو سوال پنهنجيءَ جاءِ تي فطري ۽ حقيقي آهي.) هاڻي مون (۽ مون پارن ٻين) عاليشان ماڻهوءَ لاءِ عاليشان سواريءَ جو ٻلو ڪري ورتو ـــــ سهڻي عورت جي منڍي، تيز رفتار گهوڙيءَ جو بدن، ڪنوڻ جهڙي تيزيءَ سان هلندڙ ۽ اڏائيندڙ کنڀ ۽ وچ وراڪي



جيان سفر ـــــ ڇا گهڙين ۾ دنيا جو سير نہ ٿو ٿي سگهجي؟

توهان ڪڏهن پاڪستاني فلمن ۾ ”روح“ نڪرڻ جو منظر ڏٺو آهي ـــــ نوراني پوشاڪ ۾ مرندڙ جهڙو خاڪو. اهو منظر ڪهڙن تصورن جو ميلاپ آهي؟

جيڪڏهن ديوتا کي سوين ڪم ڪرڻا هجن تہ ان لاءِ ڪيس گهڻن هٿن جي ئي گهرج پوندي (ٻن هٿن سان ڪم هلي نہ ٿو سگهي ۽ عام طرح هڪ هٿ هڪ وقت هڪ ڪم ڪري سگهندو آهي) تنهنڪري گهڻن ڪمن واري ديوتا کي گهڻا هٿ ٺاهي ڏنا ويا، سگهہ لاءِ هاٿيءَ جي شبيهہ ڏني وئي، وغيره.

ڪن ديوتائن کي ٻيلن ۾ رهندي ۽ وڻن تي ٽپا ڏيندي ڏيکارڻ لاءِ منجهن پولڙن جون خاصيتون ڳنڍيون ويون، ڪيوپڊ (عشق جي ديوتا) معصوم، پاڪ ۽ سادو هئڻ گهرجي (جنهن جو بهترين اظهار ٻار ۾ ٿئي ٿو)، ديوتا کي اڏامڻو آهي تنهنڪري ڪيس کنڀ هئڻ گهرجن ۽ عشق جو تير هلائڻو آهي تنهنڪري تير ڪمان بہ هئڻ گهرجي ـــــ ڪيوپڊ ديوتا جو مجسمو اوهان ڏٺو آهي؟

جنهن قسم جا گڻ ڪنهن ديوتا ۾ هئا اهي خصوصيتون پيدا ڪرڻ لاءِ انهن ديوتائن سان واسطيدار تصور ڳنڍيا ويا.

ڪنهن بہ ديوتا جي جيڪا بہ بيان ڪيل شڪل شبيهہ آهي، اها ڪجهہ تصورن جو ميلاپ آهي ۽ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اها لياقت آهي جو ڪجهہ شيون (۽ انهن جا تصور) ٽوڙي، گهڙي، گهٽ وڌ ڪري ٻي شيءِ يا ٻين شين (۽ انهن جي تصورن) سان جوڙي سگهي. هڪ چٽ مٿان ٻي، ٻيءَ مٿان ٽين، ٽينءَ مٿان چوٿين (چار ماڙ... سَو ماڙ) ٺاهي سگهجي ٿي، پٿين کي گول، ٽڪنڊو، چوڪنڊو (چورس، مستطيل) ڪري سگهجي ٿو.

نيون ڊزائينون، نقش و نگار، منهن مهاندا، تصويرون، تخليقون، تشبيهون وغيره ڪيئن ٿيون وجود ۾ اچن؟

اڏامر ڪٽوليءَ (مصلي، تڏي) جو تصور ڪيئن وجود ۾ آيو؟ مشيني اڏامر ڪٽولي (هوائي جهاز) جو تصور ڪيئن ٺهيو؟ آواز پنهنجن ڪنن ڪان اوهان جي ڪنن تائين پهچي سگهي ٿو تہ مون ڪان ميلُ بہ يا پنج پري ويٺل تائين ڪيئن پهچي؟ بنا تار آواز سفر ڪري سگهي ٿو تہ ڇا تار وسيلي سفر ڪري سگهي ٿو ـــــ ٽيليگرام، ٽيليفون، ريڊيو ايئن ئي ٺهيا. توهان مون کي ۽ آءٌ توهان کي ڏسي سگهان ٿو پر اوٿ ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي نہ ٿو ڏسي سگهان، ڇا تصوير کي سفر ڪرائي سگهجي ٿو ـــــ تصوير ۽ آواز جي گڏيل سفر جو نالو آهي ٽيليويزن.

اڄ ڏينهن تائين نهيل ڪارن کي هڪ قطار ۾ بيهاريو. پهرين ڪار جي شڪل وڪٽوريا بگيءَ جهڙي هئي ۽ اڄوڪي ڪار جي شڪل ڇا آهي، پر جيڪڏهن هڪ ڪان پوءِ ٻئي ڪار جي شڪل ڌيان سان ڏسندا ته توهان کي ذرو ذرو ئي فرق نظر ايندو. ٿي سگهي ٿو ته سوين هزار ماڻهو 1986ع ۽ 1987ع ماڊل جي ڪار ۾ ڪو فرق نه ڪري سگهن پر پهرين ڪار ۽ 1988ع جي ڪار ۾ بنيادي طرح ساڳي شيءِ هئڻ باوجود، پولڙي ۽ ماڻهوءَ جيڏو فرق آهي. اوسر (ارتقا) به ايئن ٿي آهي. ڪٽي ڪاسي جو فرق ٿيندي ٿيندي پهرين جنس ۽ پوئين جنس ۾ ڪيترين ئي بنيادي خوبيون ساڳيون هئڻ باوجود سوين شيون، انگ، عضوا، هڏيون وغيره ڇٽي فرق واريون آهن. تصورن به هوري هوري اوسر ڪئي آهي ۽ ديوتائن جي حوالي سان ڪالهوڪي پڳوان ۽ ڏٽيءَ ۽ اڄوڪي پڳوان ۽ ڏٽيءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق نظر اچي ٿو.

ڪا به ديوي، ڪو به ديوتا بنيادي طرح ماڻهوءَ جي خيالي شبيهه آهي. ديوِيون، ديوِتا ماڻهوءَ جي منهن مهانڊي تي نهيل آهن (ڪن ديوتائن، ديوين ۾ جانورن جون به خصوصيتون آهن) ۽ انهن جي سيڻي گڻن اَوَگڻن ۾ ڏينهون ڏينهن تبديلي ـــــ ڪوٺي واڌي ـــــ ايندي رهي آهي. ماڻهو مري پئي ويو پر ساهه (هوا، روح) نه پئي مئو. ساهه دائمي هو، روح دائمي هئا، ديوتا دائمي هئا ۽ انهن وقت سر ماڻهوءَ يا جانور جي روپ ۾ موٽي اچي دنيا جو ويجهي کان جائزو پئي ورتو يا مٿان ويهي نگهباني ٿي ڪئي. يوناني ڏند ڪٿا موجب ته دنيا جي هر ڦير گهير، واڌ ويجهه، هر چرپر (ويندي گاهه ۽ پن جي به) ديوتائن جي مرضيءَ کان سواءِ نه ٿي پئي سگهي. يوناني ڏند ڪٿائن تي ڪيترين ئي فلمون پريون ويون آهن ـــــ خاص طرح سنهري گل واري ڏند ڪٿا ـــــ جنهن ۾ ديوِتا ديوِيون شطرنج جي سارِيُن (مهرن) جيان دنيا جي ماڻهن جي چرپر ڪندي ڏيکاريا ويا آهن.

جهوني، اڻڄاڻ، گهٽ ڄاڻ، غير سائنسي ۽ شين جي فطرت پوريءَ طرح نه سمجهڻ واري ماحول ۾ ئي ديوِين ديوِتائن کي ايڏو سڀ طرفو سگهارو ٺاهيو ويو جو اهي نه رڳو ڪائنات جي چرپر، ڌرتيءَ تي ٿيندڙ هر لقاءَ ـــــ فصل، ٻوڏ، باهه، زلزلي، طوفان، ساهواري جي پيدائش ۽ جوڙجڪ، هر شيءِ، هر ساهواري جي جياپي، گذرانَ ۽ سنڀال، مرڻ ۽ حساب ڪتاب وٺڻ جا سڀ ڪم پئي ڪيا، ۽ نيٺ اها سوچ نهي ته جيڪڏهن ديوتائون نه هجن ها، ته نه اسين هجون ها، نه ڪو ساهوارو، نه ڪا ڌرتي ۽ نه ڪائنات.

... سردار ايڏو ته سخت هو جو نر پکيءَ کي به حويليءَ مٿان اڏامي سگهڻ جي همت نه ٿيندي هئي...



... آقا، مالڪ، سردار، جيڪو راڄ جي سڀ شيءِ ـــــ فصل، جانور وغيره ـــــ جو مالڪ هو ان جي حڪم ۽ راضپي کان سواءِ ڪو به ماڻهو جيئي ۽ مري نه پيو سگهي...

ديوتا امر، لافاني، سدا جيئاڪ بنجي ويا ۽ ماڻهو، ساهوارو، فصل، وڻ ٻوٽا، جبل، نديون، سمنڊ، ڌرتي، ڪائنات، مادو مرندڙ ۽ فاني هو ـــــ اهو تصور ايئن هوري هوري سوين ناسمجهه ۽ گهٽ ڄاڻ ماڻهن پنهنجي جاهل ماحول ۾ ٺاهي ورتو ۽ جڏهن اهو تصور (وهم) پختو ٿيو تڏهن اهو به سمجهيو ويو ته سمورا ساهوارا، ڌرتي، ڪائنات ۽ هيءَ رنگارنگي انهن ديوتائن جي مرضيءَ موجب ٺهي راس ٿي آهي، ديوتا امر هئا، سدائين هئا ۽ ڪائنات، مادو انهن ٺاهيو، ان جي ابتدا به آهي ته انتها به، اهو مري فنا ٿيڻو آهي.

ماڻهوءَ پنهنجيءَ گهٽ ڄاڻ سبب جيئن ٻين سوين حقيقتن جو جوهر نه سمجهيو تيئن مادي جو به نه سمجهي سگهيو ۽ هن فانيءَ (تصور، وهم، ويساهه، عقيدي، خيال) کي لافاني ۽ لافاني (مادي ۽ ان جي لقائن) کي فاني سمجهيو.

اهو تصور به ان عمل تان ورتل هو ته دنيا ۾ ماڻهوءَ پنهنجي جياپي لاءِ هر شيءِ ٺاهي پئي ـــــ اها شيءِ عدم وجود (وجود نه رکندڙ) هئي، ٺهي وجود ۾ آئي ۽ پوءِ گسي، ڀڄي، پورا ٿي ختم (فاني) ٿي وئي. ماڻهو خالق هو پنهنجيءَ شيءِ جو، ديوتا خالق هو ڪائنات (مادي) جو. خالق اڳ ۾ هو، ان خلقيو، تبديل ڪيو، ڪم ورتو ۽ پوءِ وري شيءِ ختم ٿي وئي، پر خالق قائم رهيو.

جيئن شيءِ محدود هئي تيئن ڪائنات کي به محدود (ڪُٽنڊڙ ڪنارن واري) تصور ڪيو ويو ۽ سمجهيو ويو اها خلقي وئي آهي ۽ پنهنجي ڪرت (فرض) پورو ڪري ختم ٿي ويندي.

سائنس، سڄاڻ جتي ٻين سوين غلطين، غلط فهمين ۽ ناسمجهين کي ٺيڪ ڪيو اتي هن مادي بابت به بنيادي، حقيقي، سچي ڄاڻ مهيا ڪئي ۽ ثابت ڪيو ته:

مادو نه خلقي (پيدا ڪري) سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري فنا ڪري سگهجي ٿو، اهو آهي ۽ سدائين رهندو، البت اهو پنهنجا روپ مٽائي ٿو.

انين جماعت جو ٻار به اڄ اهو سبق سکي ٿو.

ايترو ضرور ڪري سگهجي ٿو ته مادي جي هڪ ڳيپي ۾ ڦيرڦار آڻي ان کي ڪا ٻي شڪل ڏني وڃي. مادو ئي نه هجي، ڪجهه به نه هجي ۽ ان مان ڪا شيءِ (مادي جي نهيل ڪا شيءِ) ٺاهي سگهجي، اهو ممڪن ڪونهي. مادي جي ڳنڍي کي

ترورن ۾ بدلائي سگهجي ٿو (ترورا. شڪتي مادي جو ئي روپ آهي) پر فنا نہ ٿو ڪري سگهجي. جڏهن تہ هر غلط سوچ گم (فنا) ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي جاءِ تي حقيقي، سچي سوچ اچي سگهي ٿي.

اچو تہ هڪ مثال وٺون:

آفريقا جي رڻ پٽ ۾ گهمندي ڪجهہ ماڻهن موٽي اچي ٻڌايو تہ ڪين "آسمان ۾" هڪ ڏاڍو ويڪرو "بهشتي باغ" نظر آيو جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل هڪ "راڪاس" جيڏو پيڙو بہ نظر پئي آيو جنهن تي جبل ڪان بہ وڏو سڙهہ چڙهيل هو. اهو لقاءُ ڪجهہ دير نظر ايندو رهيو ۽ پوءِ گم ٿي ويو.

ڪيترن ئي ماڻهن ڪيترن ئي موقعن تي اهو ڏيک ڏٺو. اهو ڇا هو؟

جيستائين ان ڳالهہ جو حقيقي سبب نہ ڳولي لڌو ويو تيستائين ان ڏيک بابت ماڻهو پنهنجي پنهنجي عقيدي، وهم، ويساهہ موجب تشريحون ڪندا ۽ ڏگهيون ڏند ڪٿائون ۽ من گهڙت ڳالهيون ٻڌائيندا رهيا. سائنس نيٺ حقيقت ڳولي لڌي.

گرم ملڪن جي هوا نرم ۽ گهميل موسم جي ڪري گهاٽي ٿي وڃي ٿي ۽ اها هڪ ڏاڍي وڏي آئيني جو ڪم ڏئي سگهي ٿي، ۽ ظاهر آهي تہ "آسمان" اهو آئينو هو جنهن ۾ اهو لقاءُ وڏو ٿي نظر پئي آيو جنهن سان ماڻهوءَ جي ديد جي ڪنڌ ٿهي پئي (جيئن اسين هڪ ڪنڌ ۾ بيهي سامهون رکيل آئيني ۾ ٻي ڪنڌ جو نظارو ڏسي سگهندا آهيون). اندر تي ڪُبيل آئينو عڪس وڏو ڪري ڏيکاريندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن باغ جو اولڙو پئي ٿهيو تہ اهو ڏاڍو وڏو "آسماني باغ" سمجهيو ويو ۽ جيڪڏهن سمنڊ ۾ بيٺل پيڙي جو اولڙو ٿهيو تہ اهو جبلن ڪان وڏو نظر آيو.

جڏهن حقيقت سمجهہ ۾ آئي تہ وهم، وسوسا ڏوپجي ويا. ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقت ۽ ڪنهن بہ لقاءَ جو حقيقي سبب سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ ڪو بہ وهم نہ رهندو.

هڪ ٻيو مثال وٺو. ٿي سگهي ٿو تہ توهان مان گهڻن جو ان سان واسطو پيو هجي:

1965ع جي پاڪ-ڀارت جنگ (6-سيپٽمبر ڪان شروع ٿي) هلندي ٻڌايو ويو تہ باک ڦٽيءَ ڪان ٿورو اڳ اوڀر طرف حضرت علي عليہ سلام جي تلوار (ذوالفقار) ظاهر ٿي پئي ۽ ان ڪري اهو هاوٽو هُلي ويو تہ پاڻ سائين جن پنهنجن ٻنهي شهيد فرزندن سميت پاڪستان پاران دفاع (جنگ) ۾ حصو وٺي رهيا هئا. مون بہ اها "تلوار" ڏٺي هئي جيڪا شايد اٺ ڏينهن ظاهر ٿيندي رهي. اها "آسماني تلوار" ڇا هئي؟

- هڪ پڇڙ تارو.

اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ جنگ هلندڙ هئي ۽ پڇڙ تاري کي "تلوار" سمجهيو ويو.



## باب يارهون

# ماڻهوءَ جا هٽ ٿهيا بي ساهہ عضوا

ماڻهوءَ وٽ رڳو پنج حواس ئي هئا جيڪي ڏِسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ وسيلي حقيقتن جو عڪس هن جي دماغ تائين پهچائي سگهيا پئي جن جي پيٽ، پرک، پروڙ پرجهہ هن کي ڄاڻ ڏني پئي. اڄوڪي ماڻهوءَ وٽ بہ اهي پنج ئي حواس موجود آهن پر هن پنهنجي ڄاڻ مان ڏاڍو فائدو ورتو آهي. هن شين جي حقيقت، جوهر کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ انهيءَ عمل ۾ ئي کيس اها ڄاڻ بہ ملي تہ هو ڪي اهڙيون شيون بہ ٺاهي سگهي ٿو جيڪي سندس حواسن جي قوت سوين ڀيرا وڌائي سگهن. مثال طور، هن دوربين ٺاهي، جنهن وسيلي اڄوڪو ماڻهو ايترو تہ پري ڏسي سگهي ٿو جنهن جو عام ماڻهو سوچي بہ نہ سگهي.

چنڊ ڌرتيءَ ڪان 9-لک 30-هزار ميل پري آهي ۽ عام نظر ۾ اهو ٿالهيءَ يا وڏي ٻال جيترو چانڊوڪي پکيڙيندڙ مٽيءَ جو ڳوڙهو آهي. چنڊ چوڏهين پنڌرهين رات پوريءَ طرح چمڪندي نظر اچي ٿو. پر پوءِ بہ ان جي وچ ۾ هلڪا اونداها ڌبا نظر ايندا آهن... ۽ بس، ٻيو ڪل خير.

بازار ۾ ملندڙ عام دوربين سان چنڊ کي چتائي ڏسندَو تہ ان جي سطح، تي توهان کي اڃا بہ وڏيڪ کوٻا، اونداها چگهہ ۽ ڏاڍا روشن ليڪا، گهيرا، چُٽا نظر ايندا.

هڪ وڏي دوربين سان توهان چنڊ کي ايترو ويجهو ڏسي سگهو ٿا جيئن توهان هٿن ۾ جهليل وڏي ٻال کي ڏسندا هجو. چنڊ جي هڪ هڪ انچ جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. مٽيءَ جا دڙا، چگهہ، کڏا ۽ کاهيون، ڌرا وٿيون، هيٺ مٿاهيون وغيره. چنڊ جي سطح جو ڪو ذرو ناهي جنهن کي اوهين ايترو ئي چٽو نہ ڏسي سگهو جيترو

پنهنجي هٿ جي ترءِ کي.

پر سائنس جي دنيا ۾ اها معمولي، ننڍڙي ۽ سادي دوربين سڏبي آهي.

وڏي دوربين سان سادا نو ڪروڙ ميل پري برندڙ سج به هٿ جي ترءِ جيان ڏسڻ معمولي ڳالهه آهي.

ڪائنات ۾ ڪروڙين سج آهن. اسان جي سج جو هڪ پنهنجو نظام آهي، جنهن ۾ ڌرتيءَ سميت ٻين اڪثر سيارن کي به پنهنجا چنڊ (اُپگره) آهن: ڪِن کي هڪ، ڪن کي ٻه يا ٽي ۽ ڪن کي ته ڪيترائي چنڊ آهن. اپگره سياري چوڌاري ڦرن ٿا، سيارا تاري (سج) چوڌاري ڦرن ٿا. سج پنهنجن سيارن جي چنڊن سميت سج-نظام سڏجي ٿو. ڪائنات ۾ ان سج جي حيثيت واريءَ ذري کان وڌيڪ نه آهي.

سج جهڙو ٻيو ويجهڙ وارو تارو (سج) اسان جي سج کان 4000000000000000 -ميل آهي (يعني چار پدم ميل).

اونهاري ۾ رات جو وچ "آسمان" تي اڇو پٽو (گس) نظر ايندو آهي. اڇو پٽو (گس) حقيقت ۾ اوري پري وارا ڏاڍا وڏا تارا آهن جن جي گڏيل چمڪ هڪ سوجهري کي جنم ڏي ٿي جنهن کي گس سڏيون ٿا. ان گس جو نالو شيري گس (گئليڪسي، ڪهڪشان) آهي. سج-نظام ان گس جو هڪ معمولي ذرو آهي.

اهڙا ڪرٻين گس اجوڪي دوربين سان ڏسي سگهون ٿا.

ترورن جي مدد سان به آسماني جسمن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن خاص جسم سان ترورا ٽڪرائي موٽي اچن ته انهن مان ان جسم جي مفاصلي، بناوت وغيره جو اندازو ڪري سگهبو.

سائنس رڳو وڏين شين کي ڏسڻ لاءِ اوزار ٺي نه ناهيا آهن پر ننڍڙن ذرن کي به ڏسڻ جا اوزار ناهي ورتا آهن. انهن کي خوردبين سڏجي ٿو.

عام نظرن سان جيڪو ننڍي ۾ ننڍڙو ذرڙو ڏسي سگهجي ٿو ان جو قد ٻٽ ڪيترو ته ننڍو آهي! پر خوردبين آڏو اهو وڏو جسم ايئن آهي جيئن ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ ڌرتي.

بازار ۾ سولائيءَ سان ملي سگهندڙ خوردبين ۾ جيڪڏهن هڪ وار کي ڏٺو وڃي ته اهو عام ماڻهوءَ جي ٻانهن جيترو ٿلهو نظر ايندو.

هڪ گرام جو وٽُ توهان ڏٺو آهي؟ (جي نه ته سوناري وٽ ڏسي سگهجي ٿو). ان هڪ گرام جا جيڪڏهن 2300000000000000000000 - ذرڙا ڪيا وڃن، ته به انهن کي جديد اليڪٽراني خوردبين وسيلي پروڙي سگهجي ٿو.

هاڻي توهان ڪاٿو ڪري سگهو ٿا ته ماڻهوءَ پنهنجي ڏسڻ جي سگهه ڪيتري



وڌائي ڇڏي آهي!

ٻُڌڻ جي سلسلي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته ماڻهو پنيوريءَ يا ڏينيهوءَ جي پرڙن جو ڦڙڪو ٻڌي سگهي ٿو پر توهان ڦڙڪندڙ پرڙن آڏو لائوڊ اسپيڪر جي مائيڪ جهليو ته اهو ڦڙڪو ڪيڏو وڏو گوڙ ٿي پوندو. ان جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو.

ماڻهوءَ مشين جي مدد سان پنهنجن ڪنن کي ايترو ته تيز ڪري ورتو آهي جو ڌرتيءَ جي هڪ ڪنڊ تي اُٿندڙ انساني آواز کي ڌرتيءَ جي ڪنهن به حصي ۾ ٻڌي سگهي ٿو. مثال طور، بي بي سي لنڊن تان پڙهجندڙ خبرون ٻڌڻ اسان لاءِ عام ڳالهه آهي.

چنڊ تي لٿل خلابازن جي پاڻ ۾ ڪيل عام ڳالهه ٻول کي به ڌرتيءَ تي سولائيءَ سان ٻڌي سگهجي ٿو.

هاڻي توهان ڪاٿو ڪري سگهو ٿا ته ماڻهوءَ پنهنجي ٻڌڻ جي سگهه ڪيتري وڌائي ڇڏي آهي!

ماڻهوءَ پنهنجي ذائقي چکڻ واري حس کي به مشين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. عام حالتن ۾ تيزاب چکڻ جو سوچي به نه ٿو سگهجي پر تيزاب چکڻ لاءِ ماڻهوءَ هڪ ننڍڙو ڇيڇ جيترو پنو (لِٽمس پيپر) ناهي ورتو آهي. جيڪو تيزاب ۽ رچيل ڳار جي ذائقن ۾ فرق کي رنگ بدلجڻ وسيلي ظاهر ڪري ٿو. عام حالتن ۾ جيڪڏهن سائنائڊ زهر جو ڪڪ جيترو ذرو زبان کي لڳي پوي ته ماڻهو زهر جو شڪار ٿي سگهي ٿو پر مشين آرام سان ان جو ذائقو ٻڌائيندي آهي.

ان مان ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو ته ماڻهوءَ پنهنجي چکڻ جي سگهه ڪيتري وڌائي ڇڏي آهي!

توهان کي خبر آهي ته پوليس حڪومت جي ناپسند جو احتجاج ڳوڙها گئس اُڇلي ڦٽائيندي آهي. اها ڳوڙها گئس ايتري تيز آهي جو ناس ۾ ڪرڙو پيدا ڪري اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي آهي، پر ماڻهوءَ اهو به ڪيو ته گئس ماسڪ ناهي نڪ تي رکي ڇڏيو ۽ پوءِ ڳوڙها گئس سميت هر زهريلي گئس کي مجال آهي جو ماڻهوءَ جي نڪ ۾ ڪرڙو پيدا ڪري سگهي. ٻي پاسي هر قسم جي ڪيڏي به زهريلي گئس هجي ماڻهو ان کي سنگهي سگهي ٿو. سيڪاربل ڪتو شڪار جي بوءِ جاڻڻ جي سلسلي ۾ ماڻهوءَ جو وڏو مددگار نڪ آهي پر اهو به زهريلين گئسن آڏو پڇي ويندو.

ڌرتيءَ کان مريخ ايڪيهه ڪروڙ ميل پري آهي. مريخ تي جڏهن وائيڪنگ-2 لٿو ته خراب ٿي پيو. ڪمپيوٽر وسيلي ڌرتيءَ تان ويهي سندس خرابي ٺيڪ

ڪئي وئي. ماڻهوءَ جي آڱرين ۾ دماغ جي پهچ جو هيءُ هڪ عام مثال آهي.

ماڻهوءَ جي بت تي ڪِوِل گهمي تہ هو ان کي محسوس ڪري سگهي ٿو پر ايڪسري ڪيڊائڻ وقت ماڻهوءَ جو بت ايڪس ريز (ايڪس ڪرڻن) کي محسوس نہ ٿو ڪري سگهي، جڏهن تہ فوٽو پليٽ ڪرڻن جي مخصوص اثر کي ظاهر ڪري ٿي ۽ هڪ ڊاڪٽر ڄاڻي سگهي ٿو تہ ڪٿي هڏي آهي، ڪٿي ڪو نوس ڳوڙهو آهي، ڪٿي دل آهي، ڪٿي ٻُڪي يا پٿري آهي وغيره.

ايڪسري فوٽو اسان جي محسوس ڪرڻ جي قوت وڌائي آهي، پر اڄ ڪلهہ عام ڳالهہ آهي.

الفا، بِيٽا، گاما، ڪاسمڪ وغيره سوين قسمن جا ڪرڻا محسوس ڪرڻ بہ عام ڳالهہ آهي. آواز جي لهرن کي مشين وسيلي محسوس ڪري ۽ ظاهر ڪري سگهجي ٿو. ويندي روشنيءَ جي ذرڙن جي لهردار چرپر کي بہ محسوس ڪرڻ عام ڳالهہ آهي. {روشنيءَ جي ذرڙي (فوٽان) جي قد بت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو ايٽم جي پيٽ ۾ بہ ايترو ننڍو آهي جيترو هاٿيءَ جي ڄنگهہ جي پيٽ ۾ عام ڪوڪو.}

ان مان ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو تہ ماڻهوءَ پنهنجي ڇهڻ جي سگهہ کي ڪيترو وڌائي ڇڏيو آهي!

ماڻهوءَ مشين جي مدد سان پنهنجي هر حواس کي ڪروڙين ڀيرا وڌيڪ سگهارو ڪري ڇڏيو آهي ان ڪري ئي هو مادي جي ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي کان وڏي شيءِ کي ڏسي، ٻڌي، سنگهي، چکي يا ڇهي سگهي ٿو ۽ ان ڪري ئي هن ڄاڻي ورتو آهي تہ سڄيءَ ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهہ آهي اهو مادي جو ٺهيل آهي يا مادي جو لقاءُ آهي. سوچون بہ مادي جو لقاءُ آهن جيڪي ماڻهوءَ جي دماغ ۾ هوري هوري ٺهن، وڌن، ويجهن ٿيون.



## باب ٻارهون

# ماڻهوءَ جو دماغ: ڳتيل، منظم ، جيئرو مادو

اسان جا سمورا حواس پنهنجا احساس، اولڙا، عڪس، فوٽو ڪٿي ٿا پهچائن؟

جيتوڻيڪ ڪنهن زماني ۾ سوچيو ويندو هو تہ سوچون دل ۾ هونديون آهن (خاص طرح عشق محبت جون سوچون تہ دل ۾ هئڻ بابت اڄ بہ عام جام آهن ـــــ اکين جي ڳرڪيءَ کان محبوب دل ۾ ويهي ويو)، يا اڄ بہ چيو ويندو آهي، تہ منهنجي دل ٿي ٻولائي تہ ڪو نہ ڪو مهمان ضرور ايندو يا دل ۾ سونسو (وسوسو) پيو پوي وغيره، پر اڄوڪو پنج درجا پڙهيل ٻار بہ ڄاڻي ٿو تہ سوچون دماغ ۾ هونديون آهن.

ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ، چکڻ ۽ سنگهڻ جا حواس جيڪي بہ عڪس قبولن ٿا، اهي دماغ تائين پهچائن ٿا. هر تصور، هر احساس، هر اولڙو، هر عڪس، هر خيال، هر سوچ (عقيدو، ايمان، وهم، وسوسو، ارادو، عزم، جوش، جذبو وغيره) ـــــ سموري، ڪل، سڀ ڄاڻ دماغ ۾ آهي. آڱر ڪٽجي وڃڻ سان سمجهہ، ڄاڻ گهٽجي نہ ويندي، اکيون نڪرن، ٻوڙو ٿيڻ وغيره وقت بہ اڳ موجود ڄاڻ ۾ کوٽ ڪا نہ ٿيندي، پر جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر آپريشن ڪري ميڄالي جو مٿيون تهہ يا ياد وارو مرڪز ڪوٽي، ڪپي ٻاهر ڪڍي تہ ماڻهوءَ وٽ سڀ عضوا هئڻ باوجود ڪا بہ ڄاڻ، ڪا بہ ياد موجود نہ رهندي.

توهان ڪڏهن تازو ڪٺل ڇيلو يا ڳابو (ڪونهَٽُ) ڏٺو آهي؟ جاچي ڏسو. ڪسڻ کان پوءِ سندس سمورن لڱن ۾ هلڪي ٿرڪٽي پئي ڏيکاربي ۽ جيڪڏهن زور سان کيس ڪا سئي چڀائي وجهندَو تہ ان عضوي تي سٽ ايندي ـــــ اهو مشروط رد عمل مرڪزي تنتي ڏوريءَ کان موٽ عمل سبب آهي. ڪسڻ کان پوءِ

دماغ سان ڳانڍاپو ڪٽجي وڃي ٿو پر حياتياتي پيچ گهڙ جو عمل ڪجهه دير جاري رهي ٿو. اهو موت عمل ان حياتياتي جيئاپي سبب آهي ـــــ نيڪ ايئن جيئن مرڪزي تنتي سرشتو نه رکندڙ ساهوارن ۾ مشروط موت عمل ٿئي ٿو.

مشروط موت عمل هر ساهواري ۾ موجود آهي، پر جاڻ، سمجهه رڳو ماڻهوءَ وٽ آهي ۽ اهو ماڻهوءَ جو دماغ ئي آهي جنهن ۾ پنهنجو مخصوص حياتياتي اولڙو ناهي پهتل عڪس قائم ٿي وڃي ٿو. عام طرح اهو عڪس هڪ مهيني تائين تازو توانو رهي ٿو ۽ پوءِ هوري هوري ٻين نون ايندڙ عڪسن هيٺان ٿيندو وڃي ٿو اهو ئي سبب آهي جو عام طرح هڪ مهيني کان پوءِ ڪنهن به واقعي جا سمورا تفصيل پوريءَ ترتيب سان ياد نه رهندا آهن پر جيڪڏهن اهي يادون لاڳيتو ورجائجنديون رهجن ته اهي عڪس نئين سر نوان ٿيندا ۽ ياد رهندا آهن. ماڻهوءَ دماغ ۾ ٿلهي ليکي ٽيهه ڪرب عڪس ياد رکي سگهڻ جي صلاحيت موجود آهي، پر اڄ ڏينهن تائين وڏي ۾ وڏو ذهين ماڻهو به پنهنجي دماغ جي ڏهين پتي به مس ڪتب آڻي سگهيو آهي.

توهان ڪڏهن ڪنهن پيدائشي پاڳل ماڻهوءَ کي ڏٺو آهي؟

ان جي کوپڙيءَ تي ڌيان ڏيو ۽ ڏسو ته سندس بت جي ڀيٽ ۾ کوپڙي ڪيتري آهي ۽ پوءِ لڳ ڀڳ ساڳي ڄمار، قد بت، نسل ۽ علائقي واري ذهين ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ کي به جاچيو. توهان هڪ حيران ڪندڙ فرق محسوس ڪري وٺندا. توهان ڏسندا ته پاڳل ماڻهوءَ جي کوپڙي ذهين ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ کان ننڍي آهي ـــــ پاڳل ماڻهوءَ جو دماغ ذهين ماڻهوءَ جي دماغ کان ننڍو هوندو آهي.

ڇو؟

ڄمڻ وقت ماڻهوءَ ٻار جي کوپڙيءَ جو هڪ مخصوص قد بت هوندو آهي (مختلف نسلن ۾ ٿورو ننڍو وڏو ٿيندو آهي). ڄائي ڄمر کان پاڳل ماڻهوءَ ٻار ۽ ان ٻار، جيڪو اڳتي هلي ذهين ٿيندو، جي دماغ ۾ عام طرح ڪا به ننڍ وڏائي نظر نه ايندي پر پاڳل ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ٻاهرين عڪسن کي سانڍڻ، ياد رکڻ، ڇاڻڻ، نتيجا ڪيڻ، پرجهڻ، پروڙڻ جي صلاحيت ڪا نه هوندي جڏهن ته صحيح ٻار جو دماغ لاڳيتو مختلف عڪسن کي سون، هزارن، لکن جي ڳڻپ ۾ سانڍيندو، ياد رکندو جاڻ پرائيندو نتيجا ڪيندو پروڙيندو ۽ پرکيندو رهندو آهي تنهنڪري ان ۾ ٻن قسمن جي واڌ ٿيندي رهندي آهي: هڪ جسماني واڌ ۽ ٻي لاڳيتي دماغي ڪرت سبب آيل واڌ.

اڄ کان پنج لک سال اڳ ٽيهن سالن جي نوجوان جي جسماني قد بت جي نسبت سان ان جي کوپڙيءَ (دماغ) جو جيڪو وزن هو ان جي ڀيٽ ۾ اڄوڪي ٽيهن



سالن جي نوجوان جو دماغ گهڻو وڏو آهي ـــــ ۽ ان جو خاص سبب اهو ئي آهي ته هن جيتري ڪجهه جاڻ ماڻي پئي ان جي ڀيٽ ۾ اڄوڪي ماڻهوءَ جي جاڻ لکين ڀيرا وڌيڪ سڌريل آهي.

جڏهن کان ماڻهوءَ اپائڻ، پيدا ڪرڻ، پورهيو ڪرڻ سکيو آهي تڏهن کان هن وٽ دنيا ۾ موجود شين بابت ٻين ساهوارن جي ڀيٽ ۾ نئين جاڻ به وڌي.

هڪ ڏنڀي سان زوراٽتو ڌڪ هڻي، جانور کي ڪيرائڻ سان گهڻا نوان تصور پيدا ٿي سگهن ٿا؟

اچو ته ڳڻيون:

(1) گهڻي زور وارو ڌڪ (هلڪي زور واري ڌڪ، ڪو به ڌڪ نه هڻڻ جي تصور کان نئون آهي).

(2) جانور جو ڇرڪڻ، ڪيهه ڪرڻ، ڪِرڻ، ڦٿڪڻ، ساڻت ٿي وڃڻ، ٿڌو ٿيڻ، ڪا به حرڪت نه ڪري سگهڻ وارا تصور.

(3) جانور کي بنا ڪنهن احتجاج يا خطري کي منهن ڏيڻ جي ڊوڙڻ جا تصور.

(4) جانور کي آرام سان کهڻ، کائڻ، ڪم آڻڻ جا تصور.

هڪ پٿر کي ٻي پٿر سان ڌڪ هڻي ڇهنبدار ڪرڻ لاءِ ڪيترا نوان تصور نهي سگهن ٿا، اچو ته ڳڻيون:

(1) ڌڪ لڳڻ سبب ڌڪيندڙ پٿر جي موٽ، رد عمل سبب ڌڪيندڙ پٿر جو هلڪو ٿي مٿي ٿيڻ، هڪ ڌڪ، ٻيو ڌڪ، ٽيون ڌڪ، چوٿون ڌڪ، وغيره.

(2) ڌڪيل پٿر جو ٽٽڻ (اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڌڪيندڙ پٿر ٽٽي پوي).

(3) نئين نهيل شڪل، ننڍا ننڍا ٽڪر ٽوٽا، انهن جون شڪليون، انهن جو ٽڙي پکڙي وڃڻ وغيره.

(4) ٻنهي پٿرن جي ٽوٽ سبب ظاهر ٿيل نوان رنگ، نيون ڪناريون، ڇهنبون وغيره.

پورهيي جو ڪو هڪ گهڙيءَ جو عمل سوين نوان تصور پيدا ڪري سگهي ٿو سوين ڀيرا ساڳيو ڪم سوين ڀيرا ساڳيا تصور ۽ سوين ڀيرا مختلف تصور ڏئي سگهي ٿو. انهن جي ڀيٽ، فرق وغيره وري اڃا نوان تصور ڏيندا.

توهان جي پنهنجي حياتيءَ ۾ هر ڏينهن ڪيترا نوان تصور ايندا رهن ٿا. توهان ڪڏهن ڪاٿو ڪيو آهي؟ مثال طور، توهين هي ڪتاب هن جملي تائين پڙهي آيا آهيو توهان جي دماغ ۾ رڳو ان جي پڙهڻ سبب ڪيترا نوان تصور نهيا؟

—— ڪاٿو ڪري سگھندَوا؟ رڳو اڄوڪي ڏينهن توهان جي دماغ ۾ ڪيترا نوان تصور، عڪس وڌيا، انهن جي ڳڻپ ڪيو!

هن وقت ڌرتيءَ جي آبادي پنج ارب آهي ۽ اڄوڪي ڏينهن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جي ذهن وٽ ڪيترا نوان تصور آيا هوندا ۽ اهي سڀ گڏ ڪجن ته ڪيترا نوان تصور ٿيندا، ڇا ڪو ڳڻي سگهندو؟

هر ڏينهن سوين هزار نون تصورن سان اسان جو واسطو پوندو رهي ٿو ۽ اهو عمل ماڻهوءَ جي معاملي ۾ گذريل ٽيهن سالن کان هلي رهيو آهي. نون نون عڪسن جو نهڻ، انهن جي ٽوٽ ڦوٽ، انهن جو ميلاپ، انهن جي ڪجهه حصن جي ٽوٽ ڦوٽ، انهن جي ڪجهه حصن جو ميلاپ، نون عڪسن جو ٻاهرين معاملن سان عمل وسيلي واهپو.

توهان ﺑﻪ هڪ جيترا پٿر ڪٽو. هڪ مترڪي سان هڪ جيترو زور لڳائي هڪ پٿر کي ڏڪ هڻو ۽ ٻي پٿر کي ﺑﻪ ڏڪ هڻو. ٻنهي جي سلسلي ۾ ڇا هڪ جهڙو نتيجو ظاهر ٿيندو؟ —— ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه هڪ جهڙو هجي (مثال طور، ٻئي پٿر ٽٽي پيا) پر گهڻو ڪجهه مختلف ﺑﻪ هوندو. هڪ پٿر ڀڄي پيو، ٻيو ﺑﻪ ڀڄي پيو، پر ڇا ٽيون ڀڄندو؟ وري نئون تصور. اهو سلسلو پيو هلي، ڄاڻ لاڳيتو پئي وڌي، نت نوان عڪس نهندا رهن ٿا، دماغي ڪم وڌيڪ ٿيندو رهي ٿو ۽ اهو وڌندڙ ڪم، دماغ جي لاڳيتي ورزش، نسل در نسل ورزش دماغ کي لاڳيتو وڌائيندي رهي ٿي.

پاڳل ۽ ذهين ماڻهوءَ جي دماغن جي قد بت ۾ ان ڪري فرق ٿئي ٿو. پاڳل وٽ پهتل تصور انتهائي محدود ۽ گهڻي قدر مشروط آهن (جيئن هڪ جانور لاءِ)، ۽ ذهين ماڻهوءَ وٽ پهتل تصور ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهن، مشروط توڙي غير مشروط آهن. سندس ياد، تجربو، تعليم، پرک، ڄاڻ لاڳيتو وڌندڙ آهي، دماغ جي جيو گهرڙن ۾ گهڻي کان گهڻا عڪس نهندا رهن ٿا، نت نئين اليڪٽراني تبديلي ايندي رهي ٿي، نت نوان جيو گهرڙا نهندا رهن ٿا، جنهنڪري دماغ وڌو ٿئي ٿو.

جسماني ورزش جسماني عضون کي سگهارو بنائي، وڌائي ٿي ۽ ذهني ورزش ذهني عضوي، دماغ کي لياقتن پريو بنائي ۽ وڌائي ٿي.

اسان اڳ ۾ اهي مثال بيان ڪري آيا آهيون ته جيڪڏهن ڄائي ڄم کان ڏسڻ جو عضوو نه هجي (يا خراب هجي) ته ڏسڻ سان لاڳاپيل ڄاڻ جا تصور نهي نه ٿا سگهن وغيره، پر دماغ بابت ان کي ڪيئن بيان ڪري سگهجي ٿو؟

جڏهن ٻالڪ ڄمي ٿو تڏهن وٽس ٻين عضون جيان هڪ عضوو —— دماغ



—— ﺑﻪ موجود آهي. جيئن ڏسڻ يا ٻڌڻ جي عضوي جو ڪم حواسن وسيلي پهچندڙ عڪسن کي سانڍڻ، سنڀالڻ ۽ ياد رکڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ﺑﻪ عضوي کان ڪو ﺑﻪ عڪس دماغ تائين نه پهچندو، ته دماغ وٽ ڪو ﺑﻪ تصور، ڪو ﺑﻪ خيال نه هوندو. نئين ڄاول ٻالڪ وٽ دماغ آهي، جيئرو آهي، حياتياتي ڪم ڪري ٿو پر وٽس ڪو ﺑﻪ تصور، خيال، سوچ، ڄاڻ، سمجهه ڪانهي. جيڪڏهن سمورا حواس بيڪار هجن ته دماغ وٽ پنهنجي ليکي ڪو هڪ ﺑﻪ تصور نهي سگهي، اهو ممڪن ڪونهي. دماغ خيالَ، تصور، عڪس، اولڙا پنهنجو پاڻ پيدا نه ٿو ڪري پر حواسن وسيلي حقيقتن کان وٺي ٿو، سانڍي ٿو، سنڀالي ٿو، ياد ٿو ڪري.

ڪنهن ٻالڪ کي رڳو پنهنجو نالو ياد ڪرڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳي ويندو آهي؟

.....

– هر حواس (ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، ڇهڻ يا سنگهڻ جو حواس) يا هر عضوو ڇا جو نهيل آهي؟

+ جيو گهرڙن جو.

– تنتي سرشتو ڇا جو نهيل آهي؟

+ تنتي جيو گهرڙن جو.

– هر جيو گهرڙو ڇا جو نهيل آهي؟

+ مادي جو. (بنيادي عنصر آهن ڪاربان، آڪسيجن، نائٽروجن، هائڊروجن وغيره.)

– هر جيو گهرڙو جيئرو ڇو آهي؟

+ مادي جي نهيل خاص ترتيب سبب نهيل ڀڃ-گهڙ واري عمل جي ڪري جيئرو آهي.

– دماغ ڇا جو نهيل آهي؟

+ تنتي جيو گهرڙن جو يعني حياتياتي ڀڃ-گهڙ ڪندڙ خاص مرڪبن جو يعني خاص ترتيب سان نهيل عنصرن جو. جيڪي مادو آهن —— دماغ مادي جو نهيل آهي.

– دماغ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو؟

+ دماغ هڪ اهڙو عضوو آهي جيڪو حواسن وسيلي پهتل عڪسن کي پاڻ وٽ سنڀالي، سانڍي رکي ٿو.

– جيڪڏهن دماغ نه هجي ته ڇا ڪا ﺑﻪ سوچ، سمجهه، ڄاڻ نهي سگهي ٿي؟

+ نه، قطعي نه، ڪنهن ﺑﻪ حالت ۾ نه.

- سوچ، سمجهہ، ڄاڻ ڪنهن جي محتاج آهي؟

+ دماغ جي.

- ڇا دماغ سوچ، سمجهہ، ڄاڻ جو محتاج آهي؟

+ دماغ سوچ، سمجهہ، ڄاڻ جو محتاج ناهي، جو تہ سوچ، سمجهہ، ڄاڻ نہ هئڻ باوجود بہ اهو دماغ ٿي آهي.

هاٿي، اُٺ، ڪتي، ٻلي، گڏهہ، گهوڙي، ڪانءُ، ڪبر، جهرڪيءُ، ڪرڙيءُ وغيره وٽ بہ دماغ تہ آهي، پر ڪا بہ سوچ، سمجهہ، ڄاڻ ڪانهي. سوچ، سمجهہ، ڄاڻ کان سواءِ دماغ ٿي سگهي ٿو پر دماغ کان سواءِ سوچ، سمجهہ، ڄاڻ نہ ٿي ٿي سگهي: سوچ دماغ جي محتاج آهي.

- ڇا سوچ دماغ کي پيدا ڪري سگهي ٿي؟

+ نہ. سوچ دماغ کي پيدا ڪري نہ ٿي سگهي. سڄيءَ دنيا جا ماڻهو پنهنجي سڪٽي سوچ وسيلي هڪڙي تبديلي بہ نہ ٿا پيدا ڪري سگهن، تہ ساهواري کي ڪيئن ٺاهي سگهندا يا ساهواري جي دماغ کي ڪيئن ٺاهي سگهندا؟ غير مادي شيءِ (سوچ، سمجهہ يا ڄاڻ) ڪنهن بہ مادي شيءِ کي، مادي کي ٺاهي نہ ٿي سگهي.

- سوچ، سمجهہ، ڄاڻ غير مادي ڇو آهي؟

+ ان ڪري جو ان ۾ مادي جي ڪا بہ خاصيت ناهي.

- مادي جون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟

+ مادو سوچ جو محتاج ناهي، سوچ کان سواءِ بہ مادو وجود رکي سگهي ٿو ان جو ڪو نہ ڪو قد بت، وزن، ماپ، رنگ روپ، ڏِکَ، ڇهاءُ، عڪس، اولڙو آهي. (سوچ، سمجهہ، ڄاڻ ان ڪري غير مادي آهي جو ان جو ڪو بہ قد بت، وزن، ماپ، رنگ روپ، ڏِکَ، ڇهاءُ، عڪس، اولڙو ڪونهي.) سوچ مادي جي محتاج آهي (سوچ مادي کان سواءِ ٺهي سگهي ئي ڪا نہ ٿي).

- ڪن حالتن ۾ سوچَ سوچ جي ئي محتاج ڪيئن آهي؟

+ مثال طور وهم، ويساهہ ۽ عقيدا، جن جو واسطو سوچ سان آهي انهن کي صحيح سوچ وسيلي ٺيڪ (درست) يا تبديل ڪري سگهجي ٿو. عيسائي عقيدي واري سوچ تبديل ٿي مسلمان عقيدي واري ٿي سگهي ٿي يا هڪڙن ديوَن، ڀوتن، راڪاسن، ديوتائن وغيره بابت ڄاڻ تبديل ٿي، ٻي ٿي سگهي ٿي يا مورڳو غير موجود ٿي سگهي ٿي. صحيح ڄاڻ اچڻ کان پوءِ غلط ڄاڻ ختم ٿي ويندي. سائنسي، حقيقي ڄاڻ اچڻ کان پوءِ غير سائنسي، غير حقيقي ڄاڻ پاڻ ئي ميٽجي ويندي. ڌرتيءَ کي



اڄ ڏينهن تائين هزارين ماڻهو تراڪڙو، پاپڙ يا مانيءَ جيان سمجهن ٿا، جڏهن تہ اها لڳ ڀڳ بال جيان گول آهي. ماڻهو جڏهن اها حقيقت ڄاڻي وٺندا تڏهن اڳوڻي جاهل سوچ ختم ٿي ويندي. يا وري جيئن ڪيترائي ماڻهو سمجهن ٿا تہ اڀ ڪا نوس يا دونهاٽيل (جهڙالي) شيءِ آهي جڏهن تہ سائنس وٽ چوڪير ڏيکارجندڙ "آسماني رنگ"، نيرهہ (نيراڻ) يا ڪارهہ (ڪاراڻ)، رڳو ديد جي ڪوٽ آهي (پر جيڪڏهن انهيءَ "آسمان" ۾ ڪا اهڙي شيءِ اچي وڃي جنهن جي روشني يا روشن اولڙو اسان تائين پهچي سگهي تہ اها شيءِ ضرور ڏيکاربي، جيئن سج، چنڊ يا تارا ڏيکارجن ٿا).

غلط سوچ سان واسطيدار هڪ ٻيو وهم يا ويساهہ مثال طور وٺون:

ڪيترائي ماڻهو اڄ ڏينهن تائين اهو ويساهہ رکن ٿا تہ هنن وٽ جن ديوين ديوتائن يا ڪنهن خاص ديوتا جو تصور موجود آهي، اهو سندن ابن ڏاڏن کان اڳ، الڳ، مٿاهون، انتهائي اتاهون ۽ سگهارو آهي، جنهن هن سڄي مادي جي ماڊاڻ (فطرت، جڳ، جهان، ڪائنات) کي خلقيو آهي ۽ ان ۾ موجود هر لقاءُ، هر سٽاءُ، هر عمل، هر اثر سڀ ڪجهہ انهن ديوتائن جي سِڌِن ۽ حڪمن جو نتيجو آهي وغيره.

- ڇا اهو ممڪن آهي تہ سوچون دماغ کان ڌار وجود رکي سگهن؟

+ ڪنهن بہ حالت ۾ ممڪن ڪونهي، تہ سوچون دماغ کان ڌار وجود رکي سگهن. سوچون تہ رڳو ماڻهوءَ دماغ ۾ ٻاهرين حقيقتن جا عڪس آهن (ڪئميرا بہ عڪس وٺي ٿي...)، تنتي جيو گهرڙي اندر اليڪٽراني ڦيرقار آهن. اهي دماغ کان الڳ وجود رکي ئي نہ ٿيون سگهن. جڏهن ماڻهوءَ ۾ حياتياتي ڀڃ ـ گهڙ جو عمل بيهجي وڃي ٿو تڏهن ماڻهوءَ سان گڏ ماڻهوءَ جو دماغ بہ مري وڃي ٿو ۽ دماغ جي خاتمي سان گڏ دماغي عڪس بہ ختم ٿي وڃن ٿا. سوچون تہ ايتريون محتاج آهن ماڻهوءَ دماغ جون، جو ـــــ ماڻهوءَ دماغ جڏو آهي تہ صحيح عڪس (سوچون) نہ ٿا ٺهن، ماڻهوءَ دماغ رڳو ٽڪل آهي تہ بہ سندس سوچڻ جو عمل ٺيڪ نہ ٿو رهي، ماڻهوءَ دماغ بيشڪ موجود، ٺيڪ ٺاڪ ۽ جيئرو هجي پر حواس ختم هجن، تہ بہ ڪا سوچ ٺهي نہ ٿي سگهي، ماڻهوءَ دماغ بيشڪ موجود هجي پر مئل (حياتياتي ڀڃ ـ گهڙ جو عمل بيٺل) هجي، تہ بہ هن ۾ ڪا بہ سوچ ٺهي نہ ٿي سگهي، تہ پوءِ جڏهن ماڻهوءَ دماغ هوندو ئي نہ، تہ سوچون وري ڇا جون!

۽ اهو ويساهہ تہ ويتر بيوقوفيءَ وارو آهي تہ اهي سوچون نہ رڳو وجود رکن پر ماڻهوءَ دماغ کان بہ اڳ وجود رکن، هر ساهواري کان بہ اڳ وجود رکن، ڌرتيءَ جڙڻ

کان بہ اڳ وجود رکن ۽ نہ رڳو وجود رکن پر ڪائنات ـــ اڻکٽ، بي انتها، لامحدود ڪائنات ٺاهن، ان جو سمورو سٽاءُ ٺاهن، ڌرتي ٺاهن، ساهوارا ٺاهن، ماڻهو ٺاهن، ماڻهوءَ دماغ ٺاهن ۽ پوءِ وري پاڻ ماڻهوءَ دماغ ۾ ويهي رهن ـــ چرخو ئي ابتو! هيءَ تہ اڻ ڇيهہ جهالت ڇٽبي!

– اهو ويساهہ ڇو نهيو تہ ڪائنات کي سوچن (غلط سوچن جي بنياد تي ٺاهيل لافاني ديوتائي تصورن) ٺاهيو آهي؟

+ جهوني ماڻهوءَ ڏٺو پئي (۽ اڄ بہ اسين سڀ هر ڏينهن ڏسون ٿا) تہ اسان وٽ جيڪا بہ شيءِ موجود آهي ان جي ڪڏهن نہ ڪڏهن ابتدا ٿئي ٿي، اها اڳ ۾ ڪا نہ هئي ۽ پوءِ ٺاهي وئي، اها عدم (اڻهوند، ڪجهہ بہ نہ) مان نهي ۽ ڪجهہ عرصو ڪم ڪندي رهي ۽ پوءِ نيٺ ڀڄي، ڀري، ختم ٿي وئي. ماڻهو جانور، جيت جڻيا، وڻ ٻوٽا، ڀاڄيون ميوا، ان اناج، جهوپڙيون جهڳيون، هٿيار پنهوار، ٿانوَ ٿپا، ڪارا ٽوڪرا، مينهن طوفان، ڪنوڻيون گاج ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ پهريائين نہ هو پوءِ وجود ۾ آيو ۽ وري نيٺ ختم ٿي ويو.

ساهواري کي ان جي ماءُ ڄڻيو پيدا ڪيو پئي، هر مند ۾ فصل کي هاريءَ پيدا ڪيو پئي، سڀ شيون پورهيتن ٺاهيون پئي ـــ سڀ شيءِ جي اڻهوند، هوند (وجود) ۽ وري اڻهوند (غير موجودي) هئي. اهڙيون سڀ شيون مادي جون نهيل هيون تنهنڪري اهو اصول مادي سان ـــ ڌرتيءَ سان، ڪائنات سان ـــ بہ لاڳو ڪيو ويو ۽ سمجهيو ويو تہ اهو سڀ ڪجهہ اڳ اڻ موجود هو، پوءِ موجود ٿيو ۽ وري اڻ موجود ٿي ويندو.

ڌرتيءَ کي، ڌرتيءَ تي موجود نظارن ۽ لقائن کي ـــ جبلن، باغن، ندين، جهرڻن، برف، هوا، پاڻيءَ، ٻنين، فصلن جي ٻجن، وڻن، ٻوٽن، جيتن، جانورن، ماڻهن کي ـــ ماڻهوءَ تہ ڪو نہ ٺاهيو هو، پوءِ ڪنهن ٺاهيو؟

ماڻهوءَ کي ماءُ ٺاهيو هو، ماتا ديويءَ ٺاهيو هو. فصلن کي بہ ديويءَ (فصلن ـــ ڀيڄاري، رونبي، لاب وغيره جي ديوين ديوتائن) ٺاهيو هو. ڪيترين ئي گسيون، ناليون، واهيون، واهہ بہ ديوين ديوتائن ٺاهيا هئا. گهرن، غارن، جبلن ـــ رهڻ-جاين ـــ کي بہ ديوين ديوتائن ٺاهيو هو: دنيا جي ڪهڙي شيءِ هئي جنهن کي ديوين ديوتائن نہ ٺاهيو هجي! پوءِ پڪ سان ڌرتيءَ ۽ ڪائنات کي بہ ديوين ديوتائن ٺاهيو هو... ۽ تاريخي اوسر ۾ اڳتي هلي جڏهن طبقاتي سماج ظاهر ٿيو، جڏهن خاص ديوتا جو تصور نهيو، جڏهن ٻيا سمورا ديوتا خاص ديوتا جا غلام، ٻانها ٿي ويا ۽ انهن



کي بہ خاص ديوتا ٺاهيو تہ لازم هو ايئن چيو وڃي تہ سڄيءَ ڌرتيءَ، سڄيءَ ڪائنات کي خاص ديوتا ٺاهيو.

ماڻهن لاءِ ڌرتي اها ئي "سنئين، سڌي، وڇايل ڌرتي" هئي (گول ڌرتي نہ) ۽ ان ڌرتيءَ مٿان ڇٽ جيان پکڙيل، ڇانيل اڀ ـــ ماڻهن وٽ ڪائنات جو تصور محدود هو.

ٻئي دنيائون خاص ديوتا ٺاهيون، ٻنهي دنيائن جو نظام خاص ديوتا جي نگهباني ۽ حڪم هيٺ ننڍن ديوتائن پئي سنڀاليو. ٻئي دنيائون محدود هيون، ٻئي دنيائون خاص ديوتا جي حڪم هيٺ هيون. جيئن سڀ شيءِ نهي پئي سگهي، تيئن ڊهي بہ سگهي پئي، ٻنهي دنيائن جي تباهي خاص ديوتا جي وس هيٺ هئي ۽ خاص ديوتا ٻنهي دنيائن کي تباهہ ڪرڻ، ويڙهي ڇڏڻ لاءِ غلام ديوتا مقرر ڪري رکيا هئا جيڪي دنيائن کي ويڙهڻ لاءِ حڪم جا منتظر آهن.

(1) ڇا واقعي هر ڪا شيءِ اڻ موجود (اڻهوند، ڪجهہ بہ نہ) مان وجود ۾ پئي آئي؟

(2) ڇا واقعي هر ڪا شيءِ وجود مان اڻ موجود (فنا) ٿي پئي وئي؟

– ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا "ڪجهہ بہ نہ" مان وجود ۾ آئي هجي؟

+ اهڙي ڪا بہ شيءِ ڪانهي جيڪا "ڪجهہ بہ نہ" مان "ڪجهہ" ٿي (وجود ۾ آئي) هجي. ها، البت اهو ٿي سگهيو پئي تہ اڳ هڪ روپ ۾ هجي ۽ هاڻي ٻيو روپ ورتو هجائين. ڌرتي پهريائين ڪا نہ هئي، سج جو حصو باهہ جو گولو هئي، سج کان باهہ جو گولو ٽُٽي سج جي ڪشش سبب (جتي شيءِ جي پرتي وڃڻ ۽ سج ڏانهن ڇڪجڻ جي قوت برابر پئي ٿي) هڪ مخصوص دائري ۾ ڦرڻ لڳي، هوري هوري ٺرندي رهي، ٺري پاڻياٺ، مٽي ۽ پٿر ٿي (ڌرتيءَ جي رڳو مٿين سطح ٺريل آهي، ڌرتيءَ جو وچ اڃا تائين اڀرندڙ پاڻياٺ، باهہ آهي)، مخصوص ماحولن ۾ مخصوص قسم جا ڪيميائي عمل ٿيندي ڪيترائي خاص مرڪب نهيا، انهن مان حياتيءَ لاءِ لازمي مرڪب نهيا، مرڪبن ۾ ڀيچ-گهٽ جو عمل شروع ٿيو ڀيچ-گهٽ جي عمل ٻاهرين شين سان هڪ، گڙائي (مطابقت)، جٺاءَ، بقاءَ، بچاءَ جي عمل سبب اوسر ڪاڍي، هڪ گهرڙا جيو نهيا، گهڻ گهرڙا جيو نهيا ـــ انهن کي اسين ساهوارو سڏيون ٿا.

ڌرتي گول آهي. هن وقت جڏهن اسان وٽ (سنڌ ۾) ڏينهن آهي تڏهن آمريڪا جا ٻئي کنڊ، ڏکڻ ۽ اتر، رات جي ڀاڇي هيٺ آهن ۽ جڏهن اسان وٽ رات هوندي آهي تڏهن اتي ڏينهن هوندو آهي. اسين بہ اڀ ڏسون ٿا تہ هو بہ اڀ ڏسن ٿا ـــ ڌرتيءَ جي چوڦير هر گهڙيءَ "اڀ" موجود آهي.

توهان ڇت مان هڪ وڏو گولو ڪنهن ڌاڳي سان ڇت ۽ فرش جي وچ تي خلا ۾ لٽڪائي ٻڌو ۽ پوءِ تصور ڪريو ته اهو ڌاڳي سان ٻڌل ناهي ۽ ان جي چوڌاري پکڙيل خلا ۾ ننڍا وڏا، ويجها پري اهڙا سوين جسم (گولا) تصور ڪريو. سمجهو ته ڪمري جون ڀتيون، ڇت ۽ فرش ڪونهن ۽ جيستائين نگاهه پوي ٿي تيستائين رڳو ننڍا وڏا گولا ئي پکڙيل آهن —— ذرتي-گولو سڄيءَ ڪائنات ۾ ايئن ئي آهي. ڄاتل ڪائنات ۾ ذرتيءَ گولي جي حيثيت واريءَ ذري کان به ننڍي آهي ۽ ڪائنات کي ڪو به ڪنارو ڪونهي، ان جي ڪٿي به انتها ڪانهي، اها ڪٿي به ڪٽل ڪانهي، اڻڪٽ آهي، لامحدود آهي.

– ڇا ڪو ماڻهو لامحدود، اڻڪٽ جو تصور ڪري سگهي ٿو؟

+ نه، بس هو رڳو ايترو سوچي سگهي ٿو ته ڪا ڪوٺ ئي نه هجي، ڪو بند، ڪا انتها، ڪو ڪنارو ئي نه هجي. ڪوٺ، انتها، ڪناري وغيره جي تصور جو ابتو تصور اڻڪٽ (لامحدود) آهي. سنئون سڌو اڻڪٽ (لامحدود) جو تصور نه ٿو ڪري سگهجي.

جڏهن ڪائنات ڪٽل ناهي، اڻڪٽ آهي، ڪٿي ڪو "اپ" ئي ڪونهي، ڪو خاتمو ئي ڪونهي ته اهڙي اڻڪٽ (لامحدود) جنهن جو ڪو تصور (خاڪو) ٺاهي ئي نه ٿو سگهجي ان جي تخليق جو تصور ته مورڳو ٻاراڻو ٿيو پوي. ماڻهو جنهن ڪائنات جي تخليق جو تصور ڪري سگهيو اها ڪٽل، محدود، سوڙهي ۽ ننڍي هئي ۽ ان جي تخليقڪار (خالق)، ٺاهيندڙ پيدا ڪندڙ کي ان کان به وڏو ڪري ان جي مٿان ويهاري ڇڏيائين.

توهان ڌيان ڏئي ڏسو ته جنهن خاص ديوتا کي ڪائنات جو خالق بنايو ويو آهي ان جو تصور ڪيترو نه محدود آهي: اهو ڪرسيءَ تي ويهي سگهي ٿو، اهو منهن وات هٿ رکي ٿو ٻين ديوتائن کي حڪم ڏئي سگهي ٿو (ظاهر آهي ته پاڻ کان ڪجهه پرڀري شيءِ سان ڳالهائي سگهي ٿو)، اهو خاص ديوتا ڪائنات کان پرڀرو آهي (معنيٰ جيڏي ڪائنات تصور ڪئي وڃي ٿي ايڏي حد ۾ موجود ناهي)، ڇا جو ٺهيل آهي (ڪي روشني جو چون ٿا)، ان جي خبر ناهي —— رڳو تصور ئي تصور آهي، رڳو خيال ئي خيال آهي، عڪس آهي وڏي، سگهاري، هلنديءَ واري ماڻهوءَ جو —— هر ديوتا ماڻهوءَ (يا ڪن ٻين شين) جو رڳو عڪس آهي —— خيالي "وجود" آهي جيڪو سوچ جي تبديليءَ سان بدلجي سگهي ٿو.

اڻڪٽ، لامحدود ڪائنات کي ڪنهن به پيدا ڪندڙ (جيڪو محض تصور



هجي) جي ڪا به گهرج ڪانهي. سائنسي اصول آهي ته مادي کي ڪو به خلقي نه ٿو سگهي، "ڪجهه به نه" مان "ڪجهه" نهي نه ٿو سگهي، هڪ روپ کان ڦري ٻيو روپ ٿي سگهي ٿو ۽ ان مان وري ٽيون روپ جنم وٺي سگهي ٿو ۽ ايئن سلسلو هلندو رهي ٿو.

– دماغ مادي جو ٺهيل آهي، سوچون غير مادي آهن.

– دماغ اڳ آهي، سوچون پوءِ آهن.

– سوچن کان سواءِ دماغ ٿي سگهي ٿو، دماغ کان سواءِ سوچ نه ٿي ٿي سگهي.

– سوچَ دماغ جي محتاج آهي، دماغُ سوچَ جو محتاج ناهي.

– سوچَ دماغ جي ڪري آهي، دماغُ سوچ جي ڪري ڪونهي.

– دماغ سوچون سانڍي ٿو، سوچون دماغ کي ڪو نه ٿيون سانڍين.

– سوچون مادي کي تخليق، تبديل ڪري نه ٿيون سگهن، دماغ سوچن کي تخليق، تبديل ڪري سگهي ٿو.

– سوچون رڳو تصور، احساس، عڪس، اولڙو آهن ڪنهن نه ڪنهن مادي جو، جنهن کي حواسن وسيلي محسوس ڪري سگهجي ٿو، سوچن جو اولڙو، عڪس نه ٿو ٿي سگهي.

– دماغ جيئرو عضوو آهي، جيئري جسم جو حصو آهي، جيئرو جسم مادو آهي، سڄي ڪائنات مادي جي ٺهيل آهي.

– مادو اڳ آهي، جيئرو مادو پوءِ آهي، جيئري مادي جو دماغ اڃا به پوءِ آهي، ماڻهوءَ جو اسريل دماغ اڃا به پوءِ آهي، ماڻهوءَ جو سماج ان کان به پوءِ آهي، ماڻهوءَ سماج ۾ ٻولي، ماڻهوءَ سماج کان به پوءِ آهي، ٻوليءَ کان پوءِ ئي سوچون آهن.

– سوچون مادي، جيئري مادي، جيئري مادي جي ٺهيل دماغ، ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ٻاهرين، مادي جي حقيقتن تان آيل آهن.

لکين سالن جي ارتقائي عمل جيئري مادي کي جنم ڏنو، وري لکين سالن جي ارتقائي عمل تنتي سرشتي کي جنم ڏنو ۽ اڃا به وري لکين سالن جي ارتقائي عمل مرڪزي تنتي سرشتي کي جنم ڏنو. مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ ساهوارن ۾ ماڻهو انهن کان به لکين سالن جي ارتقا کان پوءِ ٿيو، جنهن کي لکين سالن تائين سماجي عمل ماڻهوءَ دماغ بنايو.

ماڻهوءَ دماغ انتهائي ڳتيل، گهڻ جيو گهرڙو، نسبتاً وڏو ۽ اسريل جيئرو عضوو آهي جيڪو مادي جو ٺهيل آهي. ان ۾ سوين قسمن جا انتهائي پيچيده، گوناگون، گهڻ پاساوان عمل ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن مان هڪ عمل حواسن وسيلي پهتل عڪسن

ڪي سانڍڻ، چنڊڻ چاٽڻ، پرکڻ پرجهڻ ۽ پروڙڻ ڄاڻ پرائڻ آهي ۽ پوءِ ان ڄاڻ جي بنياد تي وري شين کي پرکڻ، پرجهڻ، ڄاڻڻ جو عمل هلندو رهي ٿو. ڇا دماغ نہ هجي تہ ڪا بہ سوچ ٿي سگهي پئي؟

نہ، دماغ کان سواءِ ڪا بہ سوچ نہ ٿي سگهي ٿي. اسان وٽ جيڪا بہ ڄاڻ آهي، جيڪي بہ احساس، خيال، خواهشون، سوچون، جذبا، ارادا، عزم، ايمان، عقيدا، وهم، ويساهہ آهن، اهي ان ڪري آهن جو اسان وٽ احساس جا حواس آهن، احساسن کي سانڍڻ وارو، سوچڻ وارو عضوو ـــــ دماغ ـــــ آهي.

جڏهن اڃا ڪا بہ سوچ، سمجهہ وجود ۾ نہ آئي هئي دماغ ان کان بہ اڳ وجود رکيو پئي. سمجهہ کان اڳ دماغ، ماڻهوءَ، جانور، جيت جڻيي، وڻ ٻوٽي ۽ گاهہ پني، ڌرتيءَ، ڪائنات، مادي وجود رکيو پئي. مادو ڪڏهن بہ سمجهہ، سوچ جو محتاج نہ رهيو آهي. مادو خالق آهي ۽ سوچ ان جي مخلوق.

ڪن ماڻهن اهو بہ چيو پئي تہ دماغ هڪ غدود جيان ڪم ڪري ٿو ۽ خيال ڪنهن رطوبت، پاڻياٺ جيان ان ۾ نهندا، وهندا رهن ٿا. رطوبت، پاڻياٺ مادو آهي ۽ خيال ڪڏهن بہ مادو نہ ٿا ٿي سگهن. خيال تہ رڳو عڪسَ آهن، اولڙا آهن، احساس آهن ٻاهرين حقيقتن جو، جيڪي تنتي نظام وسيلي دماغ تائين پهچن ٿا. دماغ پنهنجي ليکي ڪو هڪ بہ خيال ٺاهي نہ ٿو سگهي.

جيئن جسم ۾ ٻين عضون جا پنهنجا پنهنجا مخصوص ڪم آهن، مثال طور، دل جو ڪم آهي بدن جي رت ڌڪڻ ۽ ڇڪڻ، ڦڦڙن جو ڪم آهي هوا ڇڪڻ ۽ ڌڪڻ، گوشت جو ڪم آهي لڱَ ويهڻَ، گهمڻ، لائق بنائڻ، ساڳيءَ طرح دماغ بہ هڪ عضوو آهي جنهن جو ڪم آهي عڪس وٺڻ ۽ ظاهر ڪرڻ. اهي عڪس خود دماغ جي مختلف حصن مان بہ اچن ٿا، جسم مان بہ اچن ٿا ۽ جسم کان ٻاهران سڄيءَ دنيا، ڪائنات مان بہ اچن ٿا، دماغ انهن کي ظاهر ٿو ڪري پنهنجي ردعمل وسيلي، عضون جي چرپر وسيلي، ٻوليءَ وسيلي، عمل وسيلي. اهو رڳو دماغ ئي آهي جنهن مان سوچ ظاهر ٿي سگهي. دماغ کان سواءِ سوچ جو وجود ممڪن ڪونهي. ”خيال کي ڪو بہ سوچيندڙ مادي (دماغ) کان ڌار ڪري نہ ٿو سگهي.“ سوچ، سمجهہ، خيال، تصور پلي ڪٽي ڪيڏا بہ نوان، نرالا ۽ ظاهري طرح اسان جي احساس کان مٿاهان نظر ايندا هجن پر اهي مادي جي جسماني عضوي دماغ ۾ ئي آهن.



باب تيرهون

# جيڪڏهن سماج نہ ٿهي ها، تہ ڇا سوچ (سمجهہ) ٿهي سگهي پئي؟

ڇا مادي جي ڏاڍي منظر صورت يعني ماڻهوءَ دماغ ۾ سمجهہ رڳو ان ڪري وڌي ٿي جو اهو جيئرو آهي يا ان جي پيدا ٿيڻ جا ڪي ٻيا سبب بہ آهن؟

توهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ ٻاهرين حقيقتن جا احساس ماڻهوءَ جي دماغ تائين حواسن وسيلي پهچن ٿا ۽ اهي ئي حقيقتن جا احساس هر ٻي ساهواري توڙي اَساهواري تائين بہ پهچن ٿا. چنڊ تائين سج جي روشني پهچي ٿي ۽ ان جي اولڙي کي سڏيون ٿا چانڊوڪي، ننڍڙو گرهہ (سيارچو) جڏهن پنهنجي مدار مان ٽٽي ٿو تڏهن تيز رفتاريءَ سان ان وڏي جسم (گرهہ يا سياري) ڏانهن وڌي ٿو جنهن جي ڇڪ مٿس اثر ڪندي هجي. زمين جي فضائي پٽي ۾ هوا سان تيز گاٺ سبب گهڻي گرمي ۽ روشني پيدا ٿئي ٿي، جنهن کي اُماڙي سڏيون ٿا، ۽ جڏهن اهو ننڍڙو گرهہ نوس حالت ۾ زمين سان ٽڪرائي ٿو تڏهن ان جو مخصوص نشان، عڪس ٺهي پوي ٿو. وڻ کي لڳل ڪهاڙيءَ جي ڌڪ جو اولڙو ٿئي ٿو وغيره (اهي سڀ شين جي ٻيوَس اولڙن جا مثال آهن). ننڍڙي کان ننڍڙو ساهہ وارو بہ اولڙو ڪري ٿو ان جو اولڙو ميڇريل ردعمل آهي، اهو شڪار (ڪاڄ) ڏانهن وڌي وڃي ٿو ۽ دشمن کان پڇي پري ٿئي ٿو. گهڻ جيو گهرڙي ساهواري ۾ اهو ئي ردعمل مشروط ٿئي ٿو جنهن جو بهترين اظهار مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ ساهوارن ۾ ٿئي ٿو ۽ سمورا وڏا جانور عام طرح مرڪزي تنتي سرشتو رکن ٿا. ڪُتي، گهنٽيءَ ۽ ڪاڏي جي ناتي سان اسان اهو

مشروط رد عمل سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري چڪا آهيون.

مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ ساهوارا {هاٿي، اُٺ، سانُ، ڍڳو (ڏاند)، ٻَڪرُ، گَهٽو (دنبو)، سهو ڪبوتر، بازُ ۽ انهن جا مؤنث وغيره} ماڻهوءَ جيان ٿوري گهٽ وڌ فرق سان ٻاهرين حقيقتن جو احساس وٺن ٿا. انهن جي دماغ ۾ حواسن وسيلي پهتل اطلاع (خبر، سڌ، احساس) حسي تصوير ٺاهي ٿو ۽ انهن جو نمونو، طريقو، اثر (خيال) ظاهر ٿئي ٿو.

احساس، حسي تصوير ۽ اثر کي حسي ڄاڻ سڏجي ٿو. ڪجهه گهٽ يا وڌ سمورا مرڪزي تنتي سرشتو رکندڙ ساهوارا حسي ڄاڻ حاصل ڪن ٿا. اهي وڻ، جاءِ، جهوپڙي، غار، جانور وغيره جي فرق کي محسوس ڪن ٿا، منهن مهانڊي، ڏيک ويک جو فرق محسوس ڪن ٿا. جيڪا شيءِ سندن لاءِ خطرناڪ آهي ۽ جيڪا شيءِ سندن لاءِ ڪارائتي آهي، لهه وچڙ ۾ اچڻ کان پوءِ ٻنهي ۾ فرق ڪن ٿا وغيره.

اهي احساس، حسي تصويرون ۽ اثر جيڪي حياتيءَ جياپي لاءِ انتهائي اڻٽر هئا، انهن سان لاڳيتو ناهه ڪندي (جيئن ماحول، آبهوا، کاڌي پيتي، ڇانوَ ڇپر وغيره) ساهوارن ۾ اهي پڪيون عادتون پيدا ٿي پيون جيڪي وڏن کان ننڍن ڏانهن نسلي طرح تبديل ٿي سگهيون پئي. نسلي طرح تبديل ٿيندڙ عادتن کي جبلت چئجي ٿو. ماءُ پيءُ (وڏڙن) جي بدني بناوت ۽ جبلتون پراڻي نسل کان نئين نسل ۾ تبديل ٿين ٿيون. انهيءَ حد تائين ننڍا وڏا ساهوارا ٿوري گهڻي فرق سان ذري گهٽ هڪجهڙا آهن. ماڻهو ٿي سگهندڙ ساهواري ۽ ٻين جانورن ۾ ان حد تائين ڪو خاص فرق ڪو نه هو سواءِ (ارتقا) جي ڏاڪي واري فرق جي، جنهن موجب ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو اوسر جي اتاهين ڏاڪي تي آهي.

## جبلت ۽ عادت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ :

جبلت اهي عادتون آهي جيڪي سموريون جو سموريون نسلي طرح وڏڙن کان ننڍڙن ۾ تبديل (منتقل) ٿين ٿيون.

عادت اهو رويو آهي جيڪو نسلي طرح تبديل ڪو نه ٿو ٿي سگهي پر پنهنجي حياتيءَ دوران ڪنهن به ساهواري ۾ انفرادي طرح پيدا ٿئي ٿو ۽ ان جي پوري ٿيڻ کان سواءِ هڪ بي چيني پيدا ٿئي ٿي.

ڪيترن ئي ماڻهن ۾ سگريٽ (ٻيڙي) ڇڪڻ جي عادت آهي. انهن ماڻهن ۾ اها عادت پنهنجن وڏڙن کان نسلي طرح تبديل ڪا نه ٿي آهي (بيشڪ اهي به سگريٽ ٻيڙي ڇڪيندا هجن). ڪو ماڻهو ڪرڪيٽ، فوٽ بال، مَلهه، اِٽي (ڏِڪي) ڏکر



وغيره راند کيڏڻ جي عادت پرائي وٺن ٿا، پر اهي به نسلي طرح تبديل ڪو نه ٿيون ٿين. ڪن ماڻهن کي ڏاڙي، چوريءَ، جوئا يا نشي کان سواءِ بي چيني ٿيندي (سبب ڪهڙو به هجي) پر اهي عادتون به جبلي طرح تبديل ڪو نه ٿيون ٿي سگهن (چور جو پٽ چور، ظالم جو پٽ ظالم، ڏڄڻي جو پٽ ڏڄڻو وغيره اهڙا سمورا مثال ڪوڙ آهن).

"سمجهدار" جانورن جو مثال به ايئن آهي. سرڪس جي جانورن کان وڏيڪ "سمجهدار" ساڳي ئي جنس جو ٻيو ڪهڙو جانور هوندو! لوهي تار تي هلندڙ ٻڪر، جهمر هڻندڙ گهوڙو، باهه واري ڇلي منجهان ٽپو ڏيندڙ شينهن، مختلف ڪرتب ڏيکاريندڙ ڪتو وغيره.

حقيقت اها آهي ته اهڙن جانورن کي اذيتون (بک، اڃ، مار، اڪيلائپ، وڇوڙو، بجليءَ جا جهٽڪا وغيره) ڏئي "سڌاريو" ويو آهي، انهن ۾ زوريءَ اهي عادتون پيدا ڪيون ويون آهن. اڪثر عادتون ته جبلي عادتن کي ئي (هٿراڌو چونڊ، هٿراڌو لڳ وغيره وسيلي) وڌائي ٺاهيون ويون آهن جنهنڪري ئي واٺا، پهريدار، ڦاڙيندڙ شڪاري ڪتا وغيره ٿيا، پر ڪي ڪي عادتون (جيئن سرڪس واريون) انفرادي تربيت جو نتيجو آهن ۽ ان انفرادي تربيت دوران اذيت ڏيڻ هڪ اهم عمل هوندو آهي.

ڪي عادتون اهڙيون آهن جن ۾ عادتيءَ کي فائدو ٿئي ٿو، جيئن پڙهڻ جي عادت، ڏيان سان ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي عادت، راند جي عادت وغيره ۽ ڪن عادتن مان عادتيءَ کي نقصان ٿئي ٿو، جيئن نشو، جوئا وغيره. ساڳي ڳالهه "سمجهدار"، "سڌريل" جانور سان لاڳاپيل آهي، جيڪڏهن اهي سنڀاليندڙ جي سکيا موجب عادتون ٺاهن ٿا ته کين نفعو کاڌو خوراڪ ۽ "شاباس" ملي ٿي ۽ جيڪڏهن گوٺ ناٺ ڪن ٿا ته اذيت جا اهنج.

جبلتون اوسر جي عمل دوران تبديل ٿينديون رهن ٿيون، جڏهن ته عادت تي اوسر (ارتقا) جو ڪو به اثر نه آهي.

ماڻهوءَ سماج (راڄ) ۾ رهندي ڪيترين ئي وحشي، جهنگلي، جانورن وارين جبلتن کي لاڳيتو گهٽ ڪندو، ڌڪاريندو ۽ پنهنجي جند ڇڏائيندو پئي رهيو آهي پر پوءِ به اڄ ڏينهن تائين منجهس ڪيترين ئي جبلتون موجود آهن. جيئن ڏپ ۾ وٺجڻ، ويڙهه ڪرڻ، شڪار کيڏڻ، ٺينگ ٽپا ڏيڻ، نقل ڪرڻ، بدلو وٺڻ، خود غرض هجڻ وغيره. جيئن جيئن ماڻهو سڌرندو ويندو تيئن تيئن انهن جهنگلي

جانورائي جبلتن مان بہ جند ڇڏائيندو ويندو. (مهرباني ڪري سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب **”وحشي جيوت جا نشان“** ضرور پڙهو.)

ماڻهوءَ ڪان سواءِ ٻيو هر ساهوارو حسي ڄاڻ جي درجي ڪان مٿي چڙهي نہ سگهيو آهي. ماڻهوءَ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ساهواري کي خبر ناهي تہ هو جيئرو ڇو آهي، پيدا ڪيئن ٿيو، ڌرتي ڇا آهي، ڌرتيءَ تي پکڙيل گوناگون ۽ رنگا رنگ لقاءَ ڇو آهن، ڌرتي گولو آهي، اها ڦري ٿي پنهنجي مرڪز چوڌاري (جيئن لاٽون پنهنجي ڪوڪي چوڌاري ڦري ٿو) ۽ سج چوڌاري. چنڊ، چاندوڪي، چنڊ جي ڦيري جي ڄاڻ بہ رڳو ماڻهوءَ وٽ آهي. سج، تارن، ڪائنات، مادي، سمجهہ، سونهن، سلڇڻائيءَ بابت رڳو ماڻهوئي ڄاڻي ٿو. ماڻهوئي آهي جيڪو پاڻ، ٻين ماڻهن ۽ شين، پنهنجي پورهيي ۽ سماج، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ثقافت، قوم، طبقي، سامراج، ظلم، انصاف، برابريءَ، جمهوريت، فسطائيت، راڄوٽي نظام، غلامداريءَ، جاگيرداريءَ، سرمائيداريءَ، سوشلزم، ڪميونزم، بادشاهت، شهنشاهت، پورهيت، مزدور، هاريءَ، صنعت، پوکيءَ، جانور پالنا، سائنس، مادي، سچ وغيره بابت ڄاڻ رکي ٿو. ماڻهو ئي آهي جيڪو سوچي سمجهي پنهنجي انفرادي توڙي اجتمائي حالتن کي بدلائڻ ۽ ٺيڪ بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ماڻهو ئي آهي جيڪو پنهنجيءَ حياتيءَ جو مقصد مقرر ڪري ٿو... ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ.

- ماڻهو ايڏو مٿير ڇو آهي؟
- ماڻهو جانورائي حياتيءَ جي گهيري ڪان ڇو نڪري سگهيو؟
- ماڻهو ٻولي ڇو ٺاهي سگهيو؟
- ماڻهو گهر ٺاهي، اناج اپائي ۽ ايجادون ڪري ڇو سگهيو؟
- ماڻهو حياتيءَ، فطرت، ڪائنات، مادي کي ڇو سمجهي سگهيو؟

اچو تہ ڪجهہ مثال وٺون:

(1) ماڻهوءَ جي ٻالڪ وٽ ڄمڻ وقت ڪا بہ ڄاڻ نہ آهي، جڏهن تہ اهو هر طرح جيئرو ۽ صحتمند آهي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ٻالڪ جا ڄائي ڄم ڪان پنج ئي اهم حواس ۽ سندس سوچڻ جو عضوو ـــــ دماغ ـــــ جيئرا تہ هجن پر پنهنجو پنهنجو مخصوص عڪسڻ وارو ڪم ڪري نہ سگهن، تہ ماڻهوءَ وٽ ڪا بہ ڄاڻ نہ ٿي ٿي سگهي.

(3) سمجهو ڪري تہ هڪ ڏُکي عورت ڪنهن بہ سبب ڪري جهنگ (ٻيلي)



۾ ڦاسي اڪيلي رهجي وئي. هوءَ هڪ ٻالڪ کي ڄڻيندي ئي مري وڃي ٿي ۽ ٻالڪ ڪنهن نہ ڪنهن نموني جيئرو رهجي اچي ٿو ۽ جوان ٿئي ٿو. انهيءَ حالت ۾ هن وٽ سماج، قائدن قانونن، فطرت وغيره جي ڄاڻ ٿي سگهي ٿي؟ ڇا هو ڪا ٻولي ڳالهائي سگهندو؟

جواب آهي، ”نہ“.

(4) سمجهو ڪري تہ هڪ ٻالڪ کي هڪ اونداهي ڪمري ۾ بند رکيو وڃي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن نموني هو جيئرو رهي اچي ۽ جوان ٿئي. انهيءَ وچ ۾ هن سان نہ ئي ڪو ڳالهائي ٻولائي، نہ ڪا شيءِ ڪمري ۾ آندي وڃي ۽ نہ ئي روشني هجي. نتيجو ڇا نڪرندو؟ ڇا هن وٽ ڪا ڄاڻ ٿي سگهندي؟

جواب سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو: وٽس ڪا بہ ڄاڻ، ڪا بہ ٻولي، ڪا بہ ماڻهوئي خوبي نہ هوندي، اجا بہ ان حالت ۾ هو تہ انڌو ٻوڙو گونگو وغيره هوندو.

- ڇو؟

+ اونداهي ڪمري مان هڪدم تيز روشنيءَ ۾ اچڻ سبب ڪجهہ بہ نہ ڏيکاربو آهي.

+ اونداهي ڪمري جو قيدي ڇڳيءَ دير تائين پنهنجون اکيون بہ کولي نہ سگهندو آهي ۽ اکيون بند هئڻ باوجود اکين ۾ سور محسوس ڪندو آهي.

+ اڪيلائپ جو قيدي پاڳل، گونگو ٻوڙو انڌو ٿي سگهي ٿو.

(5) اڄ ڪلهہ ڪيترين ئي اسپتالن ۾ ڪلوز سرڪٽ ٽيليويزن جو بلو ڪيل آهي. آپريشنون يا سيريس (شديد بيمار، موت حياتيءَ جي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا) ماڻهوءَ سان جيڪو ڪجهہ ڊاڪٽر ڪن ٿا، عام طرح اهو انهن ٽيوِيُن تي ڏيکاريو وڃي ٿو. مثال طور، في الحال ذڪر رڳو ان مريض جو ڪجي ٿو جنهن جي بڪيءَ ۾ پٿريون آهن ۽ انهن کي وَڍي ڳٽي ٻاهر ڪڍڻو آهي. بيمار کي دوائن وسيلي بيهوش ڪيو وڃي ٿو، سندس پيٽ جي کل، پردا، گوشت، بڪيءَ جو پردو ۽ گوشت چيري بڪيءَ جي چير کي ويڪرو ڪري پٿريون چونڊي ڪڍي، وري چيريل عضون کي سئيءَ سان ٽڪا هڻي بند ڪجي ٿو.

ڇا بيمار، بيهوش ماڻهوءَ کي پاڻ سان ٿيل ان سڄيءَ ويڌن جي خبر پئجي سگهندي؟

جواب آهي، ”نہ“.

(7) حقيقي زندگيءَ ۾ پيش آيل هڪ نرالو واقعو اوهان مان ڪيترن ئي ٻڌو

هوندو. اهو ٻن ٻارڙن جو قصو آهي جيڪي جهنگ مان هٿ ڪيا ويا جتي انهن کي ”جانور ڪٽي ويا“ هئا. 1920ع جي ڳالهه آهي ۽ ڀارت ۾ ٿي گذري:

هڪ جهنگ جي ويجهو رهندڙ ڪجهه ڳوٺاڻن کي بگهڙن جي هڪ ميڙ ۾ ڪجهه عرصي کان ”ٻه ڀوت“ نظر اچڻ لڳا. اهي ”ٻئي ڀوت“ بگهڙن سان گڏ رات جو ظاهر ٿيندا هئا، ڊوڙون وجهندا ۽ اوناڙون ڪندا هئا ۽ وري انهن سان گڏ ئي موٽي وڃي ڏِر ۾ لڪندا هئا. وهم وسوڙل ماڻهو انهن ڀوتن کان ڊڄي ڪاڏي ڀيتي جون ڪجهه شيون ڪٽي وڃي جهنگ ويجهو رکي ايندا هئا ۽ انهن جي ڪاوڙ (غضب، ڪروڌ) کان بچڻ لاءِ ڏٽيءَ در ڀيا ڀاڏائيندا هئا.

نيٺ ان واقعي جي خبر يتيم خانو سنڀاليندڙ مسٽر سنگهه کي پئي. هن ڏاڍا جتن ڪري نيٺ انهن ٻني ”ڀوتن“ کي پڪڙي ورتو ۽ پوءِ ماڻهو اهو ڏسي وائڙا ٿي ويا ته اهي ٻئي ”ڀوت“ نه، پر ”ڇوڪريون“ هيون، هڪ جي ڄمار اٽڪل 18 ـ مهينا ۽ ٻيءَ جي 8 ـ سال هئي.

مسٽر سنگهه انهن ”ڇوڪرين“ کي ڪٽي اچي يتيم خاني ۾ رهايو جتي ڪين ٻارن سان گڏ ڇڏيو ويو. پر اهي ٻئي پنهنجي ميزبان لاءِ مٿي جو سور ثابت ٿيون. اهي جيتوڻيڪ ڪنهن مائيءَ جون ڄايون هيون پر عادتن ۾ مڪمل جهنگلي جانور. خاص طرح شروع وارن ڏينهن ۾ ته انهن ڏاڍو ٻائيتال مچايو. اهي ڏينهن جو ڪنهن اونداهي ڪنڊ پاسي وڃي سمهي پونديون هيون ۽ رات جو اُڀ مٿي تي کڻي ڏينديون هيون. اهي اڱڻ ۾ ڊوڙون وجهنديون ۽ اوناڙون ڪنديون هيون ۽ ماڻهوءَ رڌو پڪو ڪجهه به نه کائينديون هيون. انهن وٽ ماڻهوءَ سمجهه جو ڪو ٻيو نشان ته رهيو پر ٿي، پر هنن لاءِ رڳو ٻن ڄنگهن تي اُڀو ٿي هلڻ واري ماڻهوءَ جي خاص خوبي به ڪا نه هئي. اهي ڇئني ڀيرن (ٻن ”هٿن“ ۽ ٻن ڀيرن) وسيلي هلنديون هيون. جانورن جي وچ ۾ گذاريل حياتيءَ نه رڳو انهن جون عادتون ڦيرائي جانورن واريون ڪري ڇڏيون، پر انهن جي جسمن تي به اثر ڇڏيو هو. انهن وٽ اهڙي ڪا به لياقت ڪا نه هئي جيڪا وٽن موجود ڪنهن سمجهه جي نشاندهي ڪري ۽ نه ئي وري ڪين ڪا انساني احساسن ۽ جذبن جي خبر هئي. اهي اونداهيءَ جون جانور هيون.

ڏاڍي همت ۽ مانيٽائيءَ سان ٻن اڍائي سالن جي ڪوشش هوري هوري پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو. انهن منجهه انساني خصلتون پيدا ٿيڻ لڳيون ۽ انهن ڪنهن حد تائين ڀيرن تي هلڻ به سکي ورتو. هوري هوري ڪين ڪجهه لفظ سيکاريا ويا. ماڻهوءَ جي سمجهه هنن ڏانهن تبديل ٿيڻ لڳي. وٽن کي ”سسيل“ تصور به ڏاهيا ويا. ننڍڙا



”جانور“ ٻارڙن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. اتفاق جو اهي وڏي وڏيون ٿيڻ کان اڳ مري ويون.

اهي سموريون حقيقيتون ڇا ٿيون سيکارن؟

## اهي ڪهڙا سبب آهن جو ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو ماڻهو ٿي سگهيو؟ :

اهي حقيقتون اهو ٿيون سيکارن ته بيشڪ ماڻهوءَ جهڙي ساهواري ۾ ماڻهوءَ دماغ، جيئرو دماغ موجود هجي پر ان کي ماڻهو ٿيڻ لاءِ ماڻهوءَ سماج ۾ گڏ هجڻ، سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ۽ ان ۾ پلجڻ لازمي آهي.

اهي ڪهڙا سبب آهن جنهنڪري ماڻهوءَ سماج ٺهي سگهيو؟

ـ رت جي رشتن ۾ اها قوت ڪانهي جا پنهنجي هم نسل کي لاڳيتو پاڻ ۾ ڪٺو رکي سگهي. هر جانور جي آکهه يا رت جي رشتي ۾ ڳنڍيل ماءُ پيءُ ۽ اولاد جوان ٿيڻ تي هڪ ٻي کان غير واسطيدار ٿي وڃن ٿا.

ـ جنسي لاڳاپن ۾ به اها قوت ڪانهي جا پنهنجي هم نسل مخالف جنس کي لاڳيتو پاڻ ۾ ڪٺو رکي سگهي. هر ساهوارو ڪنهن مخصوص مند يا وقت ۾ جنسي لاڳاپي هيٺ رهي ٿو ۽ پوءِ غير واسطيدار ٿي وڃي ٿو.

ـ هم نسلي هجڻ ۾ به اها قوت ڪانهي جا راڄن کي گڏ رکي سگهي. هم نسلي ويجهڙائي فطري قيد سبب هڪ ٻي جي ويجهو ته رکي سگهي ٿي پر راڄ نهرائي، هڪ ٻي سان سهڪار ڪرائي، هڪ ٻي جي ويجهو ڳنڍيل رکي نه ٿي سگهي.

پورهيو...

پورهيو ئي اهو پهريون سبب آهي جنهن ماڻهوءَ جهڙي ساهواري کي ماڻهو بنايو. سندس اڳين ڄنگهن کي آزاد ڪري ٻانهون ٺاهيو. پوين ڄنگهن کي وڏيڪ سوکو سگهارو ڪيو. سندس چيلهه جو ڪب سنئون ڪيو. کوپڙيءَ کي ڪنڌ جي مشڪن وسيلي ان لائق بنايو جو هڪ حالت ۾ بيٺي چوڦير (اڳيان، پٺيان، ڪاٻي، ساڄي، هيٺ، مٿي) ڏسي سگهي. سندس آڱرين کي سنهو ڊگهو، سخت ڪم لائق ۽ سهڻو بنايو. سندس گهگهي نڙيءَ کي ميناج پريو. وڻندڙ آواز ۽ سوين مختلف آواز ڪڍي سگهڻ جي سگهه ڏني، دماغ کي پيچ ـ گهڙ جي عملن جا عڪس ڏنا، حسي ڄاڻ کي وڌائي منطقي ڄاڻ جي درجي تي پهچايو. شين، ڳر جي گهرائي، جوهر، فطرت ۽ اصليت سمجهڻ جي قوت بخشي ۽ اهڙيءَ طرح هن کي نئين کان نئين ڄاڻ جي خزاني سان مالامال ڪندو رهيو. پورهيو ئي آهي جيڪو جياپي لاءِ گڏجي اپائڻ، هڪ ٻي جي ويجهو رهڻ، هڪ ٻي جي مدد ڪرڻ، سهڪار وٺڻ، ساٿ ڏيڻ، گڏجي جيئڻ، ونڊي وراهي کائڻ، وڏن سگهارن هيبتناڪ ويرين، شڪارن، جانورن

کي دسڻ، ڪيرائڻ، مارڻ ۽ ڪتب آڻڻ وغيره تي مجبور ڪيو.

پورهيي ئي ماڻهن جي وچ ۾ گڏجي اپائڻ، گڏجي ڪم ڪرڻ، گڏجي بچاءُ ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو.

هاڻي ماڻهن جي وچ ۾ اهي لاڳاپا (ناتا، رشتا) ٿيا جيڪي اڳ موجود نه هئا. اهي گڏجي رهڻ ۽ سهڪار ڪرڻ، جنسي، نسلي يا رت جي لاڳاپن سبب نه هئا پر پورهيو ڪرڻ، اپائڻ، پيداوار ڪرڻ سبب موجود ٿي پيا، تنهنڪري انهن کي پيداواري لاڳاپا سڏجي ٿو.

ماڻهوئي آهي جيڪو پيداوار ڪري ٿو.

ماڻهوءَ ئي هِتي هُتي ٽڙيل پکڙيل آڏن ڦڏن پٿرن ۽ لٺين کي پنهنجي پورهيي وسيلي ڪارائتو بنايو. هٿيارُ اوزارُ اها شيءِ آهي جنهن ۾ ماڻهوءَ جي جيئري پورهيو ڪرڻ واري سگهه لڪل آهي ۽ جنهن جي مدد سان پورهيو ڪرڻ ۾ مدد ۽ سهولت ٿئي ٿي.

پورهيو ڪندڙ ماڻهو ۽ پورهيي ۾ ڪم ايندڙ اوزار (هٿيار) پيداواري قوتون سڏجن ٿا ۽ جنهن تي پورهيو ڪجي اهو آهي پيداواري ٿاڪ.

پيداواري ٿاڪ تي (وٹ، ويجهو) پيداوار ڪندڙ کي رهڻو پئجي ويو. پورهيو ئي هنن کي هڪ ٻي جي ويجهو ۽ پيداواري ٿاڪ وٽ رکي سگهيو. پورهيي سبب ئي، پورهيو ڪندڙ ماڻهو هڪ ٻي سان اڻ ڏٺن، اڻ ٻڌن، اڻ سُڻن لاڳاپن ۾ ڳنڍجي ويو.

نت نئين پورهيي، نت نئين اوزار، نت نئين هٿ آيل شڪار، سال ٻي سال نت نئين بدلجندڙ جاگرافيائي ماحول، نون نظارن، لقائن، عملن، وڻن، ٻوٽن، گاهن، جانورن، پکين ۽ نت نيُن لياقتن ماڻهوءَ ۾ اٿتر گهرج پيدا ڪئي ته هو هڪ ٻي کي ڪجهه چئي، هڪ ٻي سان ڳالهائي.

پهريائين اشارن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اوندهه، طوفان، تيز مينهن، ٻوڏن، ٻيلن وغيره ۾ اشارن وسيلي ڳالهائڻ ڏکيو هو ۽ وڏي ڳالهه ته ان وسيلي سوچن کي پوريءَ طرح ظاهر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو ان ڪري واڪي، آواز کي اشاري سان ڳنڍيو ويو.

هر واسطيدار شيءِ لاءِ هوري هوري مخصوص واڪو ٿيو ۽ انهن مخصوص واڪن جي سرشتي کي چئجي ٿو ٻولي. ٻوليءَ وسيلي ماڻهو پنهنجي هر قسم جي سوچ، سمجهه، جوش ۽ جذبي، ارادي ۽ اتساهه کي ظاهر ڪري سگهي ٿو.

اچو ته وري ٻه هڪ مثال وٺون:

(الف) توهان ڪنهن جبل تان ٻيهي ڪاچي ۾ هڪ وسندي ڏسي رهيا آهيو.



انهيءَ ۾ 100-ڪن ننڍيون وڏيون ڪچيون جايون ۽ اوسي پاسي پکڙيل ڪجهه جهوپڙيون آهن. ان جون گهٽيون جيتوڻيڪ ويڪريون ۽ چار جي ڏاڱن جيان هڪ ٻي سان ڳنڍيل آهن پر آڏيون ڦڏيون آهن. ڪيترن ئي گهرن ۾ ڇهچ ساوا، ڍڳها، گهاٽا نم ۽ ٻير جا وڻ ٻه آهن. ننڍڙا ٻار ٻڍا، مايون، جانور، گهورڙيا وقت سر اچ وڃ ڪندي نظر اچن ٿا. هڪ پاسي وڏو کوهه به آهي جنهن تي چڙهيل نار کي ڏاچي ڦيرائي رهي آهي ۽ ڪجهه عورتون گهاگهرن ۾ پاڻي ڀري رهيون آهن.

(ب) توهين ڳوٺ ۾ پهچو ٿا. ڪو اڏزوٺ ماڻهو اوهان کي اوپرو پائيندي وڏي اوهان جي آجيان ڪري توهان کان حال احوال خبرون چارون پڇي ٿو ۽ آچ ڪري ٿو ته توهين سندس اوطاق ۾ هلي ويهو. توهان ڪجهه ڏينهن اتي ٽِڪي پئو ٿا ۽ هوري هوري مختلف ماڻهن، ٻارن، ڪم ڪار جي طريقن، ڏڻڏن ڏاڙين، ريتن رسمن ۽ روايتن، وهمن، ويساهن ۽ عقيدن، خيالن، سوچن ۽ جذبن کان واقف ٿيو ٿا...

مثال جي (الف) ۾ توهان جو واسطو حسي تصوير سان پوي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪيترائي جانور به انهيءَ وسنديءَ جي منهن مهانڊي، ڏيک ويک جو اهڙو ئي اولڙو محسوس ڪن جهڙو توهان ڪري سگهيا (جيتوڻيڪ اصولن توهان جي پروڙ تيز آهي).

مثال جي (ب) سان ڪنهن به جانور جو ڪو به واسطو ڪونهي، اها هن لاءِ بس رڳو چرپر آهي، آواز آهي. جڏهن ته ماڻهو پرکي، پروڙي، پرجهي، سمجهي، نتيجا ڪڍي ۽ راءِ مقرر ڪري ٿو ته ان وسنديءَ جا رهاڪو ڪهڙي قسم جي حياتي گذاري رهيا آهن، کائن پيئن، رهن، چوَن، اُٿن، ويهن ڪيئن ٿا، انهن جون سوچون، عمل ۽ عقيدا ڪهڙا آهن، اهي ڪهڙي قسم جا ڏنڌا ڪن ٿا، انهن جي آمدني، ڪمائي، خرچ وغيره ڇا آهي، عورتن، مردن، ٻارن، ٻڍن جو هڪ ٻي ڏانهن رَوَيو ڪيئن آهي، ڪير ڪنهن جو ماءُ پيءُ يا اولاد آهي، مٽ مائٽ ۽ عزيز قريب آهي، وغيره.

مٿين مثال ۾ ڄاڻ جو (ب) حصو منطقي ڄاڻ سان واسطو رکي ٿو. ماڻهو پهريائين سندن حياتيءَ جا عام تصور وٺي ٿو، پوءِ انهن کي ڇنڊي ڇاڻي ۽ انهن بابت پنهنجي راءِ قائم ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻين ماحولن سان ڀيٽ ڪندي انهيءَ سماج بابت نتيجا ڪڍي ٿو.

حسي ڄاڻ کان منطقي ڄاڻ تائين ماڻهو پنهنجي پورهيي، شين جي ڀيچ ڍاهه ۽ ٺاهه ٺوهه، هڪڙين شين جي ٻين شين سان ملندڙ ۽ مختلف خاصيتن جي ڀيٽ ۽ ڇنڊڇاڻ، انهن جي وچ ۾ فرقن جي ڄاڻ وسيلي پهچي سگهيو.

ماڻهو جيڪڏهن بامقصد سرگرمي (پورهيو) نه ڪري ها ۽ ٻين جانورن جيان

رڳو جبلي اٺرن هيٺ جياپي جون گهرجون، جيئن پوريون ٿي سگهن ٿيون، پوريون ڪندو اچي ها، ته هن ۾ ۽ ٻين جانورن ۾ ڪو به فرق نه هجي ها. اهو پورهيو ئي آهي جنهن هر ڪتب ايندڙ شيءِ جي حقيقت، اصليت، بناوت، ڳر، جوهر ۽ انهن جي وري ٻين شين جي حقيقت، اصليت، بناوت، ڳر ۽ جوهر سان پيٽ وسيلي ڄاڻ مهيا ڪئي. اهو پورهيو ئي آهي جنهن ماڻهوءَ جهڙي ساهواري کي اپتائتي عمل ۾ ڳنڍيندي پيداواري ناتن جي لڙيءَ ۾ پوئي هڪ سماجي (راڄوٽي) مالا بڻايو. جنهن ماڻهو ناهيو ٻولي ناهي ۽ ثقافت کي تخليق ڪيو...

راڄ (سماج) ۾ رهڻ ڪري ئي ماڻهوءَ جي سمجهه وڌي سگهي. هو شين ۽ خود پنهنجي فطرت، اصليت، جوهر کان واقف ٿيو، هو ڌرتيءَ ۽ ڪائنات کان واقف ٿيو.

ڪنهن به ڪُتي جو انهن ڳالهين سان ڪو واسطو ڪونهي ته هڪ ماڻهو مظلوم آهي، پورهيو ڪرڻ باوجود بکيو ۽ ڏکيو آهي ۽ ٻيو ماڻهو پورهيو نه ڪرڻ باوجود ڊاوَل ۽ سکيو آهي ته ڇو. مظلوم قومن جي آزاديءَ، مظلوم پورهيت عوام جي آزاديءَ سان به ڪنهن ڪتي جو ڪو واسطو ڪونهي. ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به ناهي جيڪو ڪائنات، سماج ۽ خود ماڻهوءَ جي ذهن جي هر ذري جو اڀياس ڪري گڏيل نتيجا ڪڍي سگهي. ماڻهو ئي آهي جيڪو شين جي وچ ۾ هڪ ٻئي سان تعلق، ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي کي سمجهي سگهي. ماڻهو ئي آهي جيڪو مادي (فطرت) جي قانونن ۽ سماجي قانونن کي سمجهي سگهي ٿو ۽ سماجن ۽ فطرت کي پنهنجي فائدي ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ماڻهو جيڪڏهن پورهيو نه ڪري ها، ته پاڻ ۾ بس ايتروئي ڳنڍيل هجي ها جيترو ڪو به جانور، ته نه سماج هجي ها، نه ٻولي هجي ها، نه ثقافت هجي ها ۽ نه ئي وري ڪا سمجهه.

راڄ (سماج) کان ٻاهر ڪا به سمجهه ٿي نه ٿي سگهي، ماڻهوءَ جي سمجهه رڳو ان ڪري ناهي، جو ماڻهو جيئرو، ڳتيل ۽ اسريل دماغ رکندڙ آهي پر ان سان گڏ ان ڪري به آهي جو ماڻهو سماجي زندگي گذاري ٿو. سماجي زندگيءَ ۾ عملي سرگرميءَ ۽ سماجي لڳ لاڳاپن کان ڌار رهي ڪا به سمجهه پيدا ٿي نه ٿي سگهي. سمجهه ڪو سماج کان ڇڳلُ، ڌار، اڪيلو لقاءُ ڪونهي. ماڻهو هڪ سمجهه ڀري هستيءَ جو روپ رڳو تڏهن وٺي سگهي ٿو جڏهن اهو ماڻهوءَ راڄ ۾ رهندو هجي.

ڪا به سوچ انساني برادريءَ کان ٻاهر ڪانهي. سماج ۾ سرگرميءَ سبب سوچ پيدا ٿي سگهي، پورهيو (پيداوار) ڪرڻ دوران هڪ ٻئي لاءِ پيدا ٿيل لاڳاپن جي نتيجي



۾ ئي سوچ پيدا ٿي سگهي ٿي. پورهيو ئي آهي جنهن ماڻهوءَ کي، ماڻهوءَ راڄ (سماج) کي پيدا ڪيو آهي ۽ پورهيو ئي آهي جنهن ماڻهوءَ دماغ پيدا ڪيو ۽ ماڻهوءَ سمجهه پيدا ڪئي. سمجهه هڪ سماجي پيداوار آهي، سماج کان ٻاهر ڪا به سمجهه ناهي.

جيڪڏهن ماڻهو سماج ۾ رهندڙ نه هجي ها، هڪ ٻئي سان لڳ لاڳاپي ۾ نه هجي ها، هڪ ٻئي سان ڪا ٻولي نه ڳالهائيندو هجي ها، ته هو پنهنجي ڪنهن به خيال، سوچ، سمجهه کان، پنهنجن تجربن کان ٻئي ماڻهوءَ کي، ايندڙ نسلن کي ڪنهن به طرح واقف نه ڪري سگهي ها. ٻوليءَ کان سواءِ ته ماڻهو سوچي به نه ٿو سگهي. ماڻهو جڏهن سوچي ٿو تڏهن ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءِ ۾ ئي سوچي ٿو. سوچ کي سماج کان، ٻوليءَ کان ڪنهن به طرح ڌار ڪري نه ٿو سگهجي.

اچو ته هاڻي هڪ مشين بابت ڪجهه ڳالهيون ڪيون. هڪ اهڙي مشين بابت، جيڪا ”ذهين“ آهي، ”عقلمند“ آهي، ”سوچيندڙ“ آهي. سرمائيدار ملڪن جا ڪجهه پورڙا سياستدان ۽ سائنسدان ان کي دنيا جو ”ٻرندڙ مسئلو“ چئي پيش ڪن ٿا ڇو ته هنن لاءِ قومي آزادي، طبقاتي آزادي، انساني آزادي، ظلم جو خاتمو وغيره جهڙا مسئلا ”ٻرندڙ مسئلا“ ناهن.

هن وقت جنهن مشين جو ذڪر ڪري رهيا آهيون اها ڪا عام قسم جي مشين يا صنعت ناهي. توهان ڪئلڪيوليٽر (حساب ڪندڙ مشين) بابت ٻڌو هوندو جيڪا لکن ڪروڙن جي انگن جي وڌ، ڪَٽ، ضرب، جوڙ وغيره سيڪنڊن ۾ حل ڪريو ڇڏي. هتي ان جو ذڪر ناهي. اها به هڪ سادي مشين آهي. اسين ته ذهين مشين جو ذڪر ڪري رهيا آهيون.

اهي مشينون ڏاڍيون ڏکيون ۽ نازڪ قسم جون آپريشنون ڪن ٿيون. اهي ”ياد رکن ٿيون“ ته ڪهڙيون آپريشنون ڪيئن ڪرڻيون آهن. اهي وڏين صنعتن جون پيچيده مشينون هلائن ٿيون، ريل گاڏي ڊوڙائن ٿيون ۽ ”اندازو لڳائن ٿيون“ ته ڪڏهن گاڏي ءَ کي ڊِرو ڪرڻو يا بيهارڻو، هلائڻو يا تيز ڪرڻو آهي، اهي هوائي جهاز اڏائن ٿيون ۽ انهن کي ٺيڪ ٺاڪ پاسن ڏي اڏاري گهربل جاءِ تي لاهن ٿيون، اهي هڪڙين ٻولين مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪن ٿيون ۽ ايترو تيزيءَ سان جو هڪ ماڻهو جرمن ٻوليءَ ۾ وينو ڳالهائي ته ٻيو ماڻهو ان جو آواز انگريزيءَ ۾ وينو ٻڌي ـــــ هزارين لفظ ۽ انهن جي معنيٰ ياد رکن ٿيون، اهي شطرنج جهڙي راند جون سوين چالون ياد رکن ٿيون ۽ وقت سر ڪيڏن ٿيون ۽ ڪجهه منطقي مهمون به پوريون ڪن ٿيون.

ڦورو ماڻهن وٽي گوڙ مچايو آهي ته اهي ”ذهين مشينون“ اڳتي هلي ماڻهن تي، دنيا تي، ڪائنات تي حڪومت هلائڻ لڳنديون!

چا اهو ممڪن آهي تہ هڪ مشين مڪمل طرح ماڻهوءَ دماغ جو بدل هجي؟

انهن مشينن وسيلي ڪٽي کهڙا بہ ڪارناما ڪيا وڃن پر اهي بهرحال ڪن مشيني پاڻ مرادن (آٽوميٽڪ) عملن تائين محدود آهن. سوچ کي ڪن مشيني پاڻ مرادن عملن تائين محدود ڪري نہ ٿو سگهجي. سوچ کي پنهنجو مشيني بڻ بنياد ماڻهوءَ راڄ، سماجي زندگيءَ ۾ آهي. سوچ هڪ راڄوڻي پيداوار آهي ۽ اهڙي باقاعدي حياتيءَ پريو (جيئاڪ) پورهيو اصولي طرح بهرحال مشين کي ميسر ناهي. ”ذهين مشينون“ ڏاتوئي پوشاڪ ۾ ماڻهوءَ جا خيال آهن.

”ذهين مشينن“ جي ”ذهانت“ ۾ اجا بہ واڌ ٿيندي رهندي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ انهن وسيلي اڳتي هلي فلسفي جي ڪيترن ئي مسئلن کي بہ بيان ڪرايو وڃي پر پوءِ بہ اهي رڳو ايترو ڪري سگهنديون جيترو سندن ”دماغ“ ۾ رکيو ويو هجي. اهي سماجي حالتن جي تبديليءَ سان گڏ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري نہ ٿيون سگهن. اهي بهرحال ڏاتوئي پوشاڪ ۾ ماڻهوءَ جا خيال ئي رهنديون. ماڻهوءَ کان سواءِ ڪا بہ مشين رڳو هڪ ”مئل“ ڏاتو آهي.

ماڻهوءَ دماغ ڪنهن بہ مشين کان ڏاڍو مٿاهون ڇو آهي؟

ماڻهوءَ دماغ مشين کان ڏاڍو مٿاهون ان ڪري آهي جو اهو سماجي سرگرميءَ جي پيداوار آهي. خيال، سمجهہ بہ ساڳيءَ طرح سماجي سرگرميءَ جي پيداوار آهي. دماغ جو ڪم ايترو ئي ڳتيل آهي جيترو سماجي رشتا، سماجي پورهيو، سماجي عمل، سماجي لقاءَ، دنيا جا لقاءَ، ڪائنات جا لقاءَ، مادي ۽ مادي جا لقاءَ. ڪو بہ ”اليڪٽرانڪ مشيني دماغ“ ان لائق نہ ٿي سگهندو جو اهو ماڻهوءَ جي ذهني دنيا، ان جي تخليقي قوت، خيال جي اڏام، هن جي خوابن، فن جي ڳتيل ۽ نفيس دنيا يا ماڻهوءَ جي جذبن کي عمل ۾ آڻڻ جي لياقت پيش ڪري سگهي. ماڻهوءَ دماغ هڪ جيئري هستيءَ جو دماغ آهي جڏهن تہ ”مشيني دماغ“ هڪ ”مئل“ ڏاتو.

”ذهين“ مشينون رڳو اهي ڪم ڪري سگهن ٿيون جيڪي مشيني قسم جا آٽوميٽڪ نمونی جا هجن. ”ذهين“ مشينون آئنده کهڙا بہ ڪم ڪن، اهي ڪيترو بہ ماڻهوءَ بدل ثابت ٿين پر اهي بهرحال ماڻهوءَ جون غلام رهنديون. ماڻهو انهن کي پيداواري، تعليمي ۽ ٻين ڪيترن ئي مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ سماج جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندو رهندو.

مشين سوچڻ لائق نہ آهي. اها سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ ۾ ماڻهوءَ جي واهر ڪري سگهي ٿي. ”ذهين“ مشينون ماڻهوءَ جو ذهني ڪم سولو ڪرڻ جي خدمت ڪن ٿيون.



## باب چوڏهون

# روحاني خوشي ڇا آهي؟

گهڻ چاڻ ماڻهن کي سوين ڳالهيون، لقاءَ، شيون سمجهہ ۾ نہ پئي آيون، اهي پاڻ کي، پنهنجي ماحول کي، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي شين ۽ لقائن کي، پنهنجيءَ دنيا، ڪائنات ۽ انهن جي شين ۽ لقائن کي پوريءَ طرح سمجهي نہ پئي سگهيا ڇو تہ اهي پوريءَ طرح سندن پرک ۽ پروڙ هيٺ ڪو نہ آيون هيون.

”ساهہ“ (هوا) بابت سندن سوچ اتي ئي وڃي بيٺي هئي تہ اهو ”مري“ ڪو نہ ٿو اهو دائمي آهي، اهو ماڻهوءَ، جانور، ساهواري جي بت مان ”نڪري وڃڻ“ کان پوءِ بہ پنهنجو وجود رکي ٿو. جڏهن تہ ماڻهو، جانور ۽ ڪيتريون ئي شيون ۽ لقاءَ پنهنجو وقت گذاري مري، فنا ٿي پئي ويا ـــــ ”ساهہ“ کي لافاني ۽ مادي کي فاني سمجهيو ويو.

”ديوين ديوتائن“ جون يادون، سورهيائون، سچايون، قوتون، انهن جا ڪارناما، ڪرتوت ۽ قصا نسل در نسل پيا هلندا هئا. اهي قصا ٻڌائيندي ۽ انهن ۾ گهاٽيون واڌيون ڪندي ڪيترائي ماڻهو مري ويا پر قصا ڪو نہ ڪٺا. ديوتا ديويون بہ ”لازوال“، ”اڻموت“، ”دائمي“، ”هميشہ رهندڙ“، ”سدا کان سدائين وجود رکندڙ“ هئا ۽ اهي ”نظر نہ پئي آيا“ ۽ پري ۽ مٿي پئي رهيا. (روشني بہ موجود آهي پر نظر نہ ٿي اچي تنهنڪري ڪيترن ئي ديوتائن کي ”روشني“ ڪري بيان ڪيو ويو.) سڀ ديويون ديوتا جيئرا بہ هئا، انهن ۾ بہ ”ساهہ“ هو انهن ماڻهن جي سار سنڀال پئي لڌي ۽ ماڻهن کي کاڌ خوراڪ اپائي، گڏ ڪري، ورهائي ڏني پئي. سمجهہ ۽ ذهانت ديوتائن جو ورثو هئي.

ويساهہ ٿهيو تہ:

(1) ”ساهہ“ (هوا، ديوتا، روشني، سمجهہ، جياپي جي سگهہ، مٿاهين هستي)

دائمي، اڻموت، نہ تباھہ ٿيندڙ سدائين رهندڙ آهي.

(2) اهو مادي جو محتاج ناهي، اهو مادي جي ڪري پيدا نہ ٿيو آهي پر ان جي ڪري مادو پيدا ٿيو. ان مادي کي خلقيو ۽ اهو ئي مادي کي فنا ڪري ٿو.

(3) مادو فنا ٿيڻ لائق، تباھہ ۽ برباد ٿي سگهندڙ ۽ ختم ٿي ويندڙ آهي.

(4) ديوين ديوتائن کي راضي رکڻ، انهن جي پسند موجب ڪم ڪرڻ، انهن جي ناپسند کي ٺوڪاري ڇڏڻ لاءِ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي حياتي وقف ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ابتدائي راڄوٽي سماج ۾ ديويُون، ديوتا پنهنجن ڪارنامن، خدمتن، طاقتن ۽ سورهيائن جي ڪري عزت لائق ۽ مٿاهين حيثيت وارا هئا.

غلامداري طبقاتي سماج جي حاڪمن انهيءَ ئي ويساھہ کي طبقاتي مفاد جو تابع بنائي هاڻي اهو بنايو تہ حاڪمَ ديوتائن جو پاڇو آهن، انهن جي حڪمن کي مڃيو ۽ جيڪو انهن جي حڪمن کي نہ ٿو مڃي اهو ڄڻڪ ديوتائن جي حڪم کي نہ ٿو مڃي. اوتار ۽ پوڄا انهيءَ ڪم لاءِ سيڙايا ويا ۽ انهن کي ڪاڏو پيتو آقائن کان ئي ملندو هو. حاڪمن جي حاڪميت قائم رکڻ لاءِ ڏينهن رات وات هڻڻ ۽ ذاتي نفعا هٿ ڪرڻ انهن جو ڌنڌو هو. حاڪمن جي پسند موجب اهي ديوتائن جي هڪ ئي "فرمان"، "قول" جون ڌھہ ڌھہ معنائون ڪڍي سگهندا هئا ۽ انهن جي پرچار ڪندا هئا.

سوين هزار سالن جي لاڳيتي عمل ڪيترا سادا، سچا، سڀاجها، سلڇڻا، سورهيہ ۽ سرواڻ ماڻهو اهڙا بہ پيدا ڪيا جيڪي پنهنجي پوري دل و جان سان انهن ويساهن تي مڪمل ڀروسو رکندا هئا ۽ ويندي پنهنجون حياتيون بہ قربان ڪري ڇڏيندا هئا.

ويساھہ ٿاهيو ويو تہ خوشي، حقيقي خوشي، روحاني خوشي اها آهي تہ پنهنجن ويساهن تي مضبوطيءَ سان ڄمي، انهن جي "قاعدن" پٽاندر حياتي گذاريو انهيءَ ۾ ئي اوهان جو ڇوٽڪارو آهي.

ڇا حقيقي "روحاني" خوشي بس ايتري آهي جو وهمن ويساهن تي ڀروسو رکندي، ديوتائن ديوين جي خوشيءَ، آقائن، حاڪمن جي خوشيءَ لاءِ پنهنجي حياتي وقف ڪري ڇڏجي؟ ڇا واقعي اها "روحاني خوشي" سڏي سگهجي ٿي؟

نہ، ان کي "روحاني خوشي" نہ چوڻ گهرجي، روحاني خوشي ايتري خسيس ، معمولي ۽ رَدِي نہ هئڻ گهرجي.

روحاني خوشي حقيقت ۾ سچ پچ ڇا آهي؟

انهيءَ سوال جو جواب جاچڻ کان اڳ اچو تہ "پسند ۽ ناپسند" کي سمجهون.

ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ذهن ۾ لکين تصور، ٻاهرين حقيقتن جا عڪس (سمجهہ



چاڻ) موجود آهن. ڪيس سوين ڳالهيون، سوين عمل پسند آهن ۽ سوين ناپسند. پسند اهي اٿس جن کي پنهنجيءَ سمجهہ موجب صحيح، ٺيڪ، سٺو ۽ فائديمند سمجهي ٿو ۽ ناپسند اهي اٿس جن کي پنهنجيءَ سمجهہ موجب غلط، ڪوڙو خراب ۽ نقصانڪار سمجهي ٿو.

سوين هزار ڳالهيون ۽ عمل اهڙا آهن جيڪي سڀنيءَ انسانذات لاءِ فائديمند آهن جيئن سچ، صحت، آزادي، برابري، ڀائپي، پنهنجائپ، پيار، انس، خلوص، سادگي، سڀاجهائي، سلڇڻائي، صفائي، سونهن، سورهيائي وغيره ۽ ساڳيءَ طرح سوين انسانذات لاءِ نقصانڪار آهن جيئن ڪوڙ بيماري، قيد، اڻبرابري، ڏاڍائي، ڌڪار، ٺڳي، مڪاري، لٽ بازي، ڪاوڙ ڪروڌ، ڪلڇڻائي، گندگي، ڀاڙيائپ وغيره.

ابتدائي رعيتي راڄ جا ماڻهو اڻوجهہ هئا، گهٽ ڄاڻ هئا، سادا هئا، اهي دنيا کي ۽ دنيا جي لقائن کي پوريءَ طرح سمجهي انهن جو ادراڪ نہ ڪري پئي سگهيا، اهي شين جي ماهيت، گهرائيءَ، وسعت، لڳ لاڳاپن وغيره کان گهٽ واقف هئا، انهن وٽ سوين اوڻايون هيون پر اهي بدنيت، مڪار، ٺڳ، بيهودا، غليظ ۽ انسانذات جي نراڙ تي بدنما داغ نہ هئا. اهي پنهنجي سڄي ڀائپيءَ لاءِ انتهائي اتساھہ ۽ لڳاءُ رکندا هئا انهن وٽ رڳو پنهنجو پيٽ ڀرڻ وڏي ۾ وڏو ڏوھہ هو. انهن جو سينو پنهنجين سمورين ڪچاين ڦڪاين هوندي بہ ماءُ ۽ ڌرتيءَ جي سيني جيان ويڪرو هو. اهي سڀ لاءِ سوچيندڙ ۽ سڀني جو ڀلو گهرندڙ هئا.

ذاتي ملڪيت جي جنم برائيءَ جو ٻج ڇٽيو. اها ڪهڙي برائي آهي جنهن کي ذاتي ملڪيت جنم نہ ڏنو هجي!؟ راڄن جون راڄن مٿان ڪاهون، انسانذات جو ڪوس، پورهيتن جي پورهيي ۽ پورهيي-سگهہ جي ڦرلٽ، کيڙيندڙ ٻک مرن ۽ ڄاڙي باز راڄ ڏٽي. ماڻهن جو قيد ۽ بند، اهنج ۽ ايذاءَ، ڪورٽون، حڪومتون، بادشاهيون، شهنشاهيون، سامراجي راڄ، ظلم، ڦرلٽ، ظالم ٽولا مظلوم ماڻهو ڦورو طبقا ۽ ڦريل طبقا، بيداد نگريون چرپٽ راجا. گڏهن جهڙا واهيات لونيا ۽ غدار ماڻهو راڄَ ڏٽي ٿي ويا تہ انسانذات جو عزت ۽ جياپو ـــــ پورهيت ماڻهو ـــــ محڪوم، مظلوم ۽ غلام. غلامداري راڄ، جاگيرداري راڄ، سرمائيداري راڄ، آقا، جاگيردار ۽ سرمائيدار-سامراجي دنيا جي مال ملڪيت جا مالڪ بنجي ويا ۽ پورهيت ماڻهو ساهوارا ٻولي ڳالهائيندڙ اوزار. ارسطوءَ چيو تہ پيداواري اوزار ٽن قسمن جا آهن:

(1) بي ساھہ اوزار، جيئن هَرُ، ڏاٽو ڪوڏر، ڪيڻ وغيره.

(2) ساهوارا بي زبان اوزار، جيئن گهوڙا، گڏھہ، اُٺ، ڍڳا ۽

(3) ساهوارا ٻولي ڳالهائيندڙ اوزار، جيئن غلام ۽ نيم غلام هاري.

(قديم يوناني سماج ۾ "غلام" ماڻهو نه هو رڳو هڪ پيداواري اوزار هو.)

هاڻي ماڻهوءَ راڄ ۾ پسند ۽ ناپسند بابت ڦيرو اچي ويو. حاڪم، بالادست، ڦورو طبقي جي پسند اها هئي جيڪا کيس نفعو ڏيندي هجي.

حاڪم طبقو ئي آهي جيڪو پنهنجن مفادن جي نگهبانيءَ لاءِ رياست ۽ رياستي مشينري ـــــ فوج، پوليس ۽ انتظاميا ۽ تحفظ ڏيندڙ قانون ـــــ ٺاهي، پورهيت عوام کي لاڳيتو پنهنجي قبضي هيٺ رکندو آيو آهي. ان ئي مُلي، ڀائي، پادريءَ وغيره جي هر عقيدي کي اهو روپ ڏنو جو هر دين ڌرم جي سموري پرچار سندس ئي طبقاتي مفادن جي سنڀال ۽ انهن کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ ڪتب اچڻ لڳي.

حاڪم طبقو غلامداري سماج ۾ "آقا" سڏبو هو. جاگيراداري سماج ۾ "جاگيردار" سڏبو آهي ۽ سرمائيداري سماج ۾ "سرمائيدار" ـــــ جيڪي پنهنجن پنڊتن، ڀلاوڻن، چاڙتن، جاسوسن، فوجن، پوليسن، قانونن، ڪورٽن، قيدخانن جي لوڌ ۽ ٽيڪ جي زور تي پنهنجو مفاد برقرار رکندا پئي آيا آهن.

بين الاقوامي سطح تي سرمائيدار ملڪن جو ڦورو حاڪم طبقو ۽ انهن جو هن وقت عالمي اڳواڻ آمريڪي سامراج ۽ ملڪي يا قومي سطح تي هر ملڪ يا قوم جا سرمائيدار، جاگيردار ۽ آقا پنهنجي سڄيءَ لوڌ سميت سڄيءَ دنيا ۾ ڦورو نظام جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ، پنهنجي ڦرلٽ، حاڪميت، بالادستي، ظلم، ڏاڍ، ناحق، ڪوڙ، ڪيس، ڪدورت، ٺڳيءَ، مڪاريءَ ۽ بدمعاشيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ۽ ان کي ديني، ڌرمي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ نيڪ نالن هيٺ غليظ جماعتون ٺاهي ويٺا آهن. انهن پاران نيڪيءَ، سلڇڻائيءَ، سيبتائيءَ، سڀاجهائيءَ، سونهن، سچ ۽ حق جي هر پرچار جو بس هڪ ئي مطلب آهي ته ڪيئن به ڪري ڦورو نظام کي، ڦورو طبقن کي، ڦرلٽ کي، ڏاڍ ۽ ظلم کي برقرار رکيو وڃي، اهي سلڇڻن نالن جي چانوَ ۾ ڌرمي، انسان دوستي، جمهوريت وغيره جي هٺ ٺوڪي پچار ڪري هڪ ئي مقصد پورو ڪن ٿا ۽ اهو مقصد آهي ڦورن جو بچاءُ.

جڏهن ته بين الاقوامي توڙي قومي سطح تي پورهيت عوام لاءِ سچ، حق، انسان دوستي، امن، ڀائيچارو، برابري، سونهن، سلڇڻائي، سيبتائي، سڀاجهائي اها آهي ته جيڪو ڪيڙي سو کائي، ڪنهن به ماڻهوءَ کي اهو وجهه ملڻ نه گهرجي ته هو ٻي جي پورهيي تي ٺڳي، جيئي ۽ ڏاڍائي ڄمائي. حقيقت جيئن آهي تنهن کي تيئن بيان ڪيو وڃي.



ڦورو طبقن لاءِ برابريءَ جو مطلب آهي پورهيتن ۽ مظلومن جي ڦرلٽ ۾ برابر ونڊ ۽ ڀاڱو. جڏهن ته پورهيت طبقن لاءِ برابريءَ جو مطلب آهي جيئڻ جي جتن ۾ وس-پڄڳي هڪ جيترو هٿ ونڊائڻ ۽ هر ماڻهوءَ جو پنهنجي گهرج موجب حصو هئڻ.

ڦورو طبقن لاءِ امن جو مطلب آهي سندن ڦرلٽ جي نظام کي ڊاهڻ تي پابندي ڪا به اهڙي جدوجهد، سوچ يا سڏ جيڪا سندن بدتر ڦورو نظام کي ڊاهيندڙ ثابت ٿيندي ان کي وڳوڙ سڏيندا ۽ هڪدم امن امان جا ڪوڪرا ڪرڻ لڳندا (فرينچ ۽ آمريڪي سامراج، ويٽنام ۾ عوامي جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ "امن قائم ڪرڻ" جا لفظ ڪتب آڻيندا هئا). ڦورو طبقا جيڪا به جنگ مڙهيندا آهن اها "امن قائم ڪرڻ" لاءِ هوندي آهي. اهي هٿيار به "امن قائم ڪرڻ" لاءِ ٺاهيندا ۽ وڪرو ڪندا آهن. اهي سمجهندا آهن ته هٿيارن ۽ ڏاڍائيءَ جي برتري سندن پسند جو "امن" قائم ڪري سگهندي. گار سامراج جو نمائندو ريگن جڏهن ڌرتيءَ تي هٿيارن جي برتري ڪري نه سگهيو تڏهن خلا کي به هٿيارن جي ڊوڙ لاءِ ڪتب آڻڻ جو پهه ڪيائين ۽ سڏيو ويندڙ "اسٽار وار پروگرام" رٿي، ان لاءِ ڪربين رپين جي بجيٽ (خرچ ڪپو) ٺهرايائين ۽ خرچ ڪرڻ لڳو. جڏهن ته پورهيت عوام لاءِ امن جو مطلب آهي سڀ کي سڀاجهائيءَ سان جيئڻ جو حق هئڻ، هٿيارن جي ڊوڙ ۽ وجود ختم ڪرڻ، سڀني ماڻهن لاءِ امن، ڪنهن به ماڻهوءَ جي مٿان ڪنهن به ماڻهوءَ جي برتري، حاڪميت، ڏاڍائي نه هئڻ.

ڦورو طبقن لاءِ آزاديءَ جو مطلب آهي ڦرلٽ جي آزادي، جنهن جو ڪائن پڇاڻو نه ٿئي، جنهن لاءِ ڪين ڪا به جهل پل ئي نه هجي، جيئن وڻين تيئن ڪن، پر پورهيت عوام لاءِ آزاديءَ جو مطلب آهي جيئڻ جي آزادي، ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ، سوچڻ، سمجهڻ، حق کي حق ۽ ناحق کي ناحق، سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ جي آزادي ۽ ڪوڙ ۽ ڦرلٽ جي بنياد تي ٺاهيل ٺوڳي سرشتي کي سدا لاءِ تباهه ڪرڻ جي آزادي، قدرت جي مهيا ڪيل مال ۽ نعمتن ۾ هر ماڻهوءَ جي ڀاڱي ڀائيواري.

ڦورو طبقن لاءِ انسان دوستيءَ جو مطلب آهي سامراجين، سرمائيدارن، جاگيردارن، آقائن ۽ سندن ٻولڙين کي جيئن وڻي تيئن ڪندو رهڻ جي ڇڏڇوٽ. ان جي بدمعاشين ۽ رهزنين جي رنڊڪ ڪرڻ بدران انهن جو چاپلوس، پوئلڳ ۽ پرچارڪ ٿي جيئڻ، جڏهن ته پورهيت عوام لاءِ انسان دوستيءَ جو مطلب آهي سڀني انسانن لاءِ اتساهه، ماڻهپو ٻي جي ڏکيائن جو خاتمو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي

مصيبت ۾ مبتلا نہ ڪرڻ، پر ان لاءِ ٻاجھہ ۽ مهر ڀريو من رکڻ ۽ ان جا ڏک سور دور ڪري ڪيس سک سڻائي مهيا ڪرڻ.

”ڏٽيءَ“ بابت ئي ڏسو تہ ڦورو طبقن ڪيئن نہ نوڳي چار ڀڪيڙي چڙيو آهي. ڏٽي تہ سڀ جو ڏٽي، پر ڦورو طبقي جا ماڻهو ڀلي بدمعاش، رهزن، ڀاڙاريدار، جوئاري، لچ ، لوڀي، ظالم ۽ سوئر هجن پر ”ڏٽيءَ“ کين ڊگهو رسو ڏئي ڇڏيو آهي! حق حساب ونڊ جو پورهيت عوام کي ڪو بہ حق ناهي، اهي مرندا، ترڪندا، جيئن تيئن جيئندا رهن، ڀلي ڪِنجهن ۽ ڪُرڪن پر ظالم ۽ ڦوروءَ کي ڪجهہ بہ نہ چون. انهن کي ”ڏٽيءَ“ نوازيو آهي، ”ڏاتار جي ڏني تي توهان آهنجا چو ٿا ٿيو!“، ”ڏي بہ اهو، وٺي بہ اهو، توهان چو ٿا ڪِر ڪِر ڪريو“، ”حق حساب پاڻ ئي ٿيندو، هِتي (دنيا ۾) نہ تہ هُتي (”قيامت“ ڪان پوءِ، خدا وٽ!)، يعني هنن لوفرن، ڦورو بدمعاشن ڏٽيءَ کي بہ پنهنجي پاسي، پنهنجو ”نوازيندڙ“ ڪري ڇڏيو آهي. ڏٽيءَ انهن ڦورن کي ئي ڊگهو رسو ڏنو آهي، ان ئي پورهيت عوام جو جيئڻ، کائڻ پيئڻ تنگ، بيوس ۽ لاچار ڪيو آهي ـــــ (ڦرلٽ جو سمورو ڏوهہ پاڻ تان ڏٽيءَ تي وجهي ڇڏيو اٿائون ـــــ اهڙا تہ سوئر آهن اهي ڦورو طبقا) ـــــ ۽ مُلن، پنڊتن، پادرين جي لوڏ وري اها ئي پرچار ڏيني ڏرمي پستڪن جي حوالي سان ويٺي ڪري.

دنيا، سماج، ذهن بابت عام طرح هر تصور، هر سوچ تي ظالم ڦورو حاڪم طبقن ۽ مظلوم ڦريل محڪوم طبقن جي نڪتي نظر ۾ ايڏو ئي فرق آهي جيڏو ظالم ۽ مظلوم ۾، ۽ اهو فرق تيستائين رهڻو آهي جيستائين ڦورو سماج ۽ ذهن موجود آهي. دنيا بابت هر ماڻهوءَ جو نڪتي نظر ورهايل آهي، اهو يا تہ ڦورو طبقن جي حمايت ۾ آهي يا پورهيت طبقن جي حمايت ۾.

جيڪو بہ ماڻهو اوهان يا ٻي ڪنهن سان بہ، ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهہ ٻول ڪري ٿو، ان ڳالهہ ٻول جي ڇنڊڇاڻ ڪريو، توهين سمجهي سگهندا تہ انت ان جو مطلب ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي مفادن جي حمايت ۾ هوندو. ڦوروءَ جو نڪتي نظر خيالي آهي، وهمي آهي، غير سائنسي آهي، ڪوڙو آهي، بگڙيل آهي، هٺ ٺوڪيو آهي ۽ ان جو آخري مطلب آهي ڦورو نظام جو بچاءُ. جڏهن تہ پورهيت جو نڪتي نظر حقيقي آهي، حقيقتن تي ٻيڻل آهي، سائنسي آهي، سچو آهي، سنواريل آهي، صحيح آهي ۽ ان جو آخري مطلب آهي ڦورو نظام جو خاتمو، انساني آزاديءَ، امن، ڀائيچاريءَ، برابريءَ، ٻاجهہ، مروت، ماڻهپي سان جيئڻ ۽ دنيا، ڪائنات، قدرت ڏانهن حقيقي رويي جو قيام.



اڄوڪي دنيا جا ماڻهو ٻہ نڪتي نظر رکندڙ آهن.

هڪڙو نڪتي نظر ڦورن، ظالمن، سرمائيدارن، سامراجين، جاگيردارن، آقائن، رجعت پرستن (پراڻڪن)، خيال پرستن (وهمين) ۽ انهن جي پاليل لوڏ جو نڪتي نظر آهي جيڪو ڦرلٽ، ظلم، ڏاڍائي، لچائپ ۽ لوڀ قائم رکڻ گهري ٿو ۽ دنيا، سماجُ، ذهنُ جيئن حقيقي طرح آهي ان کي ايئن بيان نہ ٿو ڪري پر بگاڙي، ڪاري، ڪوڙو ڪري غير سائنسي نموني پيش ڪري ٿو. ان جي پسند ۽ ناپسند بہ پنهنجي ڦورو مفادن جي نگهبانيءَ هيٺ ٺهي ٿي.

ٻيو نڪتي نظر پورهيتَ، مزدورَ هاريءَ، مظلومَ واڌارڪَ (ترقي پسند)، سچار ۽ انهن جي نگهبان سرويچن جو نڪتي نظر آهي جيڪو ڦرلٽ، ظلم، ڏاڍائيءَ، لچائپ ۽ لوڀ کي ختم ڪرڻ گهري ٿو ۽ دنيا، سماجُ، ذهنُ جيئن حقيقي طرح آهي ان کي ايئن بيان ڪري ٿو ۽ سچائيءَ سان سنواري سائنسي نموني پيش ڪري ٿو. ان جي پسند انساني آزادي، امن، ڀائيچاري، ڀائپيءَ، سلڇڻائيءَ، سونهن، سادگيءَ، سٻاجهائيءَ ۽ سچ جي حقيقي ڪسوٽي سان ٺهڪندڙ آهي.

ڦورن جي پسند ۽ ناپسند هڪڙي آهي، تہ پورهيت عوام جي ٻي.

ڦورن جي پسند ۽ ناپسند کي گذريل هزارين سالن ڪان ڦورو طبقن جا نمائندا مختلف مِٽن، وٽندڙ چلڪندڙ من موهيندڙ وقتي ويچاريندڙ ۽ وقتي لالچائيندڙ لفظن سان سينگاري پيش ڪندا پئي آيا آهن. اهي ماڻهن جي اڻڄاڻائي، اٻوجهائي کي پنهنجي جهالت ڀري پٽاڻ، وسيلي وهم ۽ ويساهہ، وسوسي ۽ سوداءَ جو روپ ڏين ٿا، انهن ويهي پستڪ لکيا، ڪتاب جوڙيا، ڊيگهہ بازيون، لٻاڙون ۽ هٺ ٺوڪيون ڳالهيون ڪيون، انهن عام ماڻهوءَ کي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ شيون ۽ لقاءَ اهڙي نوڳي انداز ۾ پيش ڪيا جيئن ڦورو نظام کي سگهہ ۽ سهارو ملي سگهي، جنهن جون انهن ٽِڪيون پئي ڪاڏيون. انهن ڦورن جي پسند کي ديوين ديوتائن جي پسند پئي ٻڌايو ۽ انهن جي ناپسند کي ديوين ديوتائن جي ناپسند سڏي بيان ڪيو، پر جيڪڏهن ديوين ديوتائن جي ڪنهن پسند موجب ڦورن هلڻ نہ پئي گهريو تہ پوءِ ڊگهي رسيءَ جي ڊيگهہ بازي ڪري ”ٻيءَ دنيا“ ۾ پڇاڙي جي پچار پئي ڪئي.

هر ڦورو بدمعاش ۽ انهن جو لوڀي نوڳي نمائندو هر طرح، هر لفظ وسيلي اها ئي تلقين ڪندو رهي ٿو تہ ڦورن ۽ ظالمن کان حق حساب ونڊ جي ڳالهہ نيڪيءَ ۽ خلوص جي ديوين ديوتائن تي ڇڏي ڏيو جيڪي ٻي دنيا (ديوتائن جي دنيا) ۾ انهن ڦورن ۽ ظالمن سان ڪا بہ رعايت نہ ڪندا ۽ توهان کي چڱاين ۽ نيڪين جو اجورو

پلڻ وجهندا.

جيڪڏهن ڪو انهن جي پچار جي پوئلڳي ڪندي سندن چئي آکي ۾ هليو پئي ۽ "ديوتائن جي پسند" موجب حياتي پئي گذاري ته ان کي آئيندي ڇوٽڪاري جي خوشخبري، خوشيءَ، آزاديءَ ۽ عيش جون خبرون پئي ٻڌايون ۽ ان لاءِ نينهن پريو نياپو هو پر جيڪڏهن ديوتائن جي ناپسند واري راهه تي ورتي ته ان لاءِ عذاب، اذيت ـــــ باهه ۾ ساڙڻ، نانگن بلائن کان ڏنگرائڻ، پونءِ پيئارڻ، ڪڙهيل پاڻي هارڻ وغيره ـــــ جو هيبتناڪ پڙ پيدا ڪيو ويو.

ماڻهوءَ جي ذهني خوشيءَ لاءِ هڪ واٽ ناهي وئي. ديوي ديوتائن جي چئي آکي ۾ هلڻ، انهن کي خوش رکڻ، انهن کي نه رنجائڻ، انهن جي پوڄا پاٺ ڪرڻ، انهن جو ٻانهو ٿي گذارڻ، انهن لاءِ پيٽائون ڏيڻ، پنهنجو "نفس" مارڻ يعني پنهنجي "حيواني" گهرجن (کاڌي پيتي، اجهي ۽ ذاتي خوشي وغيره) کي دٻائڻ ئي نه، پر تياڳي ڇڏڻ ۽ ان کري وهم ويساهه موجب آئيندي ملندڙ خوشين جو ڪٿيو ڪاٺ ۾ ئي ذهني خوشيءَ، روحاني خوشيءَ جو راز رکيو ويو. ان سڄي پٽاڻ جو مطلب اهو هو ته هن ڌرتيءَ تي جيڪو اوهان جي ڦرلٽ ڪري ٿو، جيڪو ظلم ڪري ٿو، اوهان مٿان ڏاڍائي مڙهي ٿو ۽ اوهان جو پورهيو کسي ٿو ان کي ڪجهه نه چئو، ان کي ڏگهو رسو مليل آهي، جڏهن اهو ڏگهو رسو سُسِي سرڪڻ ڦاهي ٿئي تيستائين اوسيئڙو ڪيو، بکن ۾ پاهه تي مري وڃو پر ڪُڇو ڪجهه به نه. رڳو وينا ديوتائن جي ٻانهپ ڪيو. پيٽائون ڏيو ۽ انهن کي خوش رکو. اهڙيءَ طرح ڦورن جي پسند ظاهر ڪري ان کي عوام جي پسند بنايو ويو. (سچ ڳالهائڻ سني ڳالهه، ظالم برابر ظلم ڪري ٿو پر ان کي ڪجهه چوڻ/ڪرڻ جو وس اوهان کي ناهي. ان کان "ٻي دنيا" ۾ حق حساب ورتو ويندو ـــــ اهڙا سوين ڏٽا ناهيا ويا. هي رڳو هڪ مثال آهي.)

جيڪو ماڻهو "ديوتائن جي پسند" تي هليو ٿي ان لاءِ روحاني خوشين جون خوش خبريون هيون ۽ هزارين سالن کان هزارين لک ماڻهو انهن خوشين کي هٿ ڪرڻ جي آسري ۾ اذيتون ۽ عذاب سهي پنهنجو ڏينگو ڏيري ڪري، گهر، مسيت ۽ پاڻ فنا ڪرائي ويا.

پسند ۽ ناپسند جو هڪ وڌو چار ناهي ماڻهن جي ذهنن ۾ ويهاريو ويو جنهن ماڻهوءَ "پسند" موجب ڪم، عمل، ڳالهيون پئي ڪيون ان لاءِ ذهني خوشي ۽ ڇوٽڪارو هو ۽ جنهن "ناپسند" موجب ڪم، عمل، ڳالهيون پئي ڪيون ان لاءِ اذيت ۽ قيد هو.



پسند موجب عمل، ڳالهه ئي ذهني خوشي ڏيندڙ آهي ۽ ذهني خوشيءَ کي ئي روحاني خوشي چئجي ٿو. ڪو به عمل، ڪا به ڳالهه جيڪا روحاني خوشي پيدا ڪندڙ آهي ان کي جاچي ڏسو ـــــ روحاني خوشي ذهني خوشيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

اسين ماڻهو جيڪي رڳو ڦورو ۽ ظالم کي ئي نه پر ڦرلٽ ۽ ظلم کي ۽ انهيءَ ڦورو ظالم سرشتي کي تباهه ڪرڻ گهرون ٿا. انهن لاءِ روحاني خوشيءَ جو معيار اهڙو ڪريل، غليظ، سوڙهو ۽ پتڪڙو ناهي. اسين ته سڄيءَ انسانذات کي ڏکن، ڏولائن، ڏوجهرن مان ڪڍي سچ، سونهن، سوڀ، سگهه، سرت، ساڃاهه، ساپيا جي راهه تي وٺي هلڻ گهرون ٿا. اسان جي خوشي ان ۾ آهي ته گهٽي کان گهٽا ماڻهو سڄي انسانذات سُکي، سلامت ۽ سوپياوان هجي.

ڦورو ۽ ظالم به ماڻهو ٿئي ٿو ۽ اهو ڪجهه نه ڪجهه ڄمار کان پوءِ مري وڃي ٿو پر جڏهن کان ذاتي ملڪيت ۽ طبقاتي سماج وجود ۾ آيو آهي تڏهن کان ڦرلٽ ۽ ظلم نه مُئو آهي، اسين ظلم ۽ ڦرلٽ کي مارڻ گهرون ٿا. اهي وسيلا، موقعا ۽ سرشتا ئي فنا ڪرڻ گهرون ٿا جنهن جي آڌار تي ڦرلٽ ۽ ظلم ٿي سگهي، اسين سڄي انسانذات جا گهڻ گهرا ۽ هڏ ڏوکي آهيون. اسين پورهيت آهيون ۽ حياتيءَ جي سک ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ تيار آهيون.

ڦورن جا نمڪ حلال تهمت هڻن ٿا ته پورهيت مفادن جا پرچارڪ "روحاني خوشيءَ" تي پروسو ئي ڪو نه ٿا رکن، اهي رڳو کاڌي پيتي، اٽي لٽي اجهي، گرم گوشت ۽ شراب جا شوقين آهن. انهن وٽ ڪي به انساني اخلاق، قدر ۽ روايتون ڪونهن ۽ ان سان گڏ دنيا جون سوين هزار گاريون ڏيندا رهن ٿا ۽ پاڻ ۽ پنهنجن آقائن کي دنيا تياڳي رڳو "ٻي دنيا" جي خوشين لاءِ ڪم ڪندڙ پيا ظاهر ڪن.

اسين برابر وهمن، وسوسن، ديوين، ديوتائن ۽ انهن سان واسطيدار ٻڌايو ويندڙ دائمي "ساهه" ("روح") واري غير سائنسي تصور کي غلط ۽ بي بنياد سمجهون ٿا ۽ برابر اهو به چئون ٿا ته جن ماڻهن جو پورهيو کسي جيئڻ جا وسيلا تنگ ڪيا ويا آهن انهن کي حياتيءَ جون بنيادي گهرجون ۽ سهولتون پرپور نموني ملڻ گهرجن.

پر گرم گوشت، عورت، شراب، جوئا، بدمعاشي، ننگي، لوڀ جو پوڄاري ۽ ان لاءِ ويندي هر گندي ۾ گندو ۽ ڪريل ڪم ڪندڙ انساني ڪوس ڪرائيندڙ ڪير آهي؟

جيڪي لونيا بي حيائي ڪري، پورهيت عوام جي نمائندن تي اهڙا الزام مڙهن ٿا انهن کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته سائنسي نڪتي نظر رکندڙ پورهيت مفادن

جي نگهبان ماڻهن کي پوريءَ طرح سجاڳ ٿئي اڃا 100 سال مس ٿيا آهن (۽ ان کان اڳ جيڪي بہ اهڙا سڀاجها ۽ سلڇڻا ماڻهو پيدا ٿيا انهن کي بيوس ۽ لاچار ڪري رکيو ويو ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ اڄ بہ قيد ۽ بند جون اذيتون موجود آهن). جڏهن تہ دنيا جو هر بڇڙي ۾ بڇڙو ۽ غليظ ڪم هزارين سالن کان سندن آقا، جاگيردار ۽ سرمائيدار ۽ انهن جا جوڙيوال ڪندا رهيا آهن. اهي ڦورو بدمعاش ۽ ظالم انسانذات جي روشن نراڙ تي ڪارهہ جو ٽِڪو آهن.

باقي جيستائين انساني اخلاق، يگاني قدر ۽ اعليٰ روايتن جو تعلق آهي تہ پورهيت عوام کان وڌيڪ ڀيو ڪير آهي جو ان کان سٺا مثال پيش ڪري سگهي؟

جيڪي ماڻهو ڦورن، ظالمن، بدمعاشن، ٺوڳين ۽ جنگ بازن جو سرشتو قائم رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا هجن اهي ڪيڏا بہ اڇا اجرا ۽ سيبتا نظر اچڻ جي ڪوشش ڪن، پر بنيادي طرح انهن کان وڌيڪ بد اخلاق، بد نيت ۽ بي قدرا ٻيا ڪهڙا ماڻهو ٿي سگهن ٿا! جيڪي ماڻهو پنهنجون حياتيون رڳو غاصبن جي مفادن لاءِ خرچ ڪريو ڇڏين انهن جو اخلاق ۽ قدر ڪهڙو هوندو، اهي تہ ڏاڍا خسيس، ڪريل ۽ ڪمينا ماڻهوئي ٿي سگهن ٿا.

ڪيڏا نہ اتم، اعليٰ، سٺا، سيبتا، سلڇڻا ۽ سوڀياوان آهن اهي ماڻهو جيڪي پنهنجون حياتيون، خوشيون ۽ ملڪيتون سڄي مظلوم ۽ محڪوم انسانذات جي ڇوٽڪاري لاءِ خرچ ڪريو ڇڏين. اهي ظلم، ڏاڍايون، قيد ۽ بند جون تڪليفون رڳو ان ڪري سهن ٿا تہ جيئن ڦريل، محڪوم، مظلوم ۽ مسڪين ماڻهن کي ڏاڍ، ڏک ۽ ڏوجهري جي اذيتن مان ڪڍي انهن کي ڀائيچاري، برابريءَ، سک، سلامتيءَ، امن، پيار، مهر ۽ وفا جو ماحول مهيا ڪري ڏين.

مارڪس جيڪڏهن پنهنجي وقت جي حاڪمن ۽ ماحول سان ها ۾ ها ملائي ها تہ پروفيسر ٿيڻ سندس لاءِ ڪجهہ ڏکيو نہ هو ۽ عياشيءَ جي نہ، تہ بہ سک جي حياتي ضرور گذاري سگهي ها، پر هن پنهنجي سڄي حياتي مفلسي، ڏک ۽ اوني ۾ گذاري ڇڏي، بيماريءَ ۾ علاج جي اڻهوند سبب پنهنجين ٻن ڌيئرن جي موت جو صدمو سَٺو پر غريبن، مزدورن، سڄيءَ دنيا جي پورهيتن کي اڻهوند، بيوسيءَ، اٽڪاٽائيءَ ۽ ڦرلٽ جي ڄار مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ علمي کوجنا ۽ عملي جدوجهد ڪندو رهيو. تان جو سندس لاڏاڻو بہ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ٿيو پر مارڪس جي پسند غلاميءَ جي حياتي گذارڻ نہ هئي، هو غلاميءَ جو سڀ کان وڏو دشمن هو. هن جي پسند، ذهني اطمينان، روحاني خوشي سندس هن قول ۾ لڪل آهي تہ خوش



اهو آهي جيڪو ٻين (گهٽي کان گهٽ) ماڻهن کي خوش رکي (يا انهن جي خوشيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي).

جيني ـــــ مارڪس جي لاڏلي ۽ پرين زال ـــــ وقت جي پرڏيهي وزير جي ڀيڻ، ”خوشحال“ حياتيءَ لاءِ ڀاءُ جي آڇ باوجود چيو تہ هن مارڪس (۽ ان جي نظرين) سان شادي ڪئي آهي ۽ مارڪس ئي سندس سڀ ڪجهہ آهي. بي مثال پيار ۽ پاٻوهہ جو مجسمو هئي جيني ويسٽ فالين.

اينجلس ـــــ مارڪس جو اٽُٽ ساٿي، سنگتي، پڳ مٽ ياريءَ ۽ ايثار جو جيئرو ثبوت ـــــ چاهي ها تہ پيءُ جي ڪارخانن جو مالڪ ٿي ”فرسٽ ڪلاس“ حياتي گذاري سگهي ها پر هن کي بہ غلاميءَ ۽ ڦرلٽ جي حياتيءَ لاءِ بي پناهہ ڌڪار هئي. هو مرڻ گهڙيءَ تائين پورهيت نظريي ۽ پورهيت عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ اَٽُمئي جدوجهد ڪندو رهيو.

لينن ـــــ تعليمي اداري جي ڊائريڪٽر جو پٽ. سندس گهر ۾ هر پنجن ڏينهن لاءِ هر ڏينهن هڪ نئين ٻوليءَ ۾ ڳالهہ ٻول ٿيندي هئي ۽ ننڍپڻ کان ئي لينن کي پنج ٻوليون ـــــ روسي، لئٽن، يوناني، جرمن ۽ فرانسي ـــــ چڱيءَ طرح ڳالهائڻ ايندڀون هيون. لينن لاءِ چالو حياتيءَ جون سڀ آسائشون ماڻڻ ڪو اوکو ڪم نہ هو. پر هن مرد مٿير پورهيت عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ پنهنجي سڄي حياتي سيڙائي ڇڏي ۽ نوبت وڃي اتي پهتي جو زار حڪومت هوڪو ڏياري ڇڏيو هو تہ جتي بہ لينن نظر اچي ان کي گولي هڻي ماريو وڃي.

پنهنجي مقصد ـــــ پورهيت عوام جي ظلم مان ڇوٽڪاري، ڀائپي، برابري، آزادي، امن، جمهوريت، انسان دوستيءَ ۽ ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جي ڦرلٽ کان پاڪ راڄ قائم ڪرڻ ـــــ لاءِ پورهيت عوام جا لکين اورچ سرويچ سورهيہ انهيءَ راهہ جا پانڌي هئا. هنن عام حياتيءَ ۾ ڏک سور کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڏٺو، قيد لوڙيائون، سزائون سَٺائون، ويندي موت مهل اکين تان ڪاري پٽي لاهي ڦٽي ڪيائون ۽ ڌرتيءَ جي مهاين جو ماڻُ مٿاهون ڪندي مرڪندي مري ويا پر پنهنجي اڏول ارادي تان تِرُ جيترو بہ نہ هٽيا. هنن جي خوشي ان لڪ ۾ لڪل هئي تہ جيڪڏهن اسين پاڻ نہ تہ اسان جا پويان ئي سهي پر آزاديءَ ۽ امن، خوشحاليءَ ۽ خوشيءَ، پيار ۽ پاٻوهہ جو مٺيادار ميوو چکندا. هتي سِسِي گهورڻ، سر جو سودو ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهہ ئي نہ هئي:

سِـــســـي ســـــي گُهــــرن، جـــي واٽيـنــــدڙ وچ ۾،
اوءِ ڪـــي ڀيـــو پچـــن، جنـــين ســـرو ســـنبا هيو.

فاضل راهو ـــــ سنڌ جو سنڌين جو، سنڌي پورهيت عوام جو املهه ماڻڪ ـــــ چاهي ها ته ڇا سنڌي وڏيرن واري چالو حياتي نه پئي گذاري سگهيو؟ پر هن مرد مٿير جي روحاني خوشيءَ جي رمز انهيءَ ۾ لڪل هئي ته سنڌي پورهيت عوام، پاڪستان جي مظلوم قومن جي پورهيت عوام ۽ مجموعي طرح پاڪستان جي مظلوم عوام جي ڇوٽڪاري واري حقيقي راهه جو پانڌيئڙو ٿي جيئجي. هو اهو رند هو جنهن اونهي اسرار کي پروڙي ورتو هو. ڪيس وِهُه ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيلن ۾ بند رکيو ويو، عياش حياتي گذارڻ لاءِ هِرڪايو ويو. هو صوبائي توڙي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر به ٿي سگهيو پئي پر سندس پاند پنهنجن ويڙهيچن سان هو. هن رواجي وڏيرڪي حياتيءَ، داداگيريءَ، پاٽاريداريءَ، ارهه زورائيءَ ۽ غداريءَ کي ٺُڪ هڻي ڦٽو ڪيو ۽ پورهيتن سان پورهيت ٿي ساٿ ڏنائين ۽ نيٺ شهادت ماڻيائين.

لطيف سائينءَ انهن ظاهري طرح روحانيت پرستن (سرمائيدارن، جاگيردارن، بادشاهن، شهنشاهن، مُلن، پيرن، پنڊتن، پادرين ۽ پاڻ کي خدا جو پاڇو سڏائيندڙن) کي منهن ۾ موسيٰ جهڙو اندر ۾ آذر (ابليس) چئي ننديو هو. اِهي اُهي آهن جيڪي دعويٰ ٿا ڪن ته اهي سڄي حياتي پنهنجي روحاني مقصد لاءِ وقف ڪريو ويٺا آهن پر سندن سمورا ڪم ابليس وارا آهن.

آمريڪي سامراج اڄ پاڻ کي سڄي دنيا ۾ امن، انسانيت، ڀائيچاريءَ، آزاديءَ ۽ برابريءَ جو علمدار ٿو سڏرائي پر سڀ ماڻهو سامراجين ۽ سندن لوڌ جا ڪرتوت چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. ساڳيءَ طرح آمريڪي سامراج جو پِنو ضياءُ ڪيڏو ڪوڙو هو ۽ سندس حڪومت دوران اسلام ۽ پاڪستان جي آڙ ۾ ڪيڏا ڪيس ٿيا، ان کان سمورا سنڌي سٺيءَ طرح واقف آهن.

هڪڙا ماڻهو اهي آهن جيڪي ڦرلٽ ۽ ظلم جا حامي آهن، اهي سرمائيدارن، جاگيردارن، سردارن، سامراجين جا حامي آهن ۽ انهن جو نظام قائم ڪرڻ لاءِ علم، قلم ۽ تلوار وسيلي جدوجهد ڪن ٿا.

ٻيا ماڻهو اهي آهن جيڪي ڦرلٽ ۽ ظلم خلاف مزورن، هارين، غريبن ۽ پورهيتن جا حامي آهن ۽ اهڙو راڄ قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو علم، قلم، سگهه ۽ ساهه گهوري رهيا آهن جنهن ۾ حقيقي طرح امن ۽ ڀائيچارو قائم هجي، جتي ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جي ڦرلٽ نه هجي، جتي ڪو به ڏاڍو ۽ داداگير نه هجي پر ڀائرن سان ڀاءُ ٿي گذاري سگهجي.

توهان ڪهڙي پاسي؟

ڇا توهان ڪڏهن پنهنجي پسند، پنهنجي خوشيءَ جي معيار جي جاچ ڪئي آهي؟



اڄ ويهي ڏيان سان جاچ لهو. هر اهو ڪم جنهن تي توهان کي اندروني اطمينان، ذهني خوشي، روحاني راحت ملي ٿي يا جنهن تي اوهين ارها ٿيو ٿا، انهيءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪريو ۽ پوءِ ڏسو ته توهان جو تن من ڪنهن سان ڳنڍيل آهي: پورهيتن سان يا ڦورو ظالمن سان ۽ هر ماڻهوءَ، ٽولي، جماعت يا پارٽيءَ جي ڪردار جو جائزو وٺو ته حقيقي طرح اهي ڪنهن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن ـــــ ظالمن لاءِ يا مظلومن لاءِ، ڦورن لاءِ يا ڦريلن لاءِ.

۽ پوءِ نبيرو ڪيو ته توهين ڪهڙي راهه وٺڻ گهرو ٿا ـــــ ظالمن واري يا ظلم مان ڇوٽڪاري ۽ ڀائيچاري واري.

انقلابي پورهيت نظريي جا مخالف چون ٿا ته جيئن ته هي نظريو روح جو انڪار ڪري ٿو، تنهنڪري اهو ماڻهوءَ جي روحاني دنيا، روحاني خوشيءَ کان به انڪار ڪري ٿو. اهي تهمت هڻن ٿا ته انقلابي پورهيت نظريي جا پوئلڳ روحاني مُلهه کي نه ٿا مڃن ۽ رڳو مادي واد مُلهه کي مڃن ٿا.

ڇا واقعي ايئن آهي؟

نه، اهو انقلابي پورهيت نظريي خلاف زبرو ڪوڙ آهي.

انقلابي پورهيت نظريو پر اسرار، لافاني، وهمي، ديوتائي ”روح“ جي وجود کان ته برابر انڪار ڪري ٿو، پر اهو ڪڏهن به ماڻهوءَ جي اندرين روحاني دنيا، ذهني دنيا جي وجود کان انڪار ڪو نه ٿو ڪري.

هڪ جابر ۽ ظالم آڏو سچ ڳالهائڻ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ زبردست روحاني خوشي پيري ڇڏي ٿو. جڏهن ته ٿي سگهي ٿو ته ان ڪري کيس پنهنجو سر وڃائڻو پئجي وڃي. ڪير آهي جنهن دنيا جي وڏي ۾ وڏن جابرن ۽ ظالمن، ڦورن ۽ داداگيرن آڏو نه رڳو سِيس نه نوايو هجي، پر انهن خلاف انهن جي هار تائين جنگ به ڪئي هجي؟ ڇا زار شهنشاهي کي ڊاهي پورهيت راڄ قائم ڪرڻ، ويٽنام ۾ فرينچ ۽ آمريڪي سامراجين ۽ ويٽنامي غدار حڪمرانن کي ڪنن ۾ پادر ڏياري ڇڏڻ ۽ پورهيت عوام جو پاڻ پرو قومي عوامي جمهوري راڄ جوڙڻ، چين ۾ چيني جنگ باز سردارن، جپاني ڪاهيندڙن ۽ ٻين پرمارن کي لوڏي ڇڏڻ ۽ عوامي راڄ ٽاهڻ، اتر ڪوريا، ڪيوبا، ڏکڻ يمن، انگولا وغيره ۾ پورهيت عوام جون پرمار ۽ ڏيهي ڦورو قوتن جي چنبي مان نجات کان به وڌيڪ سچار، سٺا، سيبتا ۽ سلڇڻا ڪم به ڪي ٿي سگهن ٿا؟

ماڻهوءَ جا ڏاڍا اهم گڻ، جيئن اميدون، ارادا، ايمان، جوش، جذبا، عقيدتون ۽ احترام، پيار ۽ پاٻوهه، سڪ ۽ سچائي، سڀ جو خير، خوشي ۽ خودداري وغيره، اهڙا

انيڪ نيڪ ۽ نازڪ احساس ماڻهوءَ جي روحاني دولت، روحاني دنيا، روحاني خوشي جوڙن ٿا.

روحاني دنيا جي ويڪر، گهرائِي ۽ پَڪائي سامراجين، سرمائيدارن، جاگيردارن، سردارن ۽ سندن ڇاڙتي لوڏ ـــــ ملن، پادرين، ٻاون وغيره ـــــ وٺ وڏيڪ آهي يا دنيا جي امن پسند، حق پرست، انصاف پرور، نجات ڏياريندڙ پورهيت عوام ۽ انهن جي سٿن وٽ؟

گذريل 22_سؤ سالن ۾ ٻاوَن، 20_سؤ سالن ۾ پادرين، 14_سؤ سالن ۾ مُلن، جن جي ماني ٽڪي، ساراهون ڪري، حڪومتون ٺهرائي، چمچاگيريون ڪري ماڻهن جا ڳَن پچائي ڇڏيا آهن، انهن مجموعي طرح عام ماڻهوءَ ـــــ عوام ـــــ کي بيچينيءَ، بيوسيءَ، جهالت، جنگ، لاچاريءَ، ڏک ۽ بک کان سواءِ ٻيو ڏنو ڇاهي؟ لڳ ڀڳ 10_هزار سالن کان جاگيرداري راڄ موجود آهي ۽ 6_سؤ سالن کان سرمائيداري موجود آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ حاڪم طبقن ۽ انهن جي ڪامورا شاهيءَ ۽ ڏرمي لوڏ انسانيت، امن، ڀائيچاري، محبت، خلوص، سچائي وغيره جي پچار پئي ڪئي آهي، پر اڄ بہ تاريخ پڙهي ڏسو تہ لکين ڪروڙ پورهيت عوام جي حالت ڇا پئي رهي آهي، اهي ڪڏهن بہ بک، بيماريءَ، ڏک ۽ ڏوجهري کان ٻاهر نہ رهيا آهن، جڏهن تہ حڪمران طبقا ۽ انهن جا نمائندا پاڻ کي ڏٽي، خدا جو پاڇو، اوتار ۽ اعليٰ انسان وغيره بہ سڏائيندا رهيا آهن.

ٻي پاسي رڳو سامراجي چنبي ۽ قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ جي ڄار هيٺ گذاريندڙ پر ان خلاف انقلابي پورهيت نمائندن جو مثال وٺو. هو جنهن پيار، پاٻوهہ، پنهنجائپ، جوش، جذبي، ڏِيا، ڏاهپ، سچائيءَ، سورهيائيءَ، سِڪ ۽ سرويچيءَ سان مظلوم پورهيت عوام جي چوٽڪاري ۽ خوشحاليءَ جو جيڪو پورهيو ڪري رهيا آهن ۽ ويندي پنهنجيءَ رت جو آخري ڦڙو بہ وهائي يا سر گهوري ڇڏن ٿا، ان جهڙي روحاني دولت سان ٻيو ڪير آهي جيڪو وڏيڪ مالامال هجي؟ هڪ هڪ من گهايل آهي پر پوءِ بہ انهن جو اندر ڏاڍو ويڪرو ۽ گهرو آهي، پيار، پنهنجائپ ۽ پاٻوهہ جي جذبي سان ٽمٽار آهي. هي انقلابي زمين کان آسمان تائين آنڌاري ٿي اٿن ٿا ۽ سماج جي ڪِن، ڦِٽ، ظلم ۽ ڦرلٽ کي ڏڪي، پري ڪڍي، ساڙي ناس ڪري، ماڻهن کي حقيقي ۽ هر طرفي آزاديءَ جو دولت سان مالامال ڪن ٿا. سندن روحاني خوشي ان ۾ آهي تہ سڄي انسانذات کي روحاني خوشي، روحاني آزادي، روحاني دولت ۽ روحاني راحت ملي.



## باب پندرهون

# سمجهہ جو مادي تي اثر

ڪا بہ سمجهہ، سوچ ۽ ڄاڻ، ڪو بہ خيال، ساهہ يا روح ساهواري وجود کان اڳ ناهي. هر ساهوارو وجود جن عنصرن جو ٺهيل آهي، جنهن جاءِ (ڌرتيءَ) تي وجود رکي ٿو اها ڌرتي جنهن سڄ سرشتي جو حصو آهي، سڄ سرشتو جنهن وڏي تارن جي سرشتي (ڳس) جو حصو آهي ۽ اهو (ڳس) جنهن (ڳسن جي اجا بہ وڏي) سرشتي جو حصو آهي اهو سڀ ڪجهہ مادي جو ٺهيل آهي ۽ مادو پنهنجن سمورن لقائن ـــــ خلا، چرپر، وقت، قد بت، ماپ معيار، ڳر، مهانڊي وغيره ـــــ سميت سمجهہ، سوچ، ڄاڻ، خيال، ساهہ يا روح کان گهڻو گهڻو اڳ، سدائين موجود آهي. مادي سبب، مادي جي ڦيرڦار سبب، مادي جي ڳٽن سبب حياتي (ساهہ) واري وجود جنم ورتو ۽ ساهہ واري وجود کان ڌار ساهہ، روح، خيال، ڄاڻ، سوچ يا سمجهہ پنهنجي سر، پاڻ مرادو وجود رکي نہ ٿي سگهي. مادو اڳ آهي ۽ مادي جي ڪري سوچ ٺهي آهي.

### ڇا سمجهہ جو مادي تي ڪو بہ اثر نہ ٿو پوي؟

هي جو سڄي ڌرتيءَ تي ترتيب ۽ رٿا سان باغ باغيچا، ٻنيون ٻارا، نديون نارا، وسنديون واهڻ، ڳوٺ ۽ شهر ٺاهيا ويا آهن، هي جو آسمان ڇهندڙ آڙ ماڙ جايون، هزارين ايجادون، سائنسي ڪرشما ۽ انساني ڪارناما موجود ٿي پيا آهن، هي جو اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، لئبريريون، ميوزم، موسيقيون ۽ فن فنڪاريون پيون ڏسجن ٻڌجن، هي جو ظلمَ، ناحقَ، فتني فسادَ، وهم جا ڪڙا ڪوٽ ڊاهي انهن جي بدران حق، انصاف، امن، ڄاڻ، ڀائپيءَ جا ميلا مچايا پيا وڃن. ڇا انهن ۾ سوچ سمجهہ جو ڪو بہ ڀاڱو پتي ڪونهي؟ اهي ڪنهن جا ڪارناما؟

اهي سڀ ماڻهوءَ سماج ۾ ماڻهوءَ جي مقصد پري سرگرميءَ، عمل، پورهيي جا ڪارناما آهن، ماڻهوءَ جي ذهني، تخليقي ۽ بدني ڪم جا ڪرشما آهن. انهن ڪارنامن، ڪرشمن ۾ سمجهه سوچ جو بہ ونڊ آهي، پر رڳو ٺلهي سوچ سمجهه ڪجهه بہ ڪري نہ ٿي سگهي. لڪين ماڻهو لک ڀيرا ويهي سوچن ۽ ويٺا سوچن تہ هيئن ٿئي يا هوئن نہ ٿئي، پر اهڙي سوچ جو ڪو فائدو ڪونهي. جڏهن سوچ کي عمل سان ملائجي ٿو، تڏهن ئي ڪو ڪارنامو، ڪرشمو ڪم ڪري سگهجي ٿو. اڄوڪي هر ڪم ۾ ماڻهوءَ جي جسم جو بامقصد عمل ۽ ماڻهوءَ جي دماغ جو تخليقي عمل (سمجهه) شامل آهي. سمجهه پيو ڪجهه بہ ڪري نہ ٿي سگهي سواءِ ان جي، جو مادي جي هڪ ڳيي جو هڪ روپ تبديل ڪري ٻي روپ ۾ آڻي ۽ اهو بہ تڏهن ممڪن آهي جڏهن مادي تي مادي جي وسيلن سان عمل ڪري.

سمجهه وسيلي ماڻهو پاڻ کي فائدو ۽ نقصان ڏيندڙ شيون/عمل ياد رکي ٿو، انهن مان ڪِن جي چونڊ ڪري ٿو، پاڻ عمل ڪري ٿو ۽ ٻين کي بہ ان جي تلقين ڪري ٿو.

ماڻهو دنيا، ڪائنات، ڌرتيءَ ـــــ مادي ـــــ ۽ ان جي سمورن ڏيکن، جوهر، هيئت، مواد، انهن جي وچ ۾ لڳ لاڳاپي، اثرن، نتيجن ۽ سببن کي سمجهي سگهي ٿو.

ماڻهو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي جاءِ ۽ حيثيت کي، پنهنجي راڄ ۽ ان جي شڪل شبيهہ کي جاچي ٿو، پنهنجو مقصد مقرر ڪري ٿو، حياتيءَ جي عمل، جيئاپي کي سمجهي ٿو، ڪيميائي، طبعي، مشيني، راڄوٽي تبديلين کي سمجهي ٿو، انهن وسيلي هو نوان نوان اپياسَ، کوجنائون ۽ ايجادون ڪري ٿو ۽ وس پڄي سٺيون تبديليون آڻي ٿو، پنهنجي راڄ ۽ فطرت کي پنهنجي فائدي ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

مادي جي ڦيرڦار سبب ڌرتي آهي، ڌرتيءَ تي مادي جي ڦيرڦار سبب ساهوارو آهي، ساهواري ۾ ساهپري (جيئري) ڦيرڦار سبب سمجهہ آهي، سمجهہ هڪ جيئري، ڳتيل، ڏاڍي منظم مادي دماغ، ۽ اهو بہ ماڻهوءَ جي دماغ، جي ڪرت آهي، سمجهہ کان سواءِ دماغ موجود ٿي سگهي ٿو پر دماغ، ساهواري ۽ مادي کان سواءِ سمجهہ جو ڪو بہ وجود نہ ٿو ٿي سگهي. مادو اول آهي ۽ سمجهہ پوءِ، سمجهہ مادي جي محتاج آهي، مادو سمجهہ جو محتاج ناهي، اهو پاڻ مرادو، وَس وارو وجود رکي سگهي ٿو.



# اداري پاران ڇپايل ڪتاب

| | |
|---|---|
| 1ـ ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ – 2005ع جامي چانڊيو | 60/ـ |
| 2ـ رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون | |
| سياسي ادب (ڀاڱو پهريون جلد 1) ـ 2005ع | 600/ـ |
| 3ـ تنهن پاڙيءَ پُنا ڏينهڙا (رياستي بحران ۽ قومي سوال 2006ع) جامي چانڊيو | 100/ـ |
| 4ـ رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون | |
| سياسي ادب (ڀاڱو پهريون جلد 2) ـ2006ع | 600/ـ |
| 5ـ ڪٿا اُپ ڪٿا ـ ڪهاڻيون (2007ع) ڊاڪٽر تهمينہ مفتي | 120/ـ |
| 6ـ تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو (2007ع) جامي چانڊيو | 500/ـ |
| 7ـ رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون | |
| سياسي ادب (ڀاڱو پهريون جلد 3) ـ 2007ع | 600/ ـ |
| 8ـ ٽہ ماهي ”فريڊم“ (فيبروري- اپريل 2007ع) ايڊيٽر: جامي چانڊيو | 100/ـ |
| 9ـ جمهوريت، صحافتي اخلاقيات ۽ ميڊيا (2007ع) جامي چانڊيو | 50/ـ |
| 10ـ سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي (2007ع) محمد ابراهيم جويو | 50/ـ |
| 11ـ معلومات تائين رسائي ۽ بهتر انتظام ڪاري (2007) مظهر لغاري | 30/ـ |
| 12ـ امن ۽ انساني حق (2007ع) ترتيب: ارشاد لغاري | 40/ـ |
| 13ـ ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ (ڇاپو ٽيون) 2007ع جامي چانڊيو | 80/ـ |
| 14ـ ٽہ ماهي ”فريڊم“ (مئي-جولاءِ 2007ع) ايڊيٽر: جامي چانڊيو | 150/ـ |
| 15ـ سُپيريان جي ڳالهڙي (سفرنامو) 2007، نصرت ف-م لاشاري | 50/= |
| 16ـ نوجوانن ڏنهن (2007) پرنس پيٽر ڪروپاٽڪن | 30/= |
| 17ـ ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا (2007) جامي چانڊيو | 80/= |
| 18ـ ٽہ ماهي ”فريڊم“ (آگسٽ – آڪٽوبر 2007ع) ايڊيٽر: جامي چانڊيو | 150/ـ |
| 19ـ ٽہ ماهي ”فريڊم“ (نومبر– جنوري 08ـ2007) ايڊيٽر: جامي چانڊيو | 150/ـ |
| 20ـ شعور (2008ع) ڊاڪٽر محبت ٻرڙو | 80/ـ |
| 21ـ جدلي ماديت جا بنيادي اُصول (2008) سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو | 100/ـ |
| 22ـ ادب، سياست ۽ سنڌي سماج (چونڊ فڪري ليڪچر) جامي چانڊيو | |
| 23ـ سنڌ منهنجي خوابن جي (مئي 2008) محمد ابراهيم جويو | 100/ـ |

**وي پي گهرائڻ لاءِ:**

**شفيع برهماڻي (سرڪيوليشن مئنيجر)**

0333_7078915, 022_2652401